آزمائشي اشاعت

# مذهبي تعليمات

## ستين ڪلاس لاءِ

(نئين نصاب مطابق)

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

ڇپيندڙ : نيو نوبل بُڪس ڪراچي.

سڀئي حقَ ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.

تيار ڪندڙ: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو
منظور ٿيل: صوبائي محڪمہ تعليم و خواندگي ، حڪومت سنڌ
مراسلہ نمبر: سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبر SO(C)SELD/STBB-18/2021، مؤرخہ: 30 مارچ 2021 موجب سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ اَخلاقيات جو واحد درسي ڪتاب
ڪتابن جي ڇنڊڇاڻ جي صوبائي ڪميٽي ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، ڄام شورو جو ڇنڊڇاڻ ٿيل

نگرانِ اعلىٰ: پرويز احمد بلوچ (چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ)

نگران: عبدالباقي ادريس السندي

ليکڪَ:
پونجراج ڪيسراڻي
نياز احمد راڄپر
پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ

## صوبائي جائزه ڪميٽي

* انجنيئر اي ايل جگرو
* ڊاڪٽر چمن منشا
* عبدالباقي ادريس السندي
* جيون منشا روپاڻي
* چيتن داس ميگهواڙ
* نکت سنگهہ سوڍو
* پروفيسر محمد وسيم مغل

ڇپيندڙ: هي ڪتاب حميد پرنٽنگ پريس، ڪراچي ۾ ڇپيو.

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| باب پهريون: مذهبن جو تعارف | 1 |
| 1. فنونِ لطيفه ۾ مذهبن جو ڪردار | 2 |
| 2. ادب ۾ مذهبن جو ڪردار | 7 |
| 3. عمارت سازي ۾ مذهبن جو ڪردار | 13 |
| 4. زرتشت مذهب جو تعارف ۽ ترقي | 19 |
| 5. زرتشت مذهب جا اهم تصور | 24 |
| باب ٻيو: سماجي ۽ اخلاقي قدر | 30 |
| 1. قومي تعمير ۾ وقت جي پابنديءَ جو ڪردار | 31 |
| 2. ٻين سان نعمتون ونڊڻ | 35 |
| 3. ايمانداري ۽ سچائي | 39 |
| 4. پاڙي ۾ رهڻ جا اصول | 44 |
| 5. ٽريفڪ جا قاعدا ۽ قانون | 50 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| **باب ٽيون: سماجي آداب** | 56 |
| 1. رابطو ۽ ان جا طريقا | 57 |
| 2. مواصلاتي رابطو | 62 |
| 3. زبان ذريعي رابطو | 68 |
| **باب چوٿون: اهم شخصيتون** | 71 |
| 1. حضرت رابعہ بصري | 72 |
| 2. زرتشت | 77 |
| 3. مقدس توما حواري | 82 |
| **باب پنجون: مذهبي ڏڻ** | 87 |
| 1. عيد الاضحیٰ | 88 |
| 2. ايسٽر | 92 |
| 3. هولي | 96 |
| 4. نو روز | 100 |

باب پهريون

# مذهبن جو تعارف

**تدريسي معيار**

هن باب جي پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي تہ اهي:

- فنونِ لطيفہ، ادب ۽ عمارت سازي جي واڌاري ۾ مذهبي ڪردار بابت ٻڌائي سگهندا.
- زرتشت مذهب جي حوالي سان مذهبن جي ترقي بيان ڪري سگهندا.
- زرتشت مذهب جي مقدس ڪتابن کي ڄاڻي سگهندا.
- زرتشت مذهب جي مذهبي سکيائن بابت بيان ڪري سگهندا.

شروعاتي وقت کان ئي ماڻهن جو اهو عقيدو رهيو آهي تہ هن دنيا ۾ ڪا مٿانهين هستي ضرور موجود آهي، جيڪا انهن جي حفاظت ڪري رهي آهي. اها هستي انساني سوچ ۽ هن دنيا جي سموري مخلوق کان مٿانهين آهي ۽ هن دنيا جو نظام هلائي رهي آهي، جيڪا سدائين زندهہ آهي ۽ مٿانئس ڪڏهن بہ موت نہ ايندو ۽ ڪائنات جي پيدائش کان ڪجهہ عرصو بعد مالڪِ حقيقيءَ انسانن کي ڌرتيءَ تي پنهنجي ٻانهپ لاءِ پيدا فرمايو ۽ سندن لاءِ انساني زندگيءَ جي مقصد ۽ زندگي گذارڻ جي قيمتي اصولن تي ڪاميابيءَ سان هلڻ لاءِ پنهنجي هدايت جو سلسلو شروع ڪيو ۽ هن دنيا ۾ پنهنجا سچا رهنما موڪليائين، جن مالڪِ حقيقيءَ جي حڪم سان انسانن تائين پنهنجي مالڪ جو فرمان پهچايو ۽ انهن جي ذهني، روحاني، اخلاقي، جسماني ۽ عقلي طاقتن کي وڌائڻ ۾ انهن جي رهنمائي فرمائي جنهن جي روشنيءَ ۾ مذهبن جي بانيڪارن يا انهن جي پوئلڳن ان تعليم کي وڌايو ۽ ٻين ماڻهن تائين ڦهلايو. اهڙي ريت دنيا ۾ مختلف مذهبن جو بنياد پيو جن مان زرتشت مذهب بہ هڪ آهي.

هن باب ۾ فنونِ لطيفہ، ادب ۽ عمارت سازي ۾ مذهبن جي ڪردار سان گڏ زرتشت مذهب جو تفصيلي تعارف ڏنو ويو آهي.

# فنونِ لطيفہ ۾ مذهبن جو ڪردار

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا تہ اهي:
- فنونِ لطيفہ جي وصف ٻڌائي سگھندا.
- فنونِ لطيفہ جي واڌاري ۾ مذهبن جي ڪردار کي ڄاڻي سگھندا.

## فنونِ لطيفہ جو مفهوم:

فنون، فن جو جمع آهي جنهن جي معنىٰ هنر، حرفت ۽ ڪاريگري آهي. جڏهن تہ لطيف، باريڪ ۽ وڻندڙ شي کي چئبو آهي.

فنونِ لطيفہ مان مراد انساني جذبن، ڪيفيتن ۽ سوچن کي اظهار جو لباس ڏيندڙ انسانن جا اهي هنر ۽ حرفتون آهن، جن سان ماڻهن کي ورونهن ۽ خوشي ملندي آهي ۽ سندن روح، ذهن ۽ جسماني عضوا مشاهداتي سرور محسوس ڪندا آهن، رقص، موسيقي، مصوري، خطاطي، شعروشاعري، سنگ تراشي، عمارت سازي، فلم سازي، فوٽو گرافي ۽ رڌ پچاءَ اچ ڪلهہ فنونِ لطيفہ شمار ڪيا وڃن ٿا. پر اڳيئن دور ۾ صرف، موسيقي، مصوري، شاعري، سنگ تراشي ۽ رقص کي شمار ڪيو ويندو هو.

## فنونِ لطيفہ جي واڌاري ۾ مذهبن جو ڪردار:

”فنونِ لطيفہ انسان جي فطري صلاحيتن جي اظهار جو ذريعو آهي، جيڪو انسان جي ذهني، جذباتي ۽ روحاني سوچن کي ظاهر ڪري ٿو. فنونِ لطيفہ ۾ مصوري، شاعري، موسيقي ۽ مجسمي سازي، ادب، خطاطي، چنسالي، لوڪ ناچ ۽ هٿ جا هنر وغيره شامل آهن“.



**مسيحيت:** مسيحيت ۾ مصوريءَ جي فن جي حوالي سان تمام گھڻو ڪم ٿيو آهي. انهن جون مذهبي عبادت گاهون ”گرجاگھرن“ (Churches) جي نالي سان سڃاتيون وڃن ٿيون، جيڪي من کي موهيندڙ ۽ خوبصورت اڏاوت جو نمونو آهن.

گرجاگھرن جا منظر ڏسڻ جي لائق آهن ۽ انهن جي چٽسالي اڪين کي وڻندڙ ٿئي ٿي.

مسيحيت ۾ موسيقيءَ جي فن کي ترقي ملي ۽ گرجاگھرن ۾ موسيقيءَ جي سازن جي استعمال جي ڪري ڪيترائي ساز ٺاهيا ويا. مسيحي فنڪارن پنهنجي مذهب کان متاثر ٿي پنهنجي مذهبي عقيدن جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي.



**اسلام:** مسلمانن پنهنجن جذبن ۽ احساسن جي اظهار لاءِ خطاطي، جِلد سازي، گُلڪاري ۽ چٽساليءَ کان سواءِ مذهبي اڏاوتن جي تعمير ۾ اسلامي اڏاوت (Islamic Architecture) جي فن کي اختيار ڪيو. اسلام فنونِ لطيفه جي اعتبار سان به مختلف روين کي اپاريندي نظر اچي ٿو. مسلمانن پنهنجي مذهبي ڪتابن کي نقل ڪرڻ وقت خطاطيءَ کي استعمال ڪندا هئا. اڄ به ڪيترن ئي ڪتب خانن ۾ اهي علمي ڪتاب موجود آهن.



**هندو ڌرم / سناتن ڌرم:** هندو ڌرم ۾ موسيقيءَ جي فن سان گڏوگڏ ”نِرت“ يعني رقص جي اجازت پڻ آهي. ان کان سواءِ مجسمي سازي به ان مذهب جي خاص حصي طور ظاهر ٿئي ٿي. هندوئن جي عبادت گاهه مندر آهي، جنهن جي اڏاوت مجسمن جي شڪل ۾ نظر ايندي آهي. هندوئن جي مندرن ۾ مجسمن ۽ تصويرن کان سواءِ ٿنڀن ۽ پٿين تي چٽسالي به فنونِ لطيفه جا بهترين نمونا آهن، جن سان انهن جي مذهبي عقيدن جي عڪاسي ٿيندي آهي.

**ٻڌ ڌرم:** ٻُڌ ڌرم ۾ به فنونِ لطيفه کي گھڻي مشهوري مليل آهي. ٻڌ ڌرم جي باني مهاتما گوتم ٻڌ جي زندگيءَ جي مختلف دؤرن کي مجسمن ۽ مصوريءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ٻڌ مذهب جي عبادت گاهن ۾ اسٽوپا (Stupa)، پگوڊا (Pagoda)، خانقاهون (Monastery) شامل آهن، جن جي اڏاوت ۾ گھڻي خوبصورتي ۽ ڪاريگري نظر اچي ٿي، جيڪا فنونِ

لطيف جو هڪ خوبصورت اظهار آهي.

ٻڌ ڌرم جي نشانين مان هڪ نشاني ڦيٿو (Wheel) آهي، جيڪو اٺن حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪو ٻڌ ڌرم ۾ اٺن درجن جي نمائندگي ڪري ٿو، جنهن موجب ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ پنهنجي زندگيءَ ۾ صحيح خيالن، صحيح ارادن رکڻ، سچ ڳالهائڻ، صحيح عمل ڪرڻ، صحيح روزي ڪمائڻ، صحيح جاکوڙ ڪرڻ ۽ درست سوچ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.




**سک ڌرم:** سکن وٽ بت پرستي ناهي ڪئي ويندي، انهيءَ ڪري انهن جي عبادت گاهن يعني گُردوارن ۾ گهڻي ڀاڱي مُصوّري ۽ فوٽوگرافيءَ جو فن ملي ٿو، جنهن ۾ بابا گرونانڪ ديوجي ۽ ٻين گروئن جي باري ۾ معلومات ملي ٿي. ان کان سواءِ جنگي منظرن جي مصوريءَ جا نمونا خاص طور تي سک مذهب ۾ ملن ٿا.



**هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:**

انساني جذبن کي اظهار جي روپ ۾ آٽينڌڙ مصوري، موسيقي، شعر و شاعري، سنگ تراشي ۽ رقص جهڙا فن ۽ حرفتون عوام جي خوشي ۽ رونقن جو سبب هوندا آهن، تن کي فنونِ لطيفہ سڏيو ويندو آهي.

دنيا جي سيني مکيہ مذهبن جهڙوڪ: مسيحيت، اسلام، هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم ۽ سک ڌرم فنونِ لطيفہ جي واڌاري ۾ جوڳو ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن جو اثر هر مذهب جي تعليمات ۾ نظر اچي ٿو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. فنونِ لطيفه مان ڇا مراد آهي؟
2. رقص جي حوالي سان ڪهڙا مذهب مشهور آهن؟
3. موسيقي بابت مسيحيت، سناتن ڌرم ۽ سک ڌرم جو ڪردار بيان ڪريو.
4. اسلام جو فنونِ لطيفه ۾ ڪهڙو ڪردار آهي؟
5. اڳ ۾ فنونِ لطيفه ڪهڙين پنجن ڳالهين تي مشتمل هو؟

(ب) صحيح بيان تي "✓" ۽ غلط بيان تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. اڄ ڪلهه رڌ پچاءَ، فلم سازي، عمارت سازي ۽ فوٽوگرافي به فنونِ لطيفه ۾ شامل آهن. | | |
| 2. مسلمانن خطاطي، جِلد سازي، چٽسالي ۽ اسلامي فن عمارت سازي کي اپنايو. | | |
| 3. فنونِ لطيفه ۾ جنگي هٿيار به شمار ٿين ٿا. | | |
| 4. "نرت" جي معنىٰ روزو رکڻ. | | |
| 5. ٻُڌ ڌرم جي نشانين مان هڪ ڦيٿو به آهي. | | |

(ج) صحيح جواب تي "✓" جو نشان لڳايو

1. هُنر، حرفت ۽ ڪاريگريءَ کي سڏجي ٿو:

(الف) فن (ب) علم
(ج) ٽيڪنالاجي (د) سائنس

2. لفظ "لطيف" جي لغوي معنىٰ آهي:

(الف) وڏو (ب) باريڪ
(ج) ننڍو (د) ٿلهو

3. "سنگ تراشي" جو مطلب آهي:

(الف) لوهه ڪٽڻ (ب) ڪاٺي ڪٽڻ
(ج) پٿر ڪٽڻ (د) گاهه ڪٽڻ

4. لفظ "فنون" جمع آهي:

(الف) فاني جي (ب) فني جي
(ج) فون جي (د) فن جي

5. ”نرت“ جو مطلب آهي:

(الف) راڳ (ب) جُهمر

(ج) رقص (د) آلاپ

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون هيٺين عنوانن تي چارٽ ۽ اسائيمنٽ تيار ڪن:

1. مڪيہ مذهبن ۾ موسيقي. 2. مڪيہ مذهبن ۾ مصوري.

## استادن لاءِ هدايتون

فنونِ لطيفہ مان هر هڪ فن جي وضاحت مثالن سان سمجهايو ۽ ان جي تياري لاءِ تصويرن ۽ ويڊيوز مان مدد ورتي وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حرفتون | هنر | چٽسالي | نشان ڏيڻ |
| ورونهن | رهاڻ | خطاطي | لکت |
| سرور | سڪون، خوشي | جِلد سازي | جِلد ٻڌڻ |
| رقص | ناچ | بُت پرستي | بُتن جي پوڄا |
| مصوري | چترڪاري | روپ | انداز |
| جوڳو | جهڙو، مناسب | سنگ تراشي | پٿر چٽڻ، گهڙڻ |
| مجسمي سازي | مورتي ناهڻ | | |

# ادب ۾ مذهبن جو ڪردار

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- ادب جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- ادب جي واڌاري ۾ مذهبن جو ڪردار ڄاڻي سگهندا.

**ادب جو مفهوم:** ادب عربي ٻولي جو لفظ آهي. جنهن ڪي سنڌي ۾ ساهت چئجي ٿو. انسان پنهنجي امنگن، ويچارن، تجربن يا افڪار جو اظهار جڏهن لکت جي صورت ۾ ڪري ٿو ته ان کي ساهت يا ادب سڏجي ٿو. جنهن جا ٻه روپ آهن، هڪ نثري ادب ٻيو نظمي ادب جنهن کي شعر و شاعري به چئبو آهي.

**ادب جي واڌاري ۾ مذهب جو ڪردار:** ادب جي گهڻن ئي قسمن مان هڪ قسم صوفياڻي شاعري به آهي، جنهن ۾ انسان روحاني احساس ۽ رشتي جي ذريعي مالڪِ حقيقيءَ سان تعلق پيدا ڪندي، پنهنجو پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ٿو. عام طور تي صوفياڻي شاعري پوئلڳن کي پنهنجي مذهب ۽ مالڪِ حقيقيءَ سان ويجهڙائپ حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. جيئن ته مالڪِ حقيقي ۽ ٻانهن جي وچ ۾ روحاني ميلاپ ۽ لطيف احساس کي عام زبان ۾ بيان ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي، انهيءَ ڪري صوفياڻي شاعريءَ جي مدد سان ان کي پيش ڪبو آهي.

**مسيحيت:** مسيحيت ۾ حضرت يسوع مسيح عليه السلام جي ذات ۽ اخلاقيات بابت شعر و شاعري ڪيترن ئي شاعرن ڪئي آهي. جن ۾ دانتي (Dante)، وليم بليڪ (William Blake)، بوئٿيس (Boethius) ۽ ورڊز ورٿ (Words Worth) مشهور آهن. انهن شاعرن ماڻهن کي انسانيت، اخلاقيات ۽ مذهبي عقيدن جي باري ۾ آگاهه ڪيو. خاص طور تي بوئٿيس بائيبل مقدس جي تعليمات کي پنهنجي شاعريءَ جو مرڪز بڻايو ۽ ماڻهن جي رهنمائي ڪئي.

پيارا ٻارؤ! مسيح مهربان آ،
پنهنجا ڏک ڪيس ڪولي ٻُڌايو،
ننڍن ٻارن کي سِڪ مان سڏي ٿو،
کهڙي وڻندڙ آ هن جي کهاڻي،
جيئن ريڊار رڍون ٿو سنڀالي،

ٻالڪن جو سَدا نگهبان آ.
سيني ڏکين تي هو مهربان آ.
ڏاڍي منٺڙي ته هن جي زبان آ.
سهڻي بائيبل ۾ ساري بيان آ.
تيئن ٻارن جو هُو نگهبان آ.

**اسلام:** اسلام اهڙي شاعريءَ کي همٿائي ٿو، جنهن ۾ مالڪِ حقيقي ۽ ان جي رسول حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ (حضرت محمد الله تعالىٰ جو رسول آهي ۽ الله تعالىٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي، سندن (صلي الله عليه وسلم) ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڀڱورن رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعالىٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي.) جي تعريف ڪئي وئي هجي. ان کان سواءِ جنهن شاعريءَ ۾ اسلامي عقيدن، توحيد، اخلاقيات ۽ انسانيت جو سبق ڏنو ويو هجي، ان کي بہ پسند ڪري ٿو. انهن موضوعن تي مسلمان شاعرن جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو بي مثال آهي.

حقيقت ۾ صوفياڻي شاعريءَ جي سڃاڻپ انهن شاعرن ئي ڪرائي آهي. صوفياڻي شاعريءَ جي صنف ماڻهن ۾ گهڻي مشهور آهي. جيڪا حمد، نعت، مولود شريف، منقبت، مناجات جي عنوانن سان خاص سڃاڻپ رکي ٿي. ان لاءِ عوامي طور تي شاعراڻيون محفلون مچايون وينديون آهن، جنهن ۾ شاعر پنهنجو ڪلام پيش ڪندا آهن. صوفياڻي شاعريءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام هن ريت آهي:

اَوَلُ اللهُ عَلِيمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڌڻي،
قادِرُ پنهنجي قُدرتَ سين، قائم آهي قديمُ،
والِي، واحِدُ، وحده، رازِقُ، ربُ، رَحِيمُ،
سو ساراهِ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيمُ،
ڪري پاڻ ڪريمُ، جوڙون جوڙَ جهانَ جي!

(سُر ڪلياڻ)

**هندو ڌرم/سناتن ڌرم:** هندوئن جي مذهبي ڪتابن رامائڻ، مهاڀارت ۽ ڀڳود گيتا ۾ شعرن جي صورت ۾ پرماتما يعني مالڪِ حقيقيءَ جو پيغام ڏنو ويو آهي. انهن ڪتابن ۾ انهن جي ديوتائن جي زندگي، سندن فرمان ۽ مذهبي عقيدا شعرن جي صورت ۾ هر پڙهندڙ جي دل تي اثر ڪن ٿا. اهي شعرَ سيني عبادت گاهن يعني مندرن ۽ پوئلڳن جي گهرن ۾ بہ پڙهيا ويندا آهن. هندو ڌرم جي اهم شاعرن: ڪالي داس، ڀڳت ڪبير، ياشا جي مشهور شاعر گوسوامي تلسي داس وغيره هندو ڌرم جي اصلاحي پاسن کي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو تہ جيئن عام ماڻهن تائين اهو پيغام پهچي ۽ ماڻهو مالڪِ حقيقيءَ جي حقيقت کي سڃاڻن. شريمد ڀڳود گيتا ۾ آهي:

هي اَرجن! رهِي جي رَتَل مون ۾، مون کي ڪرم ڪن تا اَرپن،
۽ اِڪ مَنو تي، اِڪ مون ۾ ئي سي، ڌيان تا ڌرن.
مون کي چت چورين، سگڻ روپ منهنجو تا سمرن،
سي هِن مرتيوُ سنسار روُپي ساگر مان تري پار پون!

(شريمد ڀڳود گيتا باب: 12 شلوڪ 6 ۽ 7)

شلوڪن جي معنيٰ:

”جيڪي پنهنجن سمورن ڪمن کي منهنجي حوالي ڪندي پوڄا ڪن تا ۽ پنهنجن خيالن کي مون تي قائم رکن تا. اي ادا! آءُ اهڙن سيني ماڻهن کي ڇوٽڪارو ڏيڻ وارو آهيان“.

**ٻڌ ڌرم:** ٻڌ ڌرم ۾ تصوّف جو ذڪر عام آهي، جيڪو صوفياڻي شاعريءَ سان لاڳاپيل آهي. ٻڌ ڌرم جا پيروڪار مهاتما ٻڌ جي نقش قدم تي هلندي، ڪجھ وقت لاءِ گوشہ نشيني اختيار ڪندا آهن، تہ جيئن ان عرصي ۾ هو يڪسو ٿي، ان حقيقت کي ڄاڻين تہ سندن زندگيءَ جو مقصد ڪهڙو آهي.

انهن وٽ پنهنجو پاڻ کي دنيا کان الڳ ٿلڳ ڪري، حق جي واٽ تلاش ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪرڻ جو سبق پڻ ملي ٿو. انهيءَ سوچن جو ذڪر ٻڌ ڌرم جي مڃيندڙ هڪ شاعر ازوموشڪ بو (974- 1034ع) هن ريت بيان ڪري ٿو:

ترجمو: ”جيئن هڪ ڪمري جو دروازو اندران بند هجي، تہ جيئن هوا، مٽي ۽ دز اندر نہ داخل ٿئي، اهڙيءَ طرح پنهنجي دل کي ان حقيقت سان ٻڌي ڇڏ تہ ان ۾ دنيا جو خيال، ان جي محبت، ڪاوڙ، لالچ وغيره داخل نہ ٿي سگهي“.

**سک ڌرم:** سک ڌرم ۾ شاعريءَ تي ڪابہ پابندي ناهي. سکن جي مذهبي ڪتاب گرو گرنٿ صاحب جي اٽڪل 5000 ڪان وڌيڪ شبدن تي مشتمل آهي، جن کي اهي ”شَبد ڪيرتن“ چون ٿا. انهن کي صبح ۽ شام پڙهيو ويندو آهي. انهن شبدن ۾ بابا گرو نانڪ ديوجي سان گڏ ٻين گروئن، هندو سنتن، مهاتمائن ۽ مسلمان صوفي شاعر بابا فريد جا ڪلام بہ شامل آهن. ”جپ جي“ جو نمونو:

ترجمو: سچو آ هي صاحب سچو — سچو ان جو نالو سدا
سچو نالو بيان ڪن هو — جنهن جو اُلفت ڪم سدا
دنيا گهري، داتا بخشي — جيڪو گهرو، هر ڀيري ملي
پيش ڪريون دربار ۾ ڇا تحفو — جنهن سان ديدار ملي

وات مان وائي ڪيڊي چا بندو
نور جا تڙڪا سچو نالو ۽ شان
ٻاجهه سان هجي پوشاڪ بَدن جي
هر جاءِ آهي هو پاڻ ئي سچو

جنهن سان مالڪ پيار ڪري
اها سوچ ۽ ويچار ڪري
رحم سان مُڪتي، دوارا اچن
نانڪ اصل حقيقت پائي

(بابا گرو نانڪ- جپ جي- پوڙي: 4)

### هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

ادب کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ”ساهت“ چئبو آهي، پنهنجي تجربن، احساسن ۽ فڪر کي جڏهن ماڻهو لکت جو روپ ڏيندو آهي تہ اهو ادب ليکبو آهي. ادب، نثر ۽ نظم ۾ ورهائجي ٿو، ادب جو هڪ اهم حصو مذهبي صوفياڻي شاعري بہ آهي، هر مذهب ۾ اهڙي صوفياڻي شاعري جو رواج موجود رهيو آهي، جنهن ذريعي عوام کي دلي سڪون ۽ مذهب سان عقيدت وارو جهان ملي ٿو.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. ادب ڇا آهي ۽ ان جا ڪيترا قسم آهن؟
2. مذهب ادب جي واڌاري ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي؟
3. هندو ڌرم/سناتن ڌرم ۽ ٻُڌ ڌرم جي شاعري بابت مثال ڏيو.
4. ”جپ جي“ ڇا آهي؟
5. مسحيت جي مشهور مذهبي شاعرن جا نالا بيان ڪريو.

### (ب) مناسب لفظن سان هيٺيان خال پريو:

1. گرو گرنٿ صاحب جي جا شبد ڪيرتن ________ ۽ ________ پڙهيا ويندا آهن.
2. اسلامي شاعري ۾ ________، توحيد ۽ ________ جو سبق ڏنو ويندو آهي.
3. پيارا ٻارو! ________ مهربان آهي، ٻالڪن جو سدا نگهبان آهي.
4. ٻُڌمت جا پيروڪار ________ جي نقش قدم تي هلندا آهن.
5. هندو ڌرم/سناتن ڌرم جا اهم شاعر ________ ۽ گوسوامي تلسي داس آهن.

(ج) صحيح جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو

1. سنڌي ۾ ادب کي سڏبو آهي:

(الف) شاعري (ب) ڪھاڻي

(ج) نظم (د) ساھت

2. گرو گرنٿ صاحب جي جي شبدن کي سڏبو آهي:

(الف) سچا شبد (ب) شبد ڪيرتن

(ج) شبد پچن (د) شبد

3. ”اول الله عليم اعلیٰ عالم جو ڌڻي“ شاعر جو نالو آهي:

(الف) بابا گرو نانڪ (ب) دانتي

(ج) شاھ عبداللطيف ڀٽائي (د) سچل سرمست

4. ٻُڌ مت ۾ شاعر جنھن ڪيفيت ۾ ويھي شاعري ڪندا آھن اھا سڏجي ٿي:

(الف) پوڄا (ب) عاجزي

(ج) ڪٿن جستجو (د) گوشہ نشيني

5. لفظ ”ادب“ ٻولي جو آهي:

(الف) عربي جو (ب) سنڌي جو

(ج) سنسڪرت جو (د) اردو جو

## شاگردن ۽ شاگرديائڻين لاءِ سرگرمي

مکيہ مذھبن جي ادب مان چونڊ مذھبي شاعري کي پنھنجي پنھنجي چارٽن تي لکي اچن ۽ ڪلاس ۾ استادجي نگراني ۾ ساٿين اڳيان پيش ڪن.

## استادن لاءِ ھدايتون

شاگردن کي ادب بابت مذھبن جي ڪردار بابت مذاڪرو ڪرايو وڃي، جنھن ۾ ھر ھڪ مذھب جي مذھبي شاعري ۽ ان جي واڌاري بابت نتيجو ڏيکاريو وڃي. ان لاءِ ويڊيو ۽ آڊيو سان گڏ ڪتابن مان استفادو ڪيو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| ساهت | ادب، لکڻ پڙهڻ | منقبت | ماڻهوءَ جي تعريف |
| امنگ | اميد | مناجات | دعاءِ |
| اصلاح | سڌارو | شبد | آواز، اکر |
| تصوف | صاف ٿيڻ | کيرتن | پڳتي، بندگي |
| نقش قدم | پيروي | سنتن | ساڌو |
| گوشه نشيني | کنارو اختيار ڪرڻ | دربار | اڱڻ |
| ريدار | رڍن چارڻ وارو | الفت | محبت |
| صنف | قسم | مُڪتي | ڇوٽڪارو |
| استفادو | فائدو پرائڻ | | |

# عمارت سازيءَ ۾ مذهبن جو ڪردار

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا تہ اهي:

- عمارت سازي جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- عمارت سازي جي واڌاري ۾ مذهبن جو ڪردار ڄاڻي سگهندا.

## عمارت سازي جو مفهوم:

جڳهن، عمارتن ۽ رهائش گاهن کي ڊزائين ڪري، جوڙڻ ۽ سينگاري تيار ڪرڻ جي علم کي عمارت سازي يا آرڪيٽيڪچر چيو ويندو آهي. جديد دؤر ۾ هن فن تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي جنهن ڪري عمارتون جلد ۽ تمام خوبصورت ناهي سگهجن ٿيون. دنيا جو سڀ کان وڏو برج خليفہ آرڪيٽيڪچر جو هڪ اهم شاهڪار آهي.

## عمارت سازي جي واڌاري ۾ مذهبن جو ڪردار:

مذهبي عبادتن جي پوئواري ۽ ريتن رسمن کي سر انجام ڏيڻ لاءِ خاص جڳهہ يا عبادت گاهہ جي ضرورت هوندي آهي، انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي سيني مذهبن جي مڃيندڙن اڏاوت جي فن ۾ دلچسپي ورتي ۽ اهڙيون عمارتون جوڙيون، جن ۾ انهن جي مذهب جو ڏيک واضح طور محسوس ڪجي ۽ اسين سولائيءَ سان سڃاڻي سگهون تہ هيءَ عمارت، مندر آهي يا مسجد، گُردوارو آهي يا گِرجاگهر.

**مسيحيت:** مسيحي مذهب جي ماهرن عمارتن جي اڏاوت جي دوران پنهنجي مذهبي عقيدن جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. انهن ۾ سڀ کان اهم انهن جا گرجاگهر آهن، جن کي خاص انداز سان تيار ڪيو ويندو آهي. انهن عمارتن ۾ حضرت يسوع مسيح عليہ السلام ۽ حضرت مقدسہ مريم جون تصويرون ۽ مجسما لڳايا ويندا آهن. گرجاگهرن کان سواءِ قلعن، قبرستانن، سرڪاري عمارتن ۽ گهرن جي اڏاوت ۾ بہ صليب جي شڪل ۾ مذهبي جهلڪ نظر ايندي آهي.



**اسلام:** اسلامي اڏاوت جو فن ڏگهن مُنارن، ٽڪندن برجن، قبن ۽ سهڻن رستن جي ڪري مشهور آهي. جديد دؤر ۾ اسلامي اڏاوتن جي فن ۾ هيٺين ڳالهين جو خاص خيال رکيو ويندو آهي:



ڪشادگي، ڍانچو چٽسالي، روشني، نقل ۽ حرڪت جو خاص خيال رکيو ويندو آهي. عمارتن کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ خطاطي، چٽسالي، قدرتي منظر چِٽڻ، اُڪر جو ڪم،ڪاشي، ڪاتيءَ جو ڪم، مطلب تہ هر فن کي ملائي موهيندڙ اڏاوت تيار ڪئي ويندي آهي. اسلامي اڏاوتن جي فن جي اهم شاهڪارن ۾ مسجد الحرام (مڪ مڪرم)، مسجد نبوي (مدينه منوّره)، مسجد اقصىٰ ۽ بيت المقدس (فلسطين)، بادشاهي مسجد (لاهور)، شاليمار باغ (لاهور)، فيصل مسجد (اسلام آباد) شاهجهان مسجد (ٺٽو) وغيره ڏسڻ وٽان آهن، جن ۾ مذهبي عقيدن، خاص طور تي وحدانيت ۽ ڪشادگي ۽ بلنديءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

**هندو ڌرم/ سناتن ڌرم:** هندو ڌرم اڏاوتن جي ميدان ۾ بہ گهرا نقش ڇڏيا آهن. هندوئن



مندر، اسپتال، تعليمي ادارا، مهمان خانا وغيره اڏايا. مندرن جي اڏاوت ۾ بت تراشي، مجسمي سازي ۽ تصويرڪشي جا فن نهايت اعلىٰ حيثيت رکن ٿا. مغلن جي حڪومت واري دؤر ۾ ڏکڻ هندستان ۾ مدورا (Madhurai) شهر ۾ مندرن جا اوچا دروازا جوڙايا ويا، جيڪي پنهنجو مثال پاڻ آهن.



**ٻڌ ڌرم:** ٻڌ ڌرم بہ اڏاوتن جي ميدان ۾ انساني زندگيءَ تي گهرا اثر ڇڏيا آهن. ٻڌ ڌرم جي عبادت گاهن يعني استوپا، پگوڊا، خانقاهون ۽ پوئلڳن جون رهائشگاهون مذهبي عقيدن جي عڪاسي ڪن ٿيون. مهاتما ٻڌ جا مُجسّما، سنگ تراشي وغيره ٻڌ ڌرم جي اڏاوتن جي فن جون اهم

خصوصيتون آهن. مثال طور اسٽوپا کي ڏسو، جيڪو گوتم ٻڌ جي مجسمي وانگر آهي ۽ جنهن کي آڪاش، زمين، پاڻي، باهه ۽ هوا سان ڀيٽيو ويو آهي.

**سک ڌرم:** سک ڌرم جي پوئلڳن کي حڪومت هلائڻ جو تمام گهٽ موقعو مليو آهي، انهيءَ ڪري اهي اڏاوتن جي شعبي ۾ وڌيڪ ڪم ناهن ڪري سگهيا، پر گردوارن، حويلين، قلعن، سماڌين ۽ تعليمي ادارن ۾ سِکن جي اڏاوتن جو ڏيک نظر ايندو آهي. انهن عمارتن جا ٿنڀا، دريون، گنبذ ۽ مُنارا وغيره سهڻي اڏاوتن جي فن جو نمونو پيش ڪندا آهن.



گرو انگد ديوجي جي دور ۾ "سنگت" ادارو قائم ٿيو، جيڪو اڳتي هلي گردواري جو بنياد بڻيو. گرو رام داس جي امرتسر شهر وسايو ۽ اتي ئي بابا گرو نانڪ ديوجي جي تعليمات کي عام ڪيو. گرو ارجن ديوجي امرتسر ڍنڍ ۾ مرڪزي عبادت گاهه "هري مندر صاحب" جوڙايو، جنهن کي هاڻي "گولڊن ٽيمپل" چئبو آهي. هن هتي سک گروئن جون رهائش گاهون پڻ نهرايون جنهن کي "دربار صاحب" جو نالو ڏنو ويو.

گرو ارجن ديوجي راوي ۽ بياس دريائن جي وچ ۾ ترن تارن، ڪرتارپور ۽ هرگوبندپور شهر پڻ وسايا.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:

- جڳهن، عمارتن ۽ رهائش گاهن کي ڊزائين ڪري، جوڙڻ ۽ سينگاري تيار ڪرڻ جي علم کي فن عمارت سازي يا آرڪيٽيڪچر سڏجي ٿو.
- هر مذهب جي پيروڪارن اهڙين عمارتن کي جوڙڻ شروع ڪيو جنهن ۾ انهن جي مذهب جو ڏيک واضح طور محسوس ٿئي.
- مذهبن جي پوئلڳن مالڪِ حقيقيءَ جي ياد ۾ مظاهرِ قدرت کان متاثر ٿي، انساني هدايتن جي سرچشمن يعني سچن مذهبي رهنمائن سان محبت ڪرڻ جي سببان انهن جا مجسما ٺاهڻ شروع ڪيا ۽ ائين هن فن کي هٿي ملي جنهن جو عملي نمونو انهن جي عبادت گاهن مان به نظر اچي ٿو.

• اسلامي مذهب ۾ عمارتن ۽ مسجدن ۾ اسلامي طريقي کي اپنائيندي اڏاوتن جي فن ۾ هنر ڏيکاريا ويا آهن. خاص طور تي ڪشادگي، ڍانچو، چٽسالي، روشني ۽ اچ وڃ لاءِ نوان نوان طريقا ايجاد ڪيا ويا آهن.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. عمارت سازي جو مفهوم ڇا آهي؟
2. عمارت مان ڪنهن بہ مذهب جي سڃاڻپ ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟
3. هندو ڌرم/سناتن ڌرم جي مذهبي عبادت گاهن جون خاص نشانيون ڇا آهن؟
4. ٻُڌ ڌرم جي عمارتن جو خاصيتون ڪهڙيون آهن.
5. اسلام جي عمارت سازي جون منفرد خاصيتون ڇا آهن؟

(ب) صحيح جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو

1. مصوري، سنگ تراشي، رقص، شاعري ۽ موسيقي کي سڏجي ٿو:

(الف) ادب (ب) سائنس
(ج) آرٽ (د) فنونِ لطيفہ

2. بُرج خليفہ شاهڪار آهي:

(الف) فنونِ لطيفہ جو (ب) آرٽ جو
(ج) عمارت سازي جو (د) ادب جو

3. مجسما سازي مذهب جا حصا آهن:

(الف) يهوديت ۽ اسلام ۾ (ب) مسيحيت ۽ هندو ڌرم ۾
(ج) سک ڌرم ۽ زرتشت مذهب ۾ (د) ٻُڌ ڌرم ۾

4. سنگ تراشي جو مطلب آهي:

(الف) پٿر ڍوئڻ (ب) پٿر اڇلائڻ
(ج) پٿر پائڻ (د) پٿر تي چٽسالي ڪرڻ

5. سک مذهب جي عبادت گاهہ سڏجي ٿي:

(الف) گرجا گهر (ب) مندر
(ج) مسجد (د) گردوارو

(ج) هيٺين مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. اسلام بت پرستي جو قائل نہ آهي. | | |
| 2. فنونِ لطيفہ جي ذريعي انسان سوچن جو اظهار ڪندو آهي. | | |
| 3. آرڪيٽيڪچر جو مطلب آهي شعر و شاعري. | | |
| 4. عمارت سازي ادب جو قسم آهي. | | |
| 5. گرجا گهرن ۾ تصويرون ۽ مجسما لڳل هوندا آهن. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

ڪلاس ۾ هيٺين نڪتن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪن:

- مذهبن جا انساني زندگيءَ تي اثرَ.
- مذهب ۾ عبادت گاهہ جي اهميت.
- مکيہ مذهبن جو عبادت گاهون ۽ انهن جون خصوصيتون.

## استادن لاءِ هدايتون

- هڪ محفل جو اهتمام ڪيو وڃي، جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جا مختلف گروپ پنهنجي پنهنجي مذهب متعلق عمارت سازي جو جائزو پيش ڪن.
- شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي تہ اهي مذهبن جو تقابلي جائزو وٺن ۽ ڏسن تہ ڪهڙي مذهب فنونِ لطيفہ، صوفياڻي شاعري ۽ اڏاوتن جي ڪري ترقيءَ جا بلند درجا ماڻيا آهن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| اُسريل | اُپريل، ترقي ڪيل | وُسعت | ڪشادگي |
| عڪاسي | اولڙو | اُجاگر | روشن |
| چٽسالي | گلڪاري، نقاشي | يڪسوئي | اطمينان، دلجمعي |
| ڳاٽاٽو | شمار | اُڪر جو ڪم | قلم ڪاري |
| شاهڪار | وڏو ڪم | شهر و سائڻ | شهر آباد ڪرڻ |
| ڏيک | منظر | گنبذ | منارو |
| بت تراشي | مورتي ناهڻ | ايجاد ڪرڻ | نئين شيءِ ناهڻ |
| ٻارنهن دري | ٻارنهن دروازن جي هوادار جاءِ | صليب | مسيحيت جي خاص نشاني |

# زرتشت مذهب جو تعارف ۽ ترقي

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- زرتشت مذهب جا مکيہ نکتا بيان ڪري سگهندا.
- زرتشت مذهب جا اهم اصول بيان ڪري سگهندا.
- زرتشت مذهب جون اهم علامتون سڃاڻي سگهندا.
- زرتشت مذهب جي بڻ بنياد ۽ اوسر بيان ڪري سگهندا.

## زرتشت مذهب جا مکيہ نکتا:



زرتشت جي پيدائش کان اڳ ايران ۾ مظاهر پرستيءَ جو رواج هو. ايران جي ماڻهن جي ڪمائيءَ جو ذريعو زراعت هو. انهيءَ ڪري ايرانين اهڙن مظاهرِ فطرت جي پوڄا ڪئي، جيڪي انهن جي ڪُڙمت لاءِ ڪارائتا هئا. سج جي پوڄا انهيءَ ڪري ڪندا هئا، ڇاڪاڻ ته ان جي گرميءَ مان فصل پچڻ ۾ مدد ملندي آهي. زمين کي انهيءَ ڪري سجدو ڪندا هئا جو ان ۾ فصل پوکيو ويندو هو ۽ ان جي وڌڻ جو سبب بڻبو هو. اهڙيءَ طرح چنڊ، هوا ۽ باهہ جي پڻ پوڄا ڪئي ويندي هئي. البتہ ايرانين ۾ زرتشت جي اچڻ کان اڳ ڪجهہ خوبيون بہ هيون، جن ۾ سڀ کان وڏي خوبي اها هئي تہ ماڻهو ڪوڙ کان نفرت ڪندا هئا. ان کان سواءِ اهي قرضي ٿيڻ کان پڻ نفرت ڪندا هئا، ڇاڪاڻ تہ انهن وٽ قرضي بڻجڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪنهن بہ ئي ڏوهہ ڪرڻ جو ذريعو بڻبو هو.

هن مذهب جو باني‌ڪار زرتشت 660 ق.م ۾ اولهہ ايران ۾ پيدا ٿيو. ننڍپڻ ۾ ڪيس ڪيترن ئي علمن، مذهب، پوکي، مال ڌارڻ ۽ جراحت جي تعليم ڏني وئي. جوانيءَ جي زماني ۾ ئي هو پنهنجي ابن ڏاڏن جي مذهب کان غير مطمئن هو. هن پنهنجي قوم يعني آريائن کي مظاهر پرستيءَ کان روڪيو ۽ هڪ مالڪِ حقيقيءَ جو پيغام ڏنو.

## زرتشت مذهب جا اهم اصول:

زرتشت مذهب جا ٽي اهم اصول آهن جيڪي انسان جي سيرت ۽ ڪردار سان گڏوگڏ سندس شخصيت کي نمايان ڪرڻ ۾ اهم حيثيت رکن ٿا. جيڪي هي آهن:

- گفتار نيڪ: انسان کي پنهنجو ڳالهائڻ سنو ۽ باوقار رکڻ گهرجي. فضول ڳالهه، ڪوڙ ۽ بد اخلاقي سان تعلق رکندڙ گفتگو کان بچڻ لازم آهي.
- پندار نيڪ: انسان جي زبان ۽ عضون تي سڌو سنئون ڪنٽرول دماغ جو هوندو آهي. جيڪو سموري جسم کي هدايتن ڏيڻ سان گڏ سوچڻ جو ڪم بہ سرانجام ڏئي ٿو. تنهنڪري هر ماڻهو مٿان لازم آهي تہ پنهنجون سوچون بہ نيڪ ۽ سنيون رکي.
- ڪردار نيڪ: ڳالهائڻ بولهائڻ ۽ سوچڻ کان علاوه انسان کي دنيا ۾ ٻين ماڻهن سان معاملن ڪرڻ دوران پنهنجو ڪردار بہ درست رکڻ لازم آهي.

## زرتشت مذهب جون اهم علامتون:

هر مذهب پنهنجي نمايان علامتن ۽ نشانن سان سڃاتو ويندو آهي. جن جي اهميت تمام گهڻي هوندي آهي. جو تہ انهن سان ئي ان مذهب جي سڃاڻپ ٿيندي آهي. هن مذهب جون خاص علامتون هيٺيون آهن.



فروهر: زرتشت مذهب جي هي مکيہ علامت آهي. جيڪا هڪ گول ٽڪي ٻاهران پرن ۽ پڇ تي مشتمل آهي ۽ ان جي مٿان اِشوَر آهي. جيڪو زندگي ۽ ان ۾ ايندڙ نيڪي يا برائي جي عڪاسي ڪري ٿو.




پنجن جو انگ: زرتشت مذهب ۾ پنجن جو عدد زمين کان ويجهڙائپ رکندڙ سيارن ۽ ستارن جي عڪاسي ڪري ٿو. جيڪي، سج، چنڊ، عطارد، مريخ ۽ زهره آهن. جيڪي انساني زندگي جي مختلف وقتن تي خاص اثر وجهن ٿا.



مقدس باهہ: مقدس باهہ زرتشت مذهب جي بنيادي علامتن مان هڪ آهي جيڪا پاڪيزگي، سچائي ۽ اصليت جي علامت آهي. ان جو هر عبادت وقت موجود هجڻ لازم آهي.

## زرتشت مذهب جي اوسر:

ايران ۾ پيدا ٿيندڙ زرتشت جي فکر ۽ فلسفي تي مشتمل زرتشت مذهب هڪ قديم آريائي مذهب طور سڃاتو وڃي ٿو. جنهن کي زرتشت ازم، زرتشتيت، مزديسنا يا پارسيت بہ چوندا آهن. زرتشت مالڪِ حقيقي کي آهر مزدا جي تصور ۾ پيش ڪيو. جيڪو پيدا ڪندڙ مالڪ، عالم، غير فاني ۽ هر هنڌ موجود رهندڙ صفتن جو مالڪ آهي. هن مذهب جو ڪتاب گاٿا بہ ان ئي جي فڪر کي ظاهر ڪري ٿو. زرتشت جي وفات کان اڍائي صديون پوءِ سڪندر اعظم ايران تي ڪاهہ ڪئي ۽ اتان جي مذهبي ڪتابن کي ساڙي ڇڏيو. جڏهن تہ اهل علم ماڻهن مان ڪي جهنگ ۾ لڪي ويا. جن بعد ۾ يادگيري جي بنياد تي ڪتاب تيار ڪيا.

سڪندر اعظم کان بعد ايران جي ساساني دور ۾ هن مذهب چار سو سالن تائين ترقي ڏني پر وري 635ع ڌاري ايران جي زمين تي اسلام جي آمد کان بعد اهو مذهب محدود ٿي ويو. موجوده دور ۾ هن مذهب جا پوئلڳ ايران، آذربائيجان، ڀارت ۽ پاڪستان اندر جهجهي تعداد ۾ موجود آهن.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

زرتشت جي فڪر ۽ فلسفي تي مشتمل زرتشت مذهب ايران ۾ اسرندڙ هڪ مذهب آهي، جيڪو ڪيتري ئي عرصي تائين قديم ايران جو قومي مذهب رهيو آهي. ابتدا ۾ هن جا پوئلڳ مظاهر پرستي جا قائل هئا پر 660 ق.م ۾ زرتشت جي پيدائش بعد هن ڪين اڪيلي معبود جي بندگي ڪرڻ ۽ مظاهر پرستي کان بچڻ جي تلقين ڪئي.

هن مذهب ۾ نيڪ گفتار، نيڪ پندار ۽ نيڪ ڪردار جي تعليم ڏني وئي آهي. موجوده دور ۾ ايران، آذربائيجان، ڀارت ۽ پاڪستان ۾ هن مذهب جا پيروڪار مذهبي تعليمات کي فروغ ڏيڻ ۾ مصروف آهن.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. زرتشت کان اڳ ماڻهو ڇا جي پوڄا ڪندا هئا؟
2. زرتشت جو باني ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو؟
3. زرتشت مذهب جا اهم اصول ڪهڙا آهن؟
4. زرتشت مذهب جون اهم نشانيون ڪهڙيون آهن؟
5. زرتشت مذهب ڪيتري اوسر ڪئي؟

(ب) هيٺين مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. زمين جي پوڄا زرتشت مذهب جي اهم عبادت آهي. | | |
| 2. مقدس باهه زرتشت مذهب جي اهم نشاني آهي. | | |
| 3. زمين سان ويجهڙائي رکندڙ سيارن جو انگ سَتَ آهي. | | |
| 4. زرتشت جي وفات کان هڪ صدي پوءِ سڪندراعظم ايران تي ڪاهه ڪئي. | | |
| 5. ايران جي زمين تي اسلام 635ع ڌاري آيو. | | |

(ج) صحيح جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. ايران جي ماڻهن جي ڪمائيءَ جو اهم ذريعو هو:

(الف) صنعت (ب) زراعت
(ج) واپار (د) مزدوري

2. زرتشت مذهب کان اڳ ايرانين جي وڏي خوبي هئي:

(الف) راڳ جو شوق (ب) جهيڙي جهڳڙي کان نفرت
(ج) ڪوڙ کان نفرت (د) سير سفر ڪرڻ

3. پندار نيڪ جو مطلب آهي ته زبان ۽ عضون تي ڪنٽرول هوندو آهي:

(الف) دل جو (ب) اکين جو
(ج) دماغ جو (د) جيئري جو

4. فروهر عڪاسي ڪندو آهي زندگيءَ ۾ ايندڙ:

(الف) نيڪين جي (ب) برائين جي
(ج) پريشانين جي (د) نيڪي يا برائيءَ جي

5. زرتشت مذهب سجاتو وڃي ٿو:

(الف) آريائي (ب) يوناني
(ج) عربي (د) منگولي

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگرياڻيون ڪلاس ۾ زرتشت مذهب سان وابستہ تصويرون ناهي لڳائين. هڪ چارٽ تي زمين جي ويجهو رهندڙ سيارن جو نقشو ناهين. هن سبق ۾ موجود تاريخي واقعن جي ترتيب ناهن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي زرتشت مذهب بابت لکيل چوند ڪتابن جي ڄاڻ ڏني وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| مظاهر | ظاهر ٿيڻ جون جايون | پندار | خيال، سوچ ويچار |
| فطرت | قدرت | علامت | نشاني |
| بانيڪار | بنياد رکندڙ | اصليت | بنيادي |
| جراحت | جسم جي وڍ ۽ ٽُڪَ | آهرمزدا | مالڪِ حقيقي |
| گفتار | ٻولي، ڳالھ ٻولھ | | |

# زرتشت مذهب جا اهم تصور

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرداڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- انساني فطرت ۾ موجود نيڪي واري قوت ”يزدان“ کي ڄاڻي سگهندا.
- انساني فطرت ۾ موجود بدي واري قوت ”اهرمن“ بابت ڄاڻي سگهندا.
- زرتشت مذهب جي مقدس ڪتاب جو نالو ۽ ان ۾ موجود سکيائن بابت ٻڌائي سگهندا.
- زرتشت مذهب جون سکيائون ۽ اخلاقي قدرن مٿان پوندڙ اثرن کي بيان ڪري سگهندا
- ننڍي کنڊ ۾ مذهبي هم آهنگي جي واڌاري ۾ زرتشت مذهب جي سکيائن جي ڪردار جو جائزو پيش ڪري سگهندا.

## زرتشت مذهب جا بنيادي تصوّرَ

زرتشت پنهنجي قوم کي ٻڌايو ته مظاهرِ فطرت اسان جا معبود ناهن، جو انهن جي پوڄا ڪئي وڃي. اهي سيئي مالڪِ حقيقيءَ جا خلقيل آهن. مظاهرِ قدرت جي بدران هڪ مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت ڪريو، جنهن هن پوري ڪائنات کي پيدا ڪيو آهي. زرتشت جي انهن تعليمات جي ڪري آريائن جو هڪ طبقو سندس مخالف ٻڻجي پيو ۽ ڪيس ايترو ته تنگ ڪيو، جو هو اولهه ايران ڇڏڻ تي مجبور ٿيو. زرتشت انهن سختين جي باوجود پنهنجي زماني جي ماڻهن کي نه رڳو هڪ مالڪِ حقيقيءَ ڏانهن سڏيو، پر انهيءَ جي تعليم به ڏني.




زرتشت مذهب جي مقدس ڪتاب گاٿا (Gatha) موجب زرتشت مذهب جي ماڻهن جو عقيدو آهي ته ”آهورا مزدا“ مالڪِ حقيقيءَ جي ذات آهي، پر هن دنيا ۾ ان مالڪِ حقيقيءَ ٻن طاقتن کي پيدا ڪيو آهي: نيڪي ۽ بَدي.

### نيڪي واري قوت يزدان (Yazdan):

يزدان کي ”آهورا مزدا“ به چوندا آهن. جيڪو نيڪيءَ جي علامت آهي. جهڙيءَ طرح دنيا ۾ روشني ۽ اونداهي آهي، اهڙيءَ طرح نيڪي ۽ بديءَ جون طاقتون به آهن. مالڪِ حقيقيءَ پوري ڪائنات ۽ انسان کي سنين حالتن ۾ پيدا ڪيو آهي ۽ ان کي ”اشرف المخلوقات“ جو درجو

ڏئي، باقي مخلوق کان عظيم ڪيو آهي، تہ جيئن اهو نيڪي ۽ سچائيءَ جي ڪري دنيا ۾ ڪاميابي حاصل ڪري.

زرتشت مذهب ۾ اهو تصور موجود آهي تہ نيڪيءَ جو مالڪِ حقيقي يزدان (yazdan) آهي ۽ ان جي برائيءَ سان ويڙهہ جاري رهندي آهي، جنهن ۾ آخري سوڀ يزدان جي ئي ٿيندي.

## برائي واري قوت اهرمن (Ahriman):

اهرمن، يزدان جو ضد آهي، جيڪا بديءَ ۽ ڪوڙ جي طاقت آهي. شيطان ۽ ان جا پوئلڳ اهرمن جي پاسي آهن، جيڪي نيڪ ۽ سچن ماڻهن کي تنگ ڪن ٿا. جيڪڏهن دنيا ۾ اهرمن غالب ايندو تہ برايون ۽ ڏوهہ وڌي ويندا آهن ۽ جيڪڏهن يزدان غالب ايندو تہ خوشحالي ۽ ڀلائي وڌندي آهي.

## زرتشت مذهب جا مُقدَّس ڪتابَ ۽ انهن جو سکيائون:

**اَوستا (Avesta):** زرتُشت مذهب جو مقدس ڪتاب آهي، جنهن جي معنیٰ آهي "اصل متن". اَوِستا قديم ايراني زبان ۾ لکيو ويو هو. زرتُشت پنهنجي مقدس ڪتاب کي پنجن حصن ۾ ورهايو آهي:

1ـ **يسنا (Yasna):** اَوستا ڪتاب جي 72 بابن جي مجموعي کي "يسنا" (Yasna) چئبو آهي. گاٿا (Gatha)، جيڪو زرتشت جو پنهنجو لکيل آهي ۽ اهو نظمن تي مشتمل آهي، "يسنا" جي بابن ۾ شامل آهي.

2ـ **وسپرد (Vaspird):** ڪتاب جي 24 بابن تي مشتمل هن حصي کي "وسپرد" چئبو آهي، جنهن جي معنیٰ سردارَ (All the Lords) آهي. هن ڪتاب ۾ آهورا مزدا يعني نيڪيءَ جي خدا جي حصيدارن جو ذڪر موجود آهي.

3ـ **ونديداد (Vendidad):** 22 بابن تي مشتمل هي ڪتاب هندستاني پارسين وٽ وڌيڪ مشهور آهي. هن ڪتاب ۾ شر جي طاقتن، جنّن، پرين ۽ شيطاني وسوسن سان مقابلي ڪرڻ جون تدبيرون ٻڌايل آهن.

4ـ **يشت (Yasht):** هيءُ ڪتاب 21 بابن تي مشتمل آهي، هن ۾ يَجن ۽ دعائن جو ذڪر آهي ۽ آخرت جي زندگيءَ بابت مختلف تصوّر پڻ شامل آهن.

5ـ **خُرد اَوِستا (Khordeh Avesta):** هيءُ ڪتاب اوستا جي تعليمات جو خلاصو آهي.

**گاٿا (Gatha):** هيءُ ڪتاب گيتن جي پنجن مجموعن تي مشتمل آهي. گيتن جو پهريون مجموعو گاٿا نظمن تي مشتمل آهي. ان جي شروعات زرتشت جي دعا سان ٿئي ٿي، جنهن

جا لفظ هن ريت آهن:

”پنهنجن هٿن کي ڏکيهيڙيندي تنهنجي مدد جو اميدوار آهيان. اي مزدا!
جيڪو سڀني شين ۾ پهريون آهي، آءٌ تنهنجي دربار ۾ هيءَ دعا ڪريان
ٿو ته مون کي روحاني ڪم ڪرڻ جي توفيق حاصل ٿئي“.

ٻيو نظم هڪ مڪالمي تي مشتمل آهي، جيڪو جنت جي بيان تي پکڙيل آهي. ٽيون نظم زرتشت جي مقصدن جي عڪاسي ڪري ٿو. چوٿون ڏکهو نظم آهورا مزدا جي تعريف ۽ ساراهه بيان ڪري ٿو. پنجون نظم هڪ مڪالمو آهي، جنهن ۾ زرتشت شيطانن جي مذمت ڪري ٿو. هيءُ نظم هن دعا تي ختم ٿئي ٿو.

”مزدا! مون کي اهي سڀ ڳالهيون ٻڌاءِ، جيڪي بهترين تعليمات آهن ۽
جيڪي بهتر عملَ آهن. اي خدا! اي حق ۽ سچ جا بادشاهه! تون ئي حمد
۽ ساراهه جو مستحق آهين. اسان کي اهو يقين ڏيار ته انسانيت توهان
جي مرضيءَ مطابق عمل ڪندي“.

ونديداد ۾ شر جي قوتن ۽ شيطاني وسوسن سان مقابلو ڪرڻ جون تدبيرون ٻڌايون ويون آهن ۽ پاڪ رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. انهيءَ ڪري زرتشت دعا ڪندي چون ٿا ته:

”اي آهورا مزدا! آءٌ توکان سوال ڪريان ٿو، مون کي نيڪ نيڪ ٻڌاءِ ته
آءٌ تنهنجي محبت جي ڪري برائيءَ کي هميشه لاءِ ختم ڪندي، پاڻ
کي نيڪيءَ جي حوالي ڪري سگهان“.

زرتشت انسانن کي پنهنجي خيال، زبان ۽ جسم کي برائيءَ کان پاڪ رکڻ ۽ نيڪ انسان ٻڻجڻ جي تلقين ڪندي چوي ٿو:

”اي انسانؤ! مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت ڏانهن متوجه ٿيو ۽ شيطان کي
ماري ڀڄايو، نه ته سُستي، جيڪا مادّي دنيا کي ننڊ ۾ مدهوش ڪري ٿي،
صبح ٿيندي ئي توهان تي غالب ايندي. گهڻا ماڻهو صبح سوير جاڳندا آهن،
انهيءَ ڪري توهان کي مناسب ناهي ته گهڻي دير تائين سمهي رهو“.

## زرتشت مذهب جي تعليمات جو اخلاقي قدرن تي اثر:

زرتشت پنهنجي تعليمات کي چڱيءَ طرح واضح ڪيو آهي ته مالڪِ حقيقي جي پناهه وٺو ۽ شيطاني قوت کان بچو، پنهنجي سوچ، گفتگو ۽ ڪردار کي نيڪ رکو ۽ ياد رکو ته مرڻ کان پوءِ انساني زندگي ختم نه ٿي ٿئي، پر ان جي روح کي هڪ پُل تان لنگهڻو

پوي ٿو، جيڪو هن جو امتحان آهي. نيڪ انسان جو روح آسانيءَ سان ان پُل تان لنگهي وڃي ٿو ۽ ٻئي ڪناري تي آهورا مزدا جي ڇانو هيٺ جنت ۾ پنهنجو ٺڪاڻو ٺاهي ٿو، جڏهن ته بُري انسان جو روح، جنهن هن دنيا ۾ گهڻا گناهه ۽ خراب ڪم ڪيا هوندا، پنهنجي ضمير سان هن پُل تان گذري نه سگهندو ۽ دوزخ ۾ پنهنجو ٺڪاڻو ٺاهيندو آهي. مرڻ کان پوءِ جلدي انفرادي طور هر انسان کي ان جي سُٺن ۽ بُرن ڪمن جي مطابق بدلو ملي ٿو.

ان کان سواءِ زرتشت مقرره وقت تي دنيا جي خاتمي، سڀني مُردن جي زنده ٿيڻ ۽ ان کان پوءِ گڏجي حساب ڪتاب يعني قيامت جو به تصور پيش ڪيو آهي. هن تصور مطابق قيامت جي ويجهو هڪ ”نجات ڏياريندڙ“ (سوشيانت) ظاهر ٿيندو، جنهن جي رهنمائيءَ ۾ نيڪي ۽ برائي تي مڪمل سوڀ حاصل ٿيندي. انهن ڳالهين سان انسان جي ذهني سوچ جو دائرو وسيع ٿئي ٿو، ڪيس زندگي ۾ نيڪي سان محبت ۽ برائي سان نفرت ٿئي ٿي ۽ هو هميشه واري ڪاميابي ماڻڻ لاءِ عملي ڪوشش ڪري ٿو جنهن سان سندس احساس ذميداري وارو پهلو ظاهر ٿئي ٿو.

## مذهبي هم آهنگي ۽ زرتشت مذهب:

ننڍي کنڊ تي انگريزن جي دورِ حڪومت دوران زرتشت مذهب کي فڪري ۽ تبليغي آزادي حاصل ٿي. جنهن ڪري پارسي مذهب جا پوئلڳ گڏيل هندستان ۾ پکڙجي ويا ۽ هتان جي رهواسين سان گڏجي پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ ثقافتي، قومي، سماجي توڙي معاشي ترقي ۾ ڀاڱيوار ٿيا ۽ اهو رواج اڄا تائين جاري آهي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:

زرتشت پنهنجي قوم کي ٻڌايو ته مظاهرِ فطرت اسان جا معبود ناهن، جو انهن جي پوڄا ڪئي وڃي. زرتشت مذهب جي ماڻهن جو عقيدو آهي ته ”آهورا مزدا“ مالڪِ حقيقيءَ جي ذات آهي. مالڪِ حقيقيءَ ٻن طاقتن کي پيدا ڪيو آهي، نيڪي ۽ بَدي ”يزدان“ کي ”آهورا مزدا“ به چوندا آهن. جيڪو نيڪيءَ جي علامت آهي. ”اهرمن“، يزدان جو ضد آهي، جيڪا بديءَ ۽ ڪوڙ جي طاقت آهي. زرتشت مذهب جا مقدس ڪتاب اَوستا، يسنا، وسپرد، ونديداد، يشت ۽ خرد اَوستا آهن. زرتشت پنهنجي تعليمات کي چڱيءَ طرح واضح ڪيو آهي ته مالڪِ حقيقي جي پناهه وٺو ۽ شيطاني قوت کان بچو، پنهنجي سوچ، گفتگو ۽ ڪردار کي نيڪ رکو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. يزدان جا ڪي ڇئبو آهي؟
2. اهرمن مان ڇا مراد آهي؟
3. زرتشت مذهب جا مقدس ڪتاب ڪهڙا آهن؟ انهن جا نالا لکو.
4. زرتشت جي دعا جا لفظ ڪهڙا آهن؟
5. ننڍي ڪنڌ ۾ زرتشت مذهب جي سکيا جو جائزو پيش ڪريو.

(ب) هيٺيان خال پريو:

1. مالڪِ حقيقيءَ پوري ڪائنات ۽ __________ ڪي سٺين حالتن لاءِ پيداڪيو آهي.
2. شيطان ۽ ان جا پوئلڳ __________ جي پاسي هوندا آهن.
3. هندستاني پارسين وٽ __________ بابن وارو ڪتاب __________ وڏيڪ مشهور آهي.
4. گاٿا ڪتاب جو ٿيون نظم __________ جي عڪاسي ڪري ٿو.
5. ننڍي ڪنڌ ۾ زرتشت مذهب __________ جي دور ۾ فڪري آزادي حاصل ڪئي.

(ج) هيٺين مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. اوستا ڪتاب جي 72 بابن جي مجموعي کي يسنا چئجي ٿو. | | |
| 2. زرتشت مذهب مطابق حقيقي سوپ اهرمن جي ٿيندي. | | |
| 3. زرتشت مذهب دنيا جي خاتمي کان پوءِ ٻيهر زنده ٿيڻ جو تصور رکي ٿو. | | |
| 4. وسپرد جي معنيٰ غلام آهي. | | |
| 5. گاٿا ڪتاب ڏهن مجموعن تي مشتمل آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڪلاس ۾ هيٺين نڪتن تي ڳالهه ٻولهه ڪن:

- زرتشت ماڻهن کي هڪ مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت لاءِ جو دعوت ڏني؟
- زرتشت مذهب کي مڃيندڙن جو آخرت بابت ڪهڙو عقيدو آهي؟
- نيڪي ۽ برائي ٻه طاقتون آهن.

## استادن لاءِ هدايتون

- زرتشت مذهب جي وڊيوز (Videos) جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ ان مذهب جي رسمن بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڏيکاري، ان بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي.
- شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي ته اهي زرتشت جي اهم تعليمات تي گروپن جي شڪل ۾ چارٽ تيار ڪن ۽ ڪلاس ۾ ٽنگين.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| اشرف المخلوقات | مخلوق مان عزت وارو | يجن | مذهبي گيت |
| يزدان | نيڪي جي طاقت | تعليمات | سکيائون |
| اهرمن | ڪوڙ جي طاقت | مستحق | لائق |
| اوستا | اصل متن | سوشيانت | ڇڏائيندڙ |
| وسپرد | سردار، اڳواڻ | پهلو | رُخ |

باب ٽيون

# سماجي ۽ اخلاقي قدر

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- اخلاقي قدرن جي فهرست ٺاهي سگهندا.
- احساس ڪندا ته ويل وقت موٽي نه ٿو سگهي.
- يقين ڪندا ته مالڪِ حقيقي طرفان مليل نعمتن کي ٻين سان ونڊڻ ۾ ئي ڀلائي آهي.
- سچائي ۽ ايمانداري جو نتيجو باالآخر ڪاميابي آهي.
- سچائي ۽ ايمانداري واري راهه اختيار ڪندا.

## تعارف:

سماج ۾ رهڻ ۽ ٻين سان بهتر تعلق رکڻ ئي ڪردار جو معراج آهي، ماڻهو پنهنجي ذات، سماج ۽ قوم کي تڏهن ئي فائدو ڏئي سگهي ٿو جڏهن ڪيس اخلاقي قدرن تي مهارت حاصل هجي. وقت جو قدر ۽ ايمانداري توڙي سچائي اهڙيون خوبيون آهن جيڪي سماجي ۽ ذاتي ڪردار کي نمايان ڪن ٿيون. اهي قومون هميشه اڳتي وڌيون آهن، جن وقت جو قدر ڪيو ۽ ان کي اهميت ڏيندي، وقت جي پابندي ڪئي. جن قومن وقت جو قدر نه ڪيو، انهن جو زوال انهيءَ وقت جي هٿان ٿيو ۽ انهن کي پريشاني ٿي. وقت ڏينهن رات جي گردش جو نالو آهي ۽ ان سان وک وک ۾ ملائي هلندڙن جي سوڀ ٿيندي آهي.

جيڪي ماڻهو وقت جي قيمت ڄاڻندا ۽ ان کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائيندا ته يقينًا ڪاميابي سندن قدم چمندي. اخلاقي قدرن جي ڏِس ۾ اهي ٻي مثال شهريءَ جي حيثيت سان پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ حصو وٺي، ان کي عظيم ملڪ بڻائڻ جي وس آهر ڪوشش ڪندا.

هن باب ۾ ”وقت جي پابندي ۽ اهميت“ سان گڏ ”ٻين سان نعمتون ونڊڻ“، ”سچائي ۽ ايمانداري“، ”پاڙي ۾ رهڻ جا اصول“ ۽ ”ٽريفڪ جا قاعدا ۽ قانون“ جا سبق ڏنا ويا آهن جيڪي شاگردن ۽ شاگرياڻين ۾ اخلاقي قدرن جي واڌاري ۾ ڪردار ادا ڪندا.

# قومي تعمير ۾ وقت جي پابنديءَ جو ڪردار

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- قومي تعمير جي پئمانن کي ڄاڻي سگهندا.
- وقت ۽ ان جي پابندي جي اهميت بيان ڪري سگهندا.
- اسڪول، گهر ۽ ٻين جڳهن تي ذميدارين کي پورو ڪندي وقت جي پابندي جو عملي مظاهرو ڪري سگهندا.
- وقت سر ذميداريون سر انجام نه ڏيڻ سان سماج تي پوندڙ برن اثرن جو جائزو وٺي سگهندا.
- تصويرن ذريعي ظاهر ڪري ڏيکاريندا ته قدرت جو هر ڪم وقت سر ٿئي ٿو.



”وقت“ هڪ بي بها دولت آهي. ان کان سواءِ اسان جي ڪا سڃاڻپ نه آهي ۽ جيڪڏهن اسان پنهنجي وقت کي ضائع ڪنداسين ته زندگيءَ جي هر ميدان ۾ شڪست کائينداسين ۽ مسئلن جي ور چڙهي وينداسين.

چوڻ ۾ ته ”وقت“ ٽن اکرن جو لفظ آهي، پر سڀني انسانن جون زندگيون انهن ٽن اکرن واري ”وقت“ جي چوڌاري گهمندي نظر اچن ٿيون. ڪجهه ماڻهو ان کي صرف هٿ ۾ پاتل گهڙيءَ جي صورت ۾ ڏسن ٿا، جڏهن ته گهڻا ماڻهو ان حقيقت کان واقف آهن ته وقت جي اندر ئي اسان جي زندگيءَ جا اَڻ ڳڻيا منٽ، ڏينهن، مهينا ۽ سال لڪل آهن، جيڪي ڏسندي ئي ڏسندي نيٺ ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ تبديل ٿيندي نظر اچن ٿا.

وقت جي اهميت اسان کي سڀ کان وڌيڪ هن ڪائنات ۾ نظر اچي ٿي، جتي مظاهرِ قدرت ۾ موجود هر شيءِ وڏي نظم ۽ ضبط سان وقت جي پابندي ڪندي پنهنجي پنهنجي مَدار ۾ گهمندي نظر اچي ٿو. مقصد ته سج، چنڊ، تارا ۽ سيارا مالڪِ حقيقيءَ جي نظام مطابق گردش ڪن ٿا. جڻ ته انسان جي حيثيت سان اسان کي هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڪرڻ جي ضرورت آهي ته اسان ڪهڙيءَ طرح وقت جي پابندي ڪندي، پنهنجي زندگين کي

بامقصد بڻائي سگهون ٿا.

هيءَ چوڻي بہ عام آهي:

”جيڪو ڪم اوهان سياڻي ڪرڻ چاهيو ٿا، ان کي اڄ ئي ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ ”سياڻي“ ڪڏهن بہ ناهي آئي. پنهنجي ڪم کي ٽارڻ بدران ان کي وقت تي يا وقت کان اڳ ڪرڻ مناسب ڪم آهي“.

انساني زندگيءَ ۾ وقت جي اهميت ۽ فائدي جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪنهن شخص جي ريل يا بس هڪ منٽ اڳ نڪري چڪي هجي يا اهڙي شاگرد کان پڇو، جيڪو امتحان ۾ ڪجهہ گهڙي دير سان اچي، امتحان هال ۾ ويهڻ کان رهجي ويو هجي. يا وري اهڙي بيمار جي گهروارن کان پڇجي، جيڪو تُرت مدد نہ ملڻ جي ڪري موت جي چنبي کان بچي نہ سگهيو هجي. مطلب تہ اسان مان هر ڪو وقت جي آڏو مجبور، بيوس ۽ لاچار نظر اچي ٿو.

ان سان گڏ وقت جي پابندي اسان کي وقت کان اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي، پنهنجن گهر وارن ۽ پنهنجي ملڪ کي ايندڙ وقت لاءِ پڻ تيار ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿي. اهي قومون، جيڪي وقت سان گڏ هلنديون آهن، زماني ۾ ٿيندڙ تبديلين کي وقت کان اڳ سمجهنديون، پنهنجو پاڻ کي ان مطابق تيار ڪنديون آهن. اهي باقي قومن کان اڳتي وڌي وينديون آهن.

ان ڏس ۾ اهو انتهائي اهم آهي تہ اسان هر وقت سوچ ويچار ڪندي پنهنجي هر ڪم ۾ سنجيدگيءَ سان غور فڪر ڪريون. اسان جو هر عمل ۽ هر فيصلو اسان کي ايندڙ وقت لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

- اهي قومون، جيڪي وقت جو قدر ڪنديون آهن، اهي ڪامياب ٿينديون آهن.
- وقت ضايع ڪرڻ وارو شخص نعمتن جو زيان ڪري ٿو.
- سيئي مظاهرِ فطرت (فطرتي اهڃاڻ) اسان کي وقت جي پابنديءَ جي تعليم ڏين ٿا.
- اهي قومون، جيڪي وقت جو قدر ڪن ٿيون، سي هميشه ڪامياب ٿين ٿيون.
- ڪنهن بہ قوم جي ترقيءَ جا ذميدار رڳو چونڊيل نمائندا ناهن هوندا، پر عوام کي بہ ان ڏس ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. وقت مان ڇا مراد آهي؟
2. مظاهر فطرت وقت جي اهميت ڪيئن ٻڌائين ٿا؟
3. وقت بابت ڪهڙي چوڻي مشهور آهي؟
4. ويل وقت جو قدر ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟
5. روزاني معمولات ۾ وقت جي پابندي جي ڪهڙي اهميت آهي؟

(ب) هيٺين مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. وقت ڏينهن رات جي گردش جو نالو آهي. | | |
| 2. وقت جي پابندي غير ضروري ڪم آهي. | | |
| 3. وقت هڪ بي بها دولت آهي. | | |
| 4. وقت جي پابندي زندگيءَ کي بامقصد بڻائي ٿي. | | |
| 5. ڪائنات جي هر شيءِ هڪ نظم و ضبط سان هلي ٿي. | | |

(ج) صحيح جواب تي "✓" جو نشان لڳايو

1. وقت مان مراد آهي:

(الف) ماضي، حال ۽ مستقبل (ب) ٿي اکر وقت جا
(ج) زمانو (د) سال

2. وقت جي پابندي جو نمونو موجود آهي:

(الف) انسانن ۾ (ب) سج، چنڊ ۽ تارن ۾
(ج) جانورن جي اچ وڃ ۾ (د) وڻن ٽڻن ۾

3. وقت مان فائدو وٺڻ جو اهم اصول آهي ته هر ڪم:

(الف) اڳواٽ ڪجي (ب) وقت تي ڪجي
(ج) دير سان ڪجي (د) بلڪل نه ڪجي

4. وقت جي پابندي جا فائدا آهن:

(الف) عزت افزائي (ب) ترقي ڪرڻ
(ج) ذميوار بڻجڻ (د) اهي سڀ

5. وقت جي پابندي نہ ڪرڻ کي سمجهيو وڃي ٿو:

(الف) تنزلي (ب) سستي

(ج) ناسمجهي (د) اهي سڀ

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

- شاگرد ۽ شاگردياڻيون هيٺين عنوانن تي مضمون لکي ڪلاس ۾ پيش ڪن:
  * وقت جي پابنديءَ جا فائدا * وقت جي پابندي نہ ڪرڻ جا نقصان
- شاگرد ۽ شاگردياڻيون تصويرن ذريعي ظاهر ڪن تہ قدرت جو هر ڪم وقت سر ٿئي ٿو.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مختلف ڪردارن جي حوالي سان سندن زندگيءَ ۽ ڪمن ڪارين ۾ وقت جي اهميت کان آگاهہ ڪيو وڃي مثال طور:

- شاگردن جي زندگيءَ ۾ وقت جي اهميت
- استاد جي زندگيءَ ۾ وقت جي اهميت

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| بي بها | املهہ، قيمتي | ٺارڻ | پري ڪرڻ |
| ضايع ڪرڻ | ختم ڪرڻ، نقصان ڪرڻ | ترت | جلدي |
| شڪست | ناڪامي | لاچاري | بي وس |
| گردش | حرڪت، ڦرڻ | گهڙي | ساعت، وقت |
| ونڊڻ | ورهائڻ | مدار | گول دائرو، ڦيرو |
| سوڀ | ڪاميابي | اڻ ڳڻيا | بي شمار |

# ٻين سان نعمتون ونڊڻ

### سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- جاڻي سگهندا ته مالڪِ حقيقي کهڙين کهڙين نعمتن سان انسان ذات کي نوازيو آهي.
- سمجهي سگهندا ته انهن نعمتن جا حقدار صرف اسين نه آهيون.
- اهڙن طريقن جو عملي مظاهرو ڪندا جن سان انهن نعمتن کي گهر، اسڪول توڙي سماج ۾ ٻين ماڻهن سان ونڊي سگهجي ٿو.



انسان اشرف المخلوقات آهي. مالڪِ حقيقي ڪيس اڻ ڳڻيون نعمتون عطا ڪيون آهن. اهي نعمتون هن جي زندگي پُرسڪون ۽ حسين بڻائين ٿيون ۽ هن جي سمورين ضرورتن جي پورائي ڪن ٿيون. لذيذ ڪاڌا، قسمين قسمين ميوا، محبت ڪندڙ ماءُ پيءُ، فرمانبدار اولاد، سٺي صحت، سٺو گهر، مال ملڪيت، مان شان رتبو، ذهني سڪون ۽ ٻيون ڪئين نعمتون سندس حياتيءَ جي سفر کي سکيو، آسان ۽ خوبصورت بڻائين ٿيون.

پر جيستائين انسان کي ڪا نعمت حاصل رهندي آهي تيستائين ان جو قدر ڪونه ڪندو آهي ۽ انهي مان پيو فائدا وٺندو آهي ۽ لطف اندوز ٿيندو آهي. ڪيس اهو احساس ڪونه ٿيندو آهي ته اها نعمت مالڪِ حقيقي جي ڏنل هڪ املهه وٿ آهي پر جڏهن ڪنهن سبب ڪري اها نعمت ان وٽان هلي ويندي آهي تڏهن ڪيس ان جي قدر ۽ قيمت جو احساس ٿيندو آهي.

ڪنهن شهر ۾ هڪ شاهوڪار رهندو هو. هن وٽ مالڪ جو ڏنل سڀ ڪجهه هو. شهر ۾ هڪ مارڪيٽ هن جي پنهنجي هئي. سندس دڪانن ۾ روزانه ڪروڙن جو ڪاروبار ٿيندو هو. مال ۽ اناج سان هن جا ڪئين گُدام پريل هوندا هئا. ڌن دولت جو ته اندازو ئي ڪو نه هو. تنهن هوندي به شڪرگذاري نالي جي ڪا شيءِ هن وٽ نه هوندي هئي. هو سدائين اجان وڌيڪ مال ميڙڻ جي چڪر ۾ حيران ۽ پريشان رهندو هو. هو ايترو ته ڪنجوس هو جو

ڪنهن سواليءَ کي هڪ روپيو بہ ڪو نہ ڏيندو هو. ڪيس مالڪِ حقيقي جي ڏنل نعمتن جو ذرو بہ احساس ڪو نہ هوندو هو. تنهنڪري ڪنهن محتاج يا ضرورتمند جي ڪابہ مدد ڪو نہ ڪندو هو.

هڪ ڏينهن ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن ويندي هن جي موٽر ڪار حادثي جي شڪار ٿي ويئي ۽ سندس ٻئي ٽنگون ضايع ٿي ويون. ڪيس ٽي مهينا اسپتال ۾ رهڻو پيو. هن حادثي هن جي سوچ ۾ وڏي تبديلي آندي. ڪيس محسوس ٿيو تہ انساني ٽنگون ڪيڏي نہ وڏي نعمت آهن. ڪيس احساس ٿيو تہ هي ڌن دولت، سک ۽ آرام مالڪِ حقيقي جون وڏيون نعمتون آهن انهن کي ٻين سان ونڊي سندس شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.

اسان جي معاشري ۾ گهٽائي ماڻهو مالڪِ حقيقي جي ڏنل نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ بجاءِ پنهنجي ٿوري گهٽي تڪليف يا مسئلي تي پريشان ٿيندا آهن ان بجاءِ ڪين صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

دنيا جي سيني وڏن مذهبن ۽ ڌرمن جي مقدس ڪتابن ۾ مالڪِ حقيقي جي ڏنل نعمتن لاءِ سندس شڪرانا مڃڻ ۽ انهن کي ٻين سان ونڊڻ جي تاڪيد ڪئي ويئي آهي. خاص طور تي پنهنجي اوڙي پاڙي جو خيال رکڻ گهرجي، گهر ۾ جڏهن ڪا شي پچائجي تہ پاڙيسرين کي بہ ان مان حصو ضرور ڏيڻ گهرجي.

## ٻين سان نعمتون ونڊڻ جا طريقا:

اسان غريبن ۽ محتاجن ۾ کاڌو، ڪپڙا ۽ جوتا وغيره ورهائي سگهون ٿا. ڪو مريض غريب آهي تہ ان کي دوائون وٺي ڏيئي سگهون ٿا. پاڙي ۾ ڪو ڪاڄ ٿيندڙ هجي تہ ان جي ڪمن ڪارين ۾ هٿ ونڊائي سگهون ٿا. ڪنهن غريب نياڻي جي شادي ۾ اخلاقي ۽ مالي مدد ڏيئي سگهون ٿا. گهر ۾ آيل سواليءَ کي ڪڏهن بہ خالي نہ موٽائڻ گهرجي. اسڪول ۾ امير ۽ پڄندي وارا شاگرد غريب شاگردن جي اسڪول فيس جي ادائگي، ڪتابن يا ٻيو سامان خريد ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهن ٿا. ڪو معذور شاگرد هجي تہ چندو ڪري ان کي وهيل چيئر وٺي ڏيئي سگهن ٿا. جيڪڏهن شهر ۾ ڪو دارالامان، يتيم گهر يا اولڊ ايج هائوس آهي تہ پنهنجي ۽ ٻارن جي سالگره اتي وڃي ملهائي سگهجي ٿي.

هوشيار شاگرد ۽ شاگردياڻيون ٻين ٻارن کي پڙهائي ۾ مدد ڪري سگهن ٿا. علم ونڊڻ بہ دولت ونڊڻ برابر آهي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

انسان اشرف المخلوقات آهي. مالڪِ حقيقي ڪيس اڻ ڳڻيون نعمتون عطا ڪيون آهن. اهي نعمتون هن جي زندگي پُرسڪون ۽ حسين بڻائين ٿيون ۽ هن جي سمورين ضرورتن جي پورائي ڪن ٿيون. پر جيستائين انسان کي ڪا نعمت حاصل رهندي آهي تيستائين ان جو قدر ڪونہ ڪندو آهي پر جڏهن ڪنهن سبب ڪري اها نعمت ان وٽان هلي ويندي آهي تڏهن ڪيس ان جي قدر ۽ قيمت جو احساس ٿيندو آهي. دنيا جي سڀني وڏن مذهبن ۽ ڌرمن جي مقدس ڪتابن ۾ مالڪِ حقيقي جي ڏنل نعمتن لاءِ سندس شڪرانا مڃڻ ۽ انهن کي ٻين سان ونڊڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. مالڪِ حقيقي انسان کي ڪهڙين نعمتن سان نوازيو آهي؟
2. ٻين سان نعمتون ونڊڻ جو مفهوم بيان ڪريو.
3. شاهوڪار کي نعمت جو قدر ڪيئن معلوم ٿيو؟
4. مکيہ مذهب نعمتن بابت ڪهڙو درس ڏين ٿا؟
5. ٻين سان نعمتون ونڊڻ جا ڪهڙا طريقا آهن؟

**(ب) هيٺيان خال ڀريو:**

1. نعمتون زندگي کي پرسڪون ۽ ________ بڻائين ٿيون.
2. نعمت هوندي ان جو ________ نہ ٿيندو آهي.
3. شاهوڪار کي ________ جي عادت نہ هئي.
4. ڪار حادثي ۾ سندس ________ ضايع ٿي ويون.
5. انسان کي تڪليف اچڻ تي ________ ۽ ________ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

(ج) هيٺين مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”×“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مکيہ مذهبن ۾ ٻين سان نعمتون ونڊڻ جي پارت ڪيل آهي. | | |
| 2. غريبن ۽ محتاجن کي مدد ڏئي ساڻن تورو ڪرڻ گهرجي. | | |
| 3. ڪنهن معذور شاگرد کي سائيڪل وٺي ڏئي سگهجي ٿي. | | |
| 4. علم ونڊڻ بہ دولت ونڊڻ برابر آهي. | | |
| 5. شاهوڪار کي احساس ٿيو تہ نعمتون گڏ ڪري رکڻ گهرجن. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون اهڙن ڪمن جي فهرست جوڙين، جيڪي سرانجام ڏيندي هو ٻين سان ان جو نفعو ونڊي سگهن.

## استادن لاءِ هدايتون

نعمتن ۽ انهن جي ٻين سان ونڊڻ بابت شاگردن ۽ شاگردياڻين کي وڌيڪ ڄاڻ ڏني وڃي ۽ ان جو عملي مثال پيش ڪرڻ گهرجي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| نعمتون | بخشش، عطا | تحمّل | برداشت، سهپ |
| حق دار | مالڪ، حصيدار | سوالي | گُهرندڙ، سوال ڪندڙ |
| املھ | قيمتي | دارالامان | لاوارث ماڻهن جو تحفظ گهر |
| وِٿ | وکر، شي | يتيم گهر | يتيم ٻارن جي سنڀال جي جاءِ |

# ايمانداري ۽ سچائي

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- ايمان داري جي وصف بيان ڪري سگھندا.
- سچائي جي وصف بيان ڪري سگھندا.
- روزمره زندگيءَ ۾ سچائي ۽ ايمانداري جي اهميت تي بحث ڪري سگھندا.
- اسڪول، گھر ۽ سماج ۾ سچائي ۽ ايمانداري جو عملي مظاهرو ڪري سگھندا.
- سمجھي سگھندا ته ڪنهن جي بي احترامي ڪرڻ ۽ ان مٿان الزام تراشي ڪرڻ سچائي جي برخلاف آهي.



هڪ ڳوٺ جي ايليمينٽري اسڪول ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئا. اسڪول جا استاد وقت جا پابند ۽ محنتي هئا. اسڪول ۾ تعليم جو معيار به تمام سٺو هو. اسڪول جو نظم ۽ ضبط به سٺو هوندو هو پر اتفاق سان ڪن ننڍين ننڍين ڳالهين تي شاگردن جي وچ ۾ تڪرار ٿي پوندا هئا. اهڙو ئي هڪ تڪرار ڪلاس ستين جي شاگردياڻين جي وچ ۾ ٿيو.

هڪ صبح جو اسڪول اسيمبلي کانپوءِ فاريا نالي ڇوڪري پنهنجي سيٽ تي ويهڻ کان پوءِ پنهنجي پنيان ويٺل ڇوڪري ڪرسٽل تي الزام هڻندي چيو ”تو منهنجي انگريزي جي فيئر ڪاپي چوري ڪئي آهي. اها مون کي واپس ڏي.“ ڪرسٽل پنهنجي مٿان اهڙو الزام بڌي پريشان ٿي وئي ۽ جواب ڏنائين ته مون توهان جي ڪاپي نه ڪنئي آهي. اوهان کي غلط فهمي ٿي آهي. تون هرويرو منهنجي بي عزتي پئي ڪرين، فاريا هن جي جواب تي اعتبار نه ڪندي ڪرسٽل تي الزام هڻڻ جاري رکيو. جنهن جي ڪري ڪرسٽل وڌيڪ پريشان ٿي روئڻ لڳي. ايتري ۾ سندن ڪلاس ٽيچر به ڪلاس ۾ اچي ويو. استاد ٻنهي ڇوڪرين کان تڪرار جي باري ۾ معلوم ڪيو ۽ پوءِ فاريا کي چيو ته توهان ڪهڙي بنياد تي ڪرسٽل تي الزام پيا لڳايو، تنهن تي فاريا جواب ڏنو ته سائين! هن جي انگريزي

جي ڪاپي مڪمل لکيل نہ آهي چار ڏينهن اڳ هن جي گهرڻ تي هن کي پنهنجي ڪاپي ڪو نہ ڏني هئم، تنهن تي ناراض ٿي هن اهو قدم کنيو هوندو.

استاد فاريا جي جواب سان اتفاق نہ ڪندي ڪيس چيو تہ اوهان کي پهرين معاملي جي سچائي معلوم ڪرڻ گهرجي، ائين ئي مفروضي تي ڪنهن تي الزام لڳائي، سندس بي عزتي نہ ڪرڻ گهرجي، اوهان ڪرسٽل سان زيادتي ڪئي آهي هن ڪان معافي گهرو. ايتري ۾ نبيلا نالي ڇوڪري استاد ڪان ڪلاس ۾ اچڻ جي اجازت وٺي اچي پنهنجي سيٽ تي ويٺي، استاد دير سان اچڻ جو سبب پڇيو. هن ٻڌايو تہ ڳوٺ ڪان اسڪول ايندي سندن گاڏي خراب ٿيڻ جي ڪري دير ٿي، ان ڪان پوءِ هن پاڻ مرادو پنهنجو ٿيلهو کولي ان مان ڪاپي ڪڍي فاريا کي ڏني ۽ چيائين تہ ڪالهہ پيل ۾ مون اوهان جي ڪاپي پنهنجي ڪاپين سان گڏ ٿيلهي ۾ رکي ڇڏي جيڪا مون گهر وٺي ڏني. مون کي معاف ڪجو جو مون پيل ۾ اوهان جي ڪاپي کنئي. انهي ڪري اوهان کي ضرور تڪليف ٿي هوندي. انهي سچائي معلوم ٿيڻ تي ۽ استاد جي چوڻ تي هن ڪرسٽل ڪان معافي ورتي ۽ هن بہ فاريا کي معاف ڪري ڇڏيو.

رسيس ڪان پوءِ اخلاقيات جي پيريڊ ۾ نريندر نالي شاگرد اخلاقيات جي استاد سر ڊيوڊ کي صبح واري تڪرار جي باري ۾ ٻڌايو ۽ چيو تہ سائين اسان کي سچائي ۽ ايمانداري جون وصفون ۽ انهن جي روزمره زندگيءَ ۾ اهميت جي باري ۾ ٻڌايو. اسان کي اهو پڻ سمجهايو تہ اسين اسڪول، گهر ۽ سماج ۾ سچائي ۽ ايمانداري جو ڪيئن عملي مظاهرو ڪري سگهون ٿا.

سر ڊيوڊ ڪلاس کي مخاطب ٿي چيو تہ اڄ نريندر تمام سٺو سوال ڪيو آهي، آءُ تفصيل سان انهي جو جواب ڏيان ٿو.

## ايمانداري جي وصف:

ايمانداري هڪ وسيع معنيٰ وارو گڻ آهي، اهو اعليٰ اخلاقي گڻن مان اعليٰ ترين گڻ آهي، هي گڻ رکندڙ انسان هر معاملي ۾ ديانتدار، سچار، وفادار ۽ مخلص هوندو آهي، هو پاڻ سان توڙي ٻين سان ايمانداري وارو وهنوار ڪندو آهي، هو پنهنجي چوڌاري هر ڳالهہ ۾ شفافيت هئڻ جو قائل هوندو آهي.

## سچائي جي وصف:

هر وهنوار يا معاملي ۾ سچ ڳالهائڻ، سچ کي مڃڻ ۽ سچ جي رستي تي هلڻ کي سچائي سڏبو آهي. سچائي وارو گڻ رکندڙ انسان ڪوڙ سان نفرت ڪندو آهي ۽ هر ڳالهہ ۾

سچائي سڌبو آهي. سچائي وارو گڻ رکندڙ انسان ڪوڙ سان نفرت ڪندو آهي ۽ هر ڳالهہ ۾ سچ کي مقدّم رکندو آهي.

## ايمانداري ۽ سچائي جي روزمره زندگيءَ ۾ اهميت:

روزمره زندگيءَ ۾ ايمانداري ۽ سچائي جي تمام گهڻي اهميت آهي، انهن ٻنهي خوبين وارا انسان عملي زندگي ۾ پنهنجو هر ڪم ايمانداري ۽ سچائي سان سرانجام ڏين ٿا. تنهنڪري سماج ۾ هر ماڻهو سک ۽ سڪون سان زندگي گذارڻ لڳي ٿو. هر ڪنهن کي انصاف پلئہ پوي ٿو. ظلم، ڏاڍائي ۽ ڪرپشن جو خاتمو ٿئي ٿو ۽ پورو ملڪ ترقي ۽ خوشحالي جي راهہ تي گامزن ٿي وڃي ٿو.

## گهر، اسڪول ۽ سماج ۾ ايمانداري ۽ سچائي جو عملي مظاهرو ڪرڻ:

گهريلو زندگيءَ ۾ رشتن جو بنياد اعتماد تي ٻڌل هوندو آهي، اعتماد جو بنياد ايمانداري ۽ سچائي جي ڪُٽن تي ٻڌل هوندو آهي. تنهنڪري گهر ۾ هر ڀاتي کي هڪ ٻئي سان سچو هئڻ گهرجي ڪنهن ڀاتي کان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ان جو اقرار ڪرڻ گهرجي، گهر جي وڏن کي بہ سڀني ڀاتين سان ايمانداري وارو سلوڪ رکڻ گهرجي.

اسڪول ۾ سچ ڳالهائڻ وارن شاگردن کي استاد عزت جي نگاهہ سان ڏسندا آهن. ڪنهن شاگرد کي ڪا شي يا پئسا ڪٿي ڪريل ملن تہ هن کي اها شي يا پئسا پرنسپال / هيڊماستر وٽ جمع ڪرائڻ گهرجن. هيڊماستر اينڊڙ ڏينهن اسيمبلي ۾ انهن شين يا پئسن جي ملڻ جو ٻڌائيندو پوءِ جن شاگردن يا شاگردياڻين جي اها شيءِ يا پئسا هوندا تہ اهي هيڊماستر کان سندس آفيس مان حاصل ڪندا. اهڙي ريت انهن ۾ ايمانداري ۽ سچائي جا گڻ سندن شخصيت جو حصو بڻجي ويندا آهن.

سماجي ڪمن ۾ بہ ايمانداري ۽ سچائي کي اوليت ڏيڻ گهرجي، ان سان ماڻهن جا مسئلا حل ٿيندا ۽ سماجي ڪارڪنن جي عزت ۾ اضافو ٿيندو، انهن جي ساک سٺي ٿيندي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

- هڪ ڏينهن فاريا، ڪرسٽل تي ڪاپي جي چوري جو الزام هڻي هن جي بي عزتي ڪئي، اها ڪاپي ڪنهن بي چوڪريءَ پل ۾ ڪنئي هئي، جيڪا واپس ملڻ تي فاريا، ڪرسٽل کان معافي گهري ۽ معاملو رفع دفع ٿي ويو.

- معاملي جي سچائي معلوم ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن تي الزام تراشي نہ ڪرڻ گهرجي.
- ايمانداري ۽ سچائي اعلىٰ اخلاقي گڻ آهن جن جي اختيار ڪرڻ سان ماڻهو جي ساک سني ٿئي ٿي.
- روزمره زندگيءَ ۾ انهن گڻن تي عمل ڪرڻ سان گهر، اسڪول ۽ سماج تي مثبت اثر پون ٿا ۽ ملڪ ترقي ڪرڻ لڳي ٿو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. اسڪول ۾ استاد، شاگردن جي وچ ۾ پيدا ٿيل تڪرارن کي ڪيئن نبيريندا هئا؟
2. نبيلا کي اسڪول اچڻ ۾ دير ڇو ٿي؟
3. ايمانداريءَ جي وصف ڇا آهي؟
4. سچائي جي وصف بيان ڪريو.
5. گهر ۾ رشتن جو بنياد ڪنهن تي هوندو آهي؟

**(ب) هيٺيان خال ڀريو:**

1. ڪرسٽل، فاريا جي بار بار الزام جي ڪري ____________ لڳي.
2. ڪلاس ٽيچر پنهي شاگردياڻين کان ____________ بابت معلوم ڪيو.
3. نبيلا، فاريا جي ڪاپي ____________ ۾ پنهنجي ٿيلهي ۾ رکي هئي.
4. ايمانداري ۽ سچائي سان هلڻ ڪري ملڪ تيزيءَ سان ____________ ڪري ٿو.
5. سچار شاگردن کي استاد ____________ جي نگاهہ سان ڏسندا آهن.

**(ج) هيٺين مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ايمانداري ۽ سچائي تي هلڻ سان سماج ۾ ڪرپشن جو خاتمو ٿئي ٿو. | | |
| 2. ايمانداري هڪ وسيع معنىٰ وارو گڻ آهي. | | |
| 3. گهر جي وڏن کي جيئن پنهنجي دل ۾ اچي تيئن هلڻ گهرجي. | | |
| 4. ڪنهن کان ڪا غلطي ٿي پوي تہ ان جو اقرار نہ ڪرڻ گهرجي. | | |
| 5. اسڪول ۾ ڪريل شي يا پئسا هيڊ ماستر کي ڏيڻ گهرجن. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگرياڻين جي زندگيءَ ۾ ايمانداري ۽ سچائيءَ جو ڪو واقعو پيش آيو هجي، ان بابت استاد جي نگرانيءَ ۾ هر شاگرد ۽ شاگردياڻي ڪلاس ۾ بيان ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن جي وچ ۾ روزمره زندگيءَ ۾ ايمانداري ۽ سچائيءَ جي اهميت بابت بحث ڪرائي وڃي، ايمانداري ۽ سچائي جا پنج مثال لکي اچڻ لاءِ هدايت ڪئي وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| تڪرار | جهيڳڙو، بحث، مباحثو | اقرار ڪرڻ | مڃڻ |
| مفروضو | خيالي ڳالهه | اوليت | پهرئين درجي تي آڻڻ |
| وهنوار | معاملو | ساک | ناماچاري، مشهوري |
| شفافيت | اصليت | رفع دفع | ختم ٿيڻ |
| گامزن | روانو ٿيڻ، شروع ٿيڻ | مثبت | فائدي مند |

# پاڙي ۾ رهڻ جا اصول

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- پاڙي ۾ رهڻ جي اصولن جي ضرورت کي وضاحت سان بيان ڪري سگھندا.
- پاڙي ۾ رهڻ جي اصولن تي ڪهڙي ريت عمل ڪري سگهجي ٿو. ان تي بحث ڪري سگھندا.
- مثالن سان واضح ڪندا ته پاڙيسرين سان ”پاڙي ۾ رهڻ وارن اصولن“ جوڙڻ ۾ ڪهڙي ريت سهڪار ڪري سگهجي ٿو.

## پاڙو ۽ ان جي اهميت:



انسان سماج جو هڪ فرد آهي جيڪو پنهنجي فطرت مطابق اڪيلو رهڻ پسند ڪو نه ڪندو آهي ۽ ٻين سان گڏجي رهندو آهي. جنهن سان سندس خانداني زندگي آسان ۽ پُر سڪون گذرندي آهي، هو پنهنجي سماج ۾ ڪو هڪ ڪم ڪندو آهي جنهن سان هن کي جيڪا آمدني ٿيندي آهي انهي مان هو ٻين جون ضرورتون پوريون ڪندو آهي. پر جيئن ته سڀني انسانن جي طبيعت ۽ سوچ هڪ جهڙي نه هوندي آهي تنهنڪري انهن جا پاڻ ۾ اختلاف به پيدا ٿي پوندا آهن. تنهنڪري انهن کي پاڙي ۾ گڏجي رهڻ لاءِ ڪن قاعدن ۽ قانونن جي ضرورت هوندي آهي جنهن سان انهن جو سماج پُر امن ۽ پُر سڪون رهندو آهي ۽ هر ڪو خوشي آزادي سان پنهنجي پنهنجي ڪٽنب سان ۽ پاڙيسرين سان باآساني زندگي گذاري سگھندو آهي.

پاڙو اهو علائقو آهي جتي ماڻهو گڏجي زندگي گذاريندا آهن اتان جا رهندڙ ماڻهو هڪ ٻئي جا پاڙيسري سڏبا آهن. اهي ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جا مددگار هوندا آهن. چاڪاڻ ته صحت، صفائي، موسم، پاڻي، بجلي، رابطي جي ذريعي، گندي پاڻي جي

نيڪالي، روڊن رستن، جان ۽ مال توڙي سلامتي جي هر صورتحال جو اثر سيني پاڙيسرين تي هڪ جهڙو پوندو آهي ۽ ان علائقي ۾ رهندڙن جا مفاد گڏيل هوندا آهن.

تنهنڪري هيٺين عام قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرڻ پاڙي ۾ رهندڙ هر ماڻهو جو فرض آهي:

- هر ڪو پنهنجي گهر، گهر جو اڳ، گهٽيءَ نِڪاس واري نالي صاف سٿري رکي.
- گهرن جي اڳيان پيل گند ڪچرو ڪڻڻ لاءِ مناسب بندوبست ڪن.
- گهر جو ڪن ڪچرو يا مال جو ڇيڻو وغيره پاڙي ۾ مخصوص هنڌن تي رکن ته جيئن ان کي ڪڻڻ وارو عملو ڪڻي وڃي سگهي.
- گاڏين کي صحيح نموني پارڪ ڪجي ته جيئن ٻين کي تڪليف نه ٿئي. پارڪنگ جي اصولن تي عمل ڪرڻ هر هڪ پاڙيسري پنهنجو فرض سمجهي.
- هنگامي حالتن جي صورت ۾ رابطو ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان فون نمبرن جي ڏي وٺ ڪن.
- سيئي پاڙيسري هڪ ٻئي جي جذبن ۽ ضرورتن جو خيال رکن.
- پاڻ ۾ ڳالهائڻ مهل هر ڪو گهر ۾ ٽي وي ۽ ريڊيو جو آواز گهٽ رکي.
- پاڙي ۾ ڪنهن ڪاج جي صورت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪن.

## پاڙي ۾ رهڻ بابت اصول:

آدرشي پاڙو ملڻ مشڪل هوندو آهي. دنيا ۾ اهو ڏنو ويو آهي ته هڪ پاڙي ۾ رهندڙ سيئي ماڻهو آدرشي ۽ سنا ڪو نه هوندا آهن. انهن مان ڪي خراب شهري به هوندا آهن. اهي پاڙي ۾ رهڻ لاءِ مقرر ڪيل اصولن يا قاعدن تي عمل نه ڪندا آهن۽ اهي اڪثر پنهنجن پاڙيسرين جي لاءِ مسئلا پيدا ڪندا رهندا آهن، اهڙن پاڙيسرين سان ڪنهن مسئلي جي حل لاءِ وڙهڻ يا ڪاوڙ سان ڪجهه چوڻ مان ڪجهه به فائدو نه ٿيندو آهي. بلڪ معاملا وڌيڪ خراب ٿيڻ يا ڪورٽن ۾ وڃڻ جو انديشو رهندو آهي. ڊي پروٽوڪول اسڪول ٽيڪساس جي باني ۽ بهتر زندگي لاءِ جديد آداب جي ليکڪ ڊيان گاٽسمين جو چوڻ آهي ته پاڙيسري سان ڪو مسئلو هجي ته ان پاڙيسري سان روبرو ملي نرمي سان ۽ سندس عزت نفس جو خيال رکندي ادب سان ڳالهائڻ گهرجي. جيڪڏهن ائين ڳالهائڻ سان مسئلو حل نه ٿئي ته هيٺ ڏنل طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن:

1. پاڙي ۾ ايندي ويندي هڪ ٻئي سان مسڪراهٽ ونڊجي. سلام دعا ڪجي. انهي

عمل سان هڪ ٻئي جي لاءِ نيڪ تمنا ۽ نيڪ نيتي پيدا ٿيندي.

2. ڪنهن گهر جي اڳ واري باغيچي ۾ گاهه ٻوٽا يا وڻن جي وڌيل پنن يا ٽارين جي ڪٽائي نه ٿيل هجي ته انهي ڪم ۾ پاڙيسري جي مدد ڪجي.
3. ڪي پاڙيسري اصولن ۽ قاعدن تي صحيح ڪرڻ ڪان اڳ مناسب طريقي سان پڙهندا نه آهن ۽ پوءِ عمل به نه ڪندا آهن اهڙن ماڻهن کي گهرجي ته قبوليت نامو پڙهي پوءِ صحيح ڪجي.
4. پاڙيسرين سان وقت بوقت سندن صحت، ٻارن جي خير عافيت، تعليم، موسم، مارڪيٽ ۽ روزمره جي استعمال وارين شين جي اگهن بابت حال احوال ڪندو رهڻ گهرجي.
5. پاڙيسرين خاص طور تي سينئر شهرين جي جذبن ۽ ضرورتن جو خيال رکڻ گهرجي.
6. پاڙيسرين سان ڪڏهن ڪڏهن چانهه جي ڪوپ تي ڪچهري ڪرڻ جي دعوت ڏيندو رهڻ گهرجي. انهن کي پنهنجي خوشي غمي ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي ۽ انهن جي شادي غمي ۾ شرڪت ڪندو رهڻ گهرجي.
7. پنهنجن پاڙيسرين جي ڳالهه توجهه سان ٻڌڻ گهرجي ۽ ڪنهن جي ڳالهه وچ ۾ نه ڪٽڻ گهرجي.
8. ضرورت آهر پاڙيسرين جي روين، پوشاڪ، کاڌي پيتي جي تعريف ڪجي پر اجايا مشورا نه ڏيڻ گهرجن.

اهڙي طرح پاڙي ۾ رهڻ ڪري پاڙيسرين ۾ باهمي نيڪ نيتي پيدا ٿيندي ۽ هڪ آدرشي پاڙو بنائڻ ۾ مددگار ٿيندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مجيل اصولن يا مقرر ڪيل قاعدن ۽ قانونن ۾ ترميم ڪرڻ يا نئين سر جوڙڻ جي ضرورت پئجي ويندي آهي. انهي خاطر باهمي رضامندي سان يڪراءِ تي تبديلي آڻجي يا نئين سر جوڙڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان اڳتي هلي سنا نتيجا نڪرندا ۽ سڀئي پاڙيسري دل سان انهن تي عمل به ڪندا جو اهي انهن جا پنهنجا جوڙيل يا ترتيب ڏنل هوندا آهن.

سيني مذهبن ۽ ڌرمن جي سکيا به اها آهي ته پاڙيسري ته پري رهندڙ پائرن کان به وڌيڪ هوندا آهن جو اهي مصيبت مهل پهرين پهچندا آهن تنهنڪري پاڙي ۽ پاڙيسرين جو احترام ۽ قدر ڪرڻ گهرجي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

ماڻهو فطرت مطابق اڪيلو رهڻ پسند ناهي ڪندو بلڪ ڪيس خاندان ۽ اوڙي پاڙي سان گڏجي رهڻو پوندو آهي. پاڙيسري هڪ ٻئي لاءِ ڏک سور ۽ خوشي جا ساٿي هوندا آهن. بهتر زندگي گذارڻ لاءِ پاڙيسرين سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن سان تعاون ۽ خيرخواهي ڪرڻ واري جذبي جي هر مذهب پارت ڪري ٿو ۽ هر انسان لاءِ لازم آهي تہ هو پاڙيسرين سان رهڻ جي اصولن ڪان واقف ٿي انهن تي پابندي جي ڪوشش ڪري.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. پاڙي وارن سان سنا لاڳاپا رکڻ لاءِ ڪهڙين اهم ڳالهين جو خيال رکڻ ضروري آهي؟
2. هڪ سني پاڙيسري جو خيال ڪيئن رکڻ گهرجي؟
3. پاڙي وارن سان تعلق پنهنجي خاندان ۽ مائٽن جي تعلق ڪان وڌيڪ گهرو ڇو هوندو آهي؟
4. ”دي پروٽوڪول اسڪول ٽيڪساس“ جي باني ”ديان گاتسمين“ پاڙيسرين جي باري ۾ ڇا چيو؟
5. جيڪڏهن ادب سان ڳالهائڻ ذريعي مسئلو حل نہ ٿئي تہ ڪهڙا طريقا استعمال ڪجن؟ ڪي بہ پنج لکو.

(ب) هيٺين مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. پاڙيسرين سان سندن ڪم ڪار ۾ مدد ڪرڻ برو عمل آهي. | | |
| 2. پاڙيسرين کي گهرجي تہ ڪاڏي پيتي مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏين. | | |
| 3. پاڙي ۾ ڪچهريون ڪرڻ گهرجن. | | |
| 4. پاڙي جي قاعدن تي عمل ڪندڙ شخص خلاف عدالت وڃڻ گهرجي. | | |
| 5. هڪ ٻئي جي شادي غميءَ ۾ شرڪت ڪرڻ گهرجي. | | |

(ج) صحيح جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:

1. پاڙو اها جاءِ آهي جتي ماڻهو گڏجي:

(الف) زندگي گذاريندو آهي (ب) راند روند ڪندو آهي
(ج) ڪاروبار ڪندو آهي (د) ملازمت ڪندو آهي

2. پاڙيسري ڏک سک ۾ هڪ ٻئي لاءِ هوندا آهن:

(الف) دوست (ب) مددگار
(ج) دشمن (د) اڻ ڄاڻ

3. سٺو پاڙيسري ملڻ:

(الف) ڏکيو آهي (ب) نعمت آهي
(ج) محال آهي (د) ممڪن آهي

4. معاملا خراب ٿيڻ تي ماڻهو وچي پهچندا آهن:

(الف) اسپتالن ۾ (ب) بينڪن ۾
(ج) بازارن ۾ (د) ڪورٽن ۾

5. پاڙي جا قاعدا قانون جوڙڻ گهرجن:

(الف) باهمي رضامندي سان (ب) خوشيءَ سان
(ج) دل سان (د) جذبي سان

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ”پاڙي ۾ رهڻ جي اصولن“ بابت مواد گڏ ڪري ڪلاس ۾ ان بابت مذاڪرو منعقد ڪن ۽ اهم اصول نوٽ ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۾ شاگردياڻين کي ٻڌايو وڃي تہ ڏکئي وقت ۾ ڪم اچڻ لاءِ پاڙيسرين سان کهڙي نموني بهتر تعلق برقرار رکي سگهجي ٿو.



## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| آمدني | اُپت، پيداوار | واقف ٿيڻ | خبروار ٿيڻ |
| مفادُ | مطلب | گهرو | مضبوط |
| آدرش | اصول پرست، مثالي | يڪ راءِ | اتفاق راءِ سان |
| نيڪ نيتي | سچائي، خلوص | غمي | ڏک واري حالت |
| سکيا | تعليم | مذاڪرو | بحث مباحثو |
| خيرخواهي | ڀلو چاهڻ | | |

# ٽريفڪ جا قاعدا ۽ قانون

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- ٽريفڪ جا قاعدا ۽ قانون بيان ڪري سگهندا.
- ٽريفڪ جي مختلف قانونن کان واقف ٿي انهن جي اهميت واضح ڪري سگهندا.
- ٽريفڪ جي مکيه نشانين ۽ علامتن کي سڃاڻي سگهندا.
- ٽريفڪ جي قانونن تي سختي سان عمل ڪرڻ جي فائدن ۽ خلاف ورزي ڪرڻ جي نقصانن بابت بحث ڪري سگهندا.
- قانون جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ ڏنڊ پري ڏيڻ بابت ڄاڻي سگهندا.



جڏهن روڊن رستن کي سفر ڪرڻ لاءِ پيادل يا ڪنهن جانور يا گاڏي تي سوار ٿي استعمال ڪجي ٿو ته انهي کي ٽريفڪ سڏبو آهي ۽ جيڪي قاعدا قانون ٽريفڪ کي منظم بڻائن ٿا تن کي ٽريفڪ جا قاعدا ۽ قانون سڏيو ويندو آهي. ٽريفڪ جي قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرائڻ لاءِ سرڪار پاران روڊن جي پرسان نشان لڳل هوندا آهن ۽ شهر جي اندر بجلي تي هلندڙ سگنل هوندا آهن يا ٽريفڪ پوليس وارا هوندا آهن جيڪي هٿ جي اشارن سان ٽريفڪ ڪنٽرول ڪندا آهن.

### ٽريفڪ جا اشارا:

ٽريفڪ جي اشارن جي تمام گهڻي اهميت آهي ڇاڪاڻ ته هي اوهان کي حادثن کان بچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. تنهنڪري هر فرد کي انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي. ٽريفڪ جا اشارا ٽن قسمن جا ٿيندا آهن 1. لازمي اشارا 2. خبرداري وارا اشارا 3. معلوماتي اشارا. جيڪي اوهان کي روڊ تي ڊرائيو ڪرڻ دوران نظر ايندا آهن. ٽريفڪ جي مکيه اشارن ۽ انهن جي مختصر وضاحت هن ريت آهي:



1. لازمي اشارا: هي اشارا گول دائري جي شڪل نما هوندا آهن جن تي عمل ڪرڻ لازم آهي. جن مان ڪجهه اشارا هيٺ ڏجن ٿا:


**نو پارڪنگ:** جتي هي نشان هوندو اتي اوهان پنهنجي گاڏي بيهاري نہ ٿا سگهو.


**ون وي:** هن نشان جو مطلب آهي تہ هڪ طرف گاڏيون هلڻ گهرجن يعني ٻہ طرفہ گاڏيون هلڻ منع آهي.



**حدِ رفتار:** جتي بہ هي نشان هوندو، ان جو مطلب تہ ڏنل رفتار مطابق گاڏي هلائڻي آهي.


**يو ٽرن:** هن نشان مطابق اوهان اڳيان وڃي روڊ تبديل ڪري سگهو ٿا.


**نو اوور ٽيڪ:** هن نشان مطابق اوهان ڪي سامهون هلندڙ گاڏي کي ڪراس ناهي ڪرڻو بلڪہ ان جي پويان قطار ۾ هلڻو آهي.


**رائيٽ ٽرن:** هن نشان جو مطلب اوهان کي اڳيان وڃي ساڄي پاسي مُڙڻ گهرجي


2. **خبرداري اشارا:** هي اشارا ٽڪنڊي شڪل جا ٿيندا آهن هنن جو مطلب آهي اوهان کي خبردار ڪرڻ تہ جيئن اوهان ڪنهن حادثي کان محفوظ رهي سگهو. هيٺ ڪجهہ نشانن متعلق معلومات ڏجي ٿي:


**ٽريفڪ سگنل:** هن نشان جو مطلب آهي تہ اڳيان ٽريفڪ سگنل آهي جنهن جي مطابق اوهان کي عمل ڪرڻو آهي يعني ڳاڙهي بتي ٻرڻ تائين گاڏي روڪي بيهارڻي آهي، ڦڪي / پيلي بتي ٻرڻ سان اوهان هلڻ لاءِ تيار ٿي وڃو ۽ سائي بتي ٻرڻ سان اوهان جي گاڏيءَ کي هلڻ جو اشارو ملي ويندو آهي.


**ڪراس روڊ:** هي نشان مين روڊ جي ٻنهي طرفن کان لنڪ روڊ جي هجڻ جو آهي. تنهنڪري گاڏي آهستي ۽ ڌيان سان هلائڻ گهرجي.


**ٽو وي:** هن نشان جو مطلب آهي تہ روڊ تي ٻنهي طرفن کان گاڏيون هلي رهيون آهن.


**زيبرا ڪراس:** هن نشان مطابق روڊ تان ماڻهن جي گذرڻ جي جاءِ آهي تنهنڪري اوهان کي آهستي ۽ ڌيان سان گاڏي هلائڻي آهي.


**ترڪڻ وارو روڊ:** هي نشان روڊ ترڪڻ جو آهي يعني اوهان جي گاڏي روڊ تي هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي.



3. معلوماتي اشارا: هي اشارا چوڪنڊي شڪل جا هوندا آهن جن جو مطلب اوهان کي معلومات فراهم ڪرڻ آهي. انهن اشارن مان ڪجھ اشارا هيٺ ڏجن ٿا:



پيٽرول پمپ: هن نشان سان اوهان کي معلوم ٿيندو ته اڳيان پيٽرول پمپ ڪيترو پري آهي.



اسپتال: هي نشان اوهان کي معلوم ڪرائيندو ته اڳيان اسپتال ڪيتري پري آهي.



اسڪول: هن نشان جو مطلب ته اڳيان اسڪول يا اسڪول بس جو اسٽاپ آهي تنهنڪري گاڏي آهستي ۽ ڌيان سان هلائڻ گهرجي.




مسجد: هن نشان سان اوهان کي معلوم ٿيندو ته مسجد ڪيترو پري آهي.



هوٽل/ ريسٽورنٽ: هن نشان سان اوهان کي معلوم ٿيندو ته اڳيان هوٽل يا ريسٽورنٽ اچڻ وارو آهي.

هر ماڻهو پوءِ هو ڪٽي بار هجي يا ٻيو ڪيس ٽريفڪ جي قاعدن ۽ قانونن جي پوري طرح ڄاڻ هئڻ گهرجي. جن تي عمل ڪرڻ سان سندن ۽ ٻين جي حياتي توڙي گاڏين جي سلامتي يقيني رهي ٿي ۽ انهن جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ ننڍن وڏن حادثن، جان ۽ مال جي نقصان جو امڪان رهي ٿو. هڪ اندازي مطابق پوري دنيا ۾ روڊن جي حادثن جي ڪري تقريبًا 1.35 ملين ماڻهو زخمي ٿين ٿا جن مان ڪي ته عمر ڀر لاءِ اپاهج، معذور ۽ محتاج ٿيو وڃن ٿا. انهن حادثن جو منفي اثر فردن انهن جي ڪٽنبن ۽ وڏي پيماني تي پوري قوم تي ذهني ۽ معاشي نقصان جي صورت ۾ پوي ٿو. ٽريفڪ جي حادثن جي ڪري معذور ٿي ويل ماڻهو پنهنجي ڪٽنب تي ڀاڙيندڙ ۽ ملڪي پيداوار ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کان محروم ٿي وڃي ٿو. روڊ حادثا گهڻن ملڪن جي ڪل ساليانه پيداوار جو 3% سيڪڙو گهٽ ٿيڻ جو سبب ٿجن ٿا.

اهڙا جان جوکي ۾ وجهندڙ روڊ حادثا اڪثر گهٽ يا وچولي آمدني وارن ملڪن ۾ ٿين ٿا ۽ انهن ۾ اڪثر ٻارن ۽ نوجوانن جو موت واقع ٿئي ٿو يا اهي هميشه لاءِ معذور ٿجي وڃن ٿا. اهڙن حادثن جا هيٺيان سبب هوندا آهن:

- حد کان وڌيڪ تيز رفتاري سان گاڏيون هلائڻ.
- روڊ تي هلندڙ گاڏين جي وچ ۾ مناسب فاصلو نه رکڻ.

- اڳئين گاڏي کي تڪڙ ۾ يا غلط پاسي کان اوورٽيڪ ڪرڻ.
- گاڏي کي روڊ جي ڪناري کان هيٺ خالي جڳهه تي هلائڻ.
- بنا ڪنهن اشاري / نشاني جي بيهاري ڇڏڻ.
- ايڪسپريس وي تي جتي ٽريفڪ يڪ طرفي هوندي آهي اتي سامهون طرف هلائڻ.
- رات جو گاڏي جي بتين جي روشني تيز رکڻ جنهن سان سامهون کان ايندڙ گاڏي واري کي ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه اچڻ.
- ٽريفڪ جي عام اصولن يا قاعدن جي خلاف بنا ڏٺي تيزي سان روڊ تي چڙهڻ.
- ڪا نشي دار شيءِ واپرائي يا اڻ پوري ننڊ هوندي به گاڏي هلائڻ.
- غلط نموني پارڪنگ ڪرڻ ۽ روڊ تي شهر ۾ سگنل ۽ ٽريفڪ جي نشانين کي نظر انداز ڪرڻ.
- ڪنهن سفر تي رواني ٿيڻ کان پهرين گاڏي جو تيل، پاڻي، بريڪ ۽ ٽائرن جي هوا چيڪ نه ڪرڻ.
- موٽر سائيڪل بنا هيلميٽ هلائڻ يا هڪ ڦيٽي تي موٽر سائيڪل هلائڻ ۽ گاڏي هلائڻ وقت سيٽ بيلٽ نه ٻڌڻ.

ان جي ابتڙ ٽريفڪ جي قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرڻ جاڪئين فائدا آهن. جن تي عمل ڪرڻ سان جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن دير تي سگهي ٿي پر ماڻهو حفاظت ۾ رهي ٿو چو ته ٿوري دير سان پهچڻ وڌيڪ بهتر آهي جو ماڻهو نقصان ڪائي پهچي يا ڪڏهن به نه پهچي. ٽريفڪ جي قانونن جي پابنديءَ جا ڪجهه فائدا هن ريت آهن:

- گاڏي هلائڻ وقت سيٽ بيلٽ ٻڌڻ
- پنهنجي توڙي ٻين جي جان سلامت رهي ٿي.
- پنهنجي توڙي ٻين جي گاڏي ۽ ملڪيت جو نقصان نٿو ٿئي.
- پاڻ ۽ ٻيا ماڻهو توڙي جانور معذور نٿا ٿيڻ.
- ملڪي پيداوار ۾ اضافو ٿئي ٿو.
- هر هڪ بي خوف ٿي سفر ڪري ٿو، ماڻهن کي ذهني سڪون ملي ٿو ۽ ملڪ تيزي سان ترقي ڪري ٿو.

اسان جي ملڪ ۾ جيڪي ڪم ٽريفڪ جي قاعدن جي ڀڃڪڙي ۾ اچن ٿا، تن ۾ تيز رفتاري، بي اصولي اوورٽيڪنگ، غلط يو ٽرن وٺڻ، گاڏي هلائيندي موبائيل فون تي

ڳالهائڻ، سيٽ بيلٽ نه پائڻ، ڊرائيونگ لائسنس نه رکڻ، ون ويلنگ ڪرڻ ۽ هيلميٽ نه پائڻ يا غلط پارڪنگ ڪرڻ شامل آهن انهن مان ڪنهن به ناجائز قدم کڻڻ جي صورت ۾ ماڻهوءَ تي ڀاري ڏنڊ پوي ٿو يا ڪيس جيل به موڪليو وڃي ٿو.

تنهنڪري اسڪول ۾ استادن ۽ گهر ۾ مائٽن کي گهرجي ته اهي ٻارن کي ٽريفڪ جي قاعدن قانونن ۽ اصولن کان واقف ڪن. ننڍن ٻارن کي موٽرسائيڪل يا موٽرڪار هلائڻ جي هرگز اجازت نه ڏين. ٽريفڪ جي قاعدن تي عمل ڪرڻ ۾ ئي اسان سڀني جي ڀلائي آهي.

**هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:**

جيڪي قاعدا قانون ٽريفڪ کي منظم بڻائين ٿا تن کي ٽريفڪ جا قاعدا ۽ قانون سڏيو ويندو آهي. ٽريفڪ جي قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرائڻ لاءِ سرڪار پاران روڊن جي پرسان نشان لڳل هوندا آهن ۽ شهر جي اندر بجلي تي هلندڙ سگنل يا ٽريفڪ پوليس وارا هوندا آهن جيڪي هٿ جي اشارن سان ٽريفڪ ڪنٽرول ڪندا آهن. ٽريفڪ جي انهن قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرڻ ۾ ئي اسان سڀني جي ڀلائي آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. ٽريفڪ جي قاعدن ۽ قانونن جو ڇا مطلب آهي؟
2. حڪومت ٽريفڪ جي قانونن تي ڇو عمل ڪرائيندي آهي؟
3. ٽريفڪ جي قانونن تي عمل ڪرڻ جا ڪي فائدا لکو.
4. ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي نه ڪرڻ سان ٿيندڙ نقصان بيان ڪريو.
5. ڪهڙن ڪمن تي ماڻهو مٿان ڏنڊ پئجي سگهي ٿو؟
6. اشارن جا ڪيترا ۽ ڪهڙا قسم آهن؟

**(ب) هيٺيان خال ڀريو:**

1. پيادل، سواري يا ڪنهن جانور تي چڙهي روڊن ۽ رستن تي هلڻ جو نالو _____ آهي.
2. شهرن ۾ ٽريفڪ کي سنڀالڻ لاءِ _______ هوندا آهن.
3. ٽريفڪ پوليس وارا _______ سان ٽريفڪ کي ڪنٽرول ڪندا آهن.
4. گهر ڪڏهن به نه پهچڻ کان بهتر آهي ته پلي _______ سان پهچجي.
5. معلوماتي اشارا _______ شڪل جا هوندا آهن.

(ج) هيٺين مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "×" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ٽريفڪ جي قانون جي پيچڪڙي ڪرڻ سان انعام ملندو آهي. | | |
| 2. موٽر سائيڪل بنا هيلميٽ هلائجي. | | |
| 3. ٽريفڪ حادثا ماڻهوءَ جي موت جو سبب بڻجندا آهن. | | |
| 4. ريلوي ڦاٽڪ بند هجي ته گاڏي سائيڊ مان ڪڍڻ گهرجي. | | |
| 5. ننڍن ٻارن کي گاڏي هلائڻ لاءِ ڏيڻ بي حد خطرناڪ آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ٽريفڪ جي نشانين جون شڪليون ۽ انهن جو مطلب لکي پنهنجي استاد کي ڏيکارين.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٽريفڪ جي علامتن سمجهڻ جي عملي سمجهاڻي لاءِ شهر جي سگنل هائوس ۾ وٺي وڃجي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنى

| لفظ | معنى | لفظ | معنى |
|---|---|---|---|
| علامت | نشاني | واپرائڻ | استعمال ڪرڻ |
| ڏنڊ | جرمانو | يوٽرن وٺڻ | وَڪڙ ڪرڻ، وَرَڻ |
| وڇوٽي | مفاصلو، فرق | پارڪنگ | گاڏي بيهارڻ |
| اوورٽيڪ | اورانگهڻ، ڪراس ڪرڻ | حد رفتار | گاڏي هلائڻ جي ڏنل رفتار |
| اپاهج | معذور | زيبرا ڪراس | روڊ تان ماڻهن جي گذرڻ جي جاءِ |

باب ٽيون

# سماجي آداب

**تدريسي معيار**

هن باب پڑهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي تہ اهي:

- سمجهي سگهندا تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ماڻهن جي درميان رابطي جو تيز ترين ذريعو آهي.
- ڪنهن بہ اوزار سان ۽ بغير اوزار جي رابطي ڪرڻ ۾ پنهنجي مهارتن جو عملي مظاهرو ڪري سگهندا.
- احساس ڪندا تہ رابطوئي زندگي ۾ ڪاميابي جي ڪنجي آهي.

## تعارف

بهتر زندگي گذارڻ لاءِ ڪجهہ قاعدا ۽ قانون مقرر ڪيا ويا آهن، جن جي پابندي هر شخص لاءِ ضروري آهي. اهي قاعدا ۽ قانون هڪ بهتر سماج جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. انهن قاعدن جي پابندي نہ ڪرڻ يا ڪوتاهي ڪرڻ سان يقيني طور سماج ۾ پريشاني ۽ ناانصافي قائم ٿيندي. ڳالهہ ٻولهہ جي ذريعي اسين سنا ناتا بحال ڪري سگهون ٿا. جيڪي انساني ترقي ۽ تعمير ۾ هڪ مثبت ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ هڪ سٺي سماج جو بنياد رکن ٿا.

سُڏسماء جي ذريعي اڄ دنيا هڪ ڳوٺ وانگر بڻجي پئي آهي. انهيءَ ڪري مُثبت سماجي ناتن کي برقرار رکڻ لاءِ مناسب گفتگوءَ جو استعمال هڪ بهتر واٽ آهي. ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ مثبت ۽ اثرائتي گفتگوءَ کي بنيادي حيثيت حاصل آهي، جيڪا سُنن آداب جي ڪاتي ۾ ليکجي ٿي.

هن باب ۾ ”رابطو ۽ ان جا طريقا“ کان سواءِ، ”مواصلاتي رابطو“ ۽ ”زباني رابطو“ جا سبق شامل ڪيا ويا آهن.

# رابطو ۽ ان جا طريقا

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- لفظ ”رابطي“ جي تعريف بيان ڪري سگھندا.
- رابطي جي مختلف ذريعن کي جاڇي سگھندا. جهڙوڪ: زباني، علاماتي، بدني اشاراتي ۽ مواصلاتي.
- وڌيڪ مؤثر هجڻ جي اعتبار سان رابطي جي مختلف ذريعن وچ ۾ ڀيٽ ڪري سگھندا.
- زباني رابطي ۾ علامتن ۽ جسماني اشارن جي استعمال کي جاچي سگھندا.
- لکڻ ۽ ڳالهائڻ دوران لفظن جي چونڊ ۾ پنهنجي قابليت جو مظاهرو ڪري سگھندا.
- روزمره جي زندگي ۾ مواصلاتي رابطي جي اهميت بابت بحث ڪري سگھندا.

”رابطو“ زباني ڳالهه ٻولهه، اشارن ڪناين ۽ جسماني اشارن جو نالو آهي ۽ ٽيلي ڪميونيڪشن مان مراد معلومات جو اهو ذريعو جنهن ۾ هڪ ماڻهو يا هڪ گروپ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن ڪو پيغام يا ڪا ڄاڻ موڪلي ٿو جنهن ۾ هوائي لهرن کي آواز موڪلڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. رابطي جا ٽي حصا هوندا آهن 1. موڪليندڙ 2.پيغام 3. وصول ڪندڙ.

رابطي ۾ موڪليندڙ جا جذبا، صورتحال جي ڏي وٺ جي ذريعي جو اثر ٿئي ٿو. تنهنڪري رابطي ڪرڻ ۾ اهڙين مهارتن جي ضرورت پوندي آهي. جنهن سان هن جي ڳالهه واضح، چٽي، مؤثر هجي. انهي ۾ لفظن جي چونڊ ۽ جسماني اشارن جي ٻولي مناسب ٿيندي آهي. جنهن ۾ لفظن سان گڏ چهري، اکين ۽ هٿن جا اشارا ۽ تاثر هڪ ٻئي جي ڳالهه سمجهڻ ۾ آساني پيدا ڪن ٿا. جڏهن ته تحريري رابطي ۾ وصول ڪندڙ کي پيغام سمجهڻ ۾ ڪي قدر مشڪل درپيش اچي سگھي ٿي. تنهنڪري روبرو جو رابطو وڌيڪ مؤثر ثابت ٿيندو آهي.

رابطي ڪرڻ جا ذريعا هيٺيان آهن 1. ڳالهائڻ ذريعي پيغام پهچائڻ 2. زبان سان ڳالهائڻ بدران جسماني اشارن ۾ ڳالهه ٻئي تائين پهچائڻ. 3. لکت صورت ۾ پيغام پهچائڻ 4. گرافن، چارٽن ۽ نقشن، لوگو يا ٻين علامتن سان پيغام پهچائڻ 5. ٽيليفوني ذريعي سان پيغام پهچائڻ.

عام پيغام رسائي جي ذريعي سان هڪ يا گهڻن وصول ڪندڙن ڏانهن جڏهن ڪو پيغام موڪليو وڃي ٿو انهي ۾ ڪڏهن ڪنهن مرحلي تي غلط فهمي پيدا ٿي سگهي ٿي يا انهي جو غلط مطلب وٺي سگهجي ٿو. پر ماڻهو ڳالهائڻ ٻولهائڻ وقت پنهنجي سامعين کان چڱي طرح واقف هوندو آهي. تنهنڪري هو مناسب لفظن، جملن ۽ تعبيرن جي چونڊ ڪندو آهي ۽ پنهنجي پيغام کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته جيئن غلط فهمي جو امڪان گهٽ کان گهٽ رهي. هو ٻڌندڙن کان وقت بوقت رد عمل به حاصل ڪندو رهندو آهي ته جيئن هو ممڪن حد تائين انهي ۾ سڌارو آڻي سگهي. تنهنڪري ڳالهه ٻولهه وارو رابطي جو ذريعو هڪ مؤثر ذريعو آهي.

جسماني اشارو (Gesture) پيغام موڪلڻ جو اهو طريقو آهي جنهن ۾ بنا ڳالهائڻ جي صرف جسماني عمل يعني چهري جي تاثرن، اکين ۽ هٿن جي اشارن ذريعي پيغام ٻئي ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. انهي طريقي سان پنهنجي ڳالهه پاڻمرادو جسماني حرڪت، اشاري، هٿن، اکين ۽ چهري جي تاثر، ڪنڌ لوڏڻ، مٺو ڏوڙڻ جي ذريعي ٻئي تائين پهچائي ويندي آهي مثلاً: ها يا نه جا لفظ صرف ڪنڌ لوڏڻ سان ٻئي کي ٻڌائي سگهجن ٿا. هي هڪ قسم جي عالمي ٻولي پڻ آهي. اشارن سان پوري دنيا جي ماڻهن کي پنهنجو مطلب سمجهائي سگهجي ٿو. دنيا ۾ جديد ٽيڪنالاجي ايڏي ته تيزي سان ترقي ڪري رهي آهي جو اميد ڪري سگهجي ٿي ته هاڻي هي اشارن جي ٻولي ڪمپيوٽر به سمجهي سگهندا.

ڇا اشارا هڪ انسان جي ٻئي انسان سان رابطي ۾ ڪو ڪردار ادا ڪن ٿا؟ اسان چڱي طرح ڄاڻون ٿا ته علامتون ۽ اشارا به رابطي ۽ ڄاڻ پهچائڻ جو اهم ذريعو آهن مثلاً: تير جو اشارو طرف ٻڌائڻ جي علامت آهي اهڙي طرح ڪمپنين جا لوگو ان ڪمپني جي سڃاڻپ هوندا آهن پر اهي انهي صورت ۾ استعمال ٿين ٿا جڏهن ڪو سامهون عام پيغام موجود ڪو نه هوندو آهي. ماڻهوءَ اڪيلي سر پنهنجي جذبن جو اظهار پيو ڪندو آهي. پر اهو وڌيڪ مؤثر تڏهن هوندو آهي جڏهن ڪو ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ موجود هجي.




مواصلاتي پيغام (Telecommunication) مان مراد آهي ته پيغام يا معلومات جي ڏي وٺ، ٽيليفون ڪال، متن، تصوير يا ويڊيو توڙي منتقل ڪرڻ جوڳي ڄاڻ هوائي لهرن ۽ ڪنهن برقي مشين جي ذريعي ٻين تائين پهچائي وڃي. اڄڪلهه ٽيلي ڪميونيڪيشن نيٽ

ورڪ هڪ منظم ۽ تمام گهڻو استعمال ٿيندڙ پيغام رسائي جو ذريعو آهي. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ ٽيلي ڪميونيڪيشن جو نظام ملڪي ليول تي هڪ اداري پيمرا (PEMRA) طرفان ڪنٽرول ڪيو وڃي ٿو. انهي نظام ۾ ريڊيو، ٽيليويزن، انٽرنيٽ سروس، وائرليس سروس، ڪيبل ۽ سيٽلائيٽ سروسز شامل آهن.

ٽيلي ڪميونيڪشن ڪاروبار هلائڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. انهي ۾ ويب برائوزنگ، اي ميل، سوشل ميڊيا ۽ سوشل نيٽ ورڪنگ، ويڊيو ڪانفرنسنگ، فون سروس، فائيل شيرنگ وغيره شامل آهن. اهي سڀئي سهولتون ڪاروبار ڪي وڌائڻ ۽ سهڻي نموني هلائڻ ۾ تمام گهڻيون مددگار آهن. ٽيڪنالاجي 21 صدي جي انهي دور ۾ ٽيلي ڪميونيڪيشن جي تمام گهڻي اهميت آهي. اسان کي به دنيا سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ لاءِ ٽيلي ڪميونيڪيشن ۾ مهارت ڪرڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:

اشاري، زباني عمل يا ٻئي ڪنهن ذريعي ڪي ڪتب آڻيندي معلومات جي ڏي وٺ ڪرڻ کي رابطه ڪاري سڏبو آهي. جنهن جا وڏا قسم زباني، اشاراتي ۽ مواصلاتي رابطا آهن. معلومات جي ڏي وٺ کان علاوه ان رابطه ڪاري ذريعي واپار ۽ تجارت، تعليم ۽ سياست سميت زندگي جي هر شعبي ۾ آسانيون پيدا ٿي پيون آهن. جيڪڏهن ڪنهن قوم کي مستقبل ۾ دنيا سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻو آهي ته کيس جديد رابطه ڪاري جي ذريعن کي اپنائڻ لازمي آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. رابطي جو مطلب ڇا آهي؟
2. رابطي جا ڪيترا ۽ ڪهڙا قسم آهن؟
3. رابطي جو مؤثر ذريعو ڪهڙو آهي؟ وضاحت ڪريو.
4. جسماني اشارن ۽ علامتن جو رابطي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
5. مواصلاتي رابطي ۾ ڪهڙيون شيون شامل آهن؟

(ب) هيٺين مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪاروبار ۾ مدد ڪري ٿو. | | |
| 2. ريڊيو، ٽيليويزن ۽ موبائل اشاراتي ذريعا آهن. | | |
| 3. جسماني اشارا ۽ تاثر روڊ تي هلڻ ۾ مدد ڪن ٿا. | | |
| 4. زباني رابطي جو ذريعو سڀ کان مؤثر ذريعو آهي. | | |
| 5. بهتر تعلق قائم ڪرڻ لاءِ بهتر گفتگو جي وڏي اهميت آهي. | | |

(ج) صحيح جواب تي "✓" جو نشان لڳايو

1. زباني ڳالھ ٻولھ، اشارن ۽ علامتن ذريعي پيغام پهچائڻ کي سڏجي ٿو:

(الف) رابطو (ب) تعلق

(ج) معلومات (د) خبر

2. لهرن ۽ آوازن وسيلي پيغام پهچائڻ جو ذريعو سڏجي ٿو:

(الف) لکت وارو ذريعو (ب) مواصلاتي ذريعو

(ج) جسماني اشارن جو ذريعو (د) علامتن وارو ذريعو

3. رابطي جو مؤثر ۽ اعتماد جوڳو ذريعو آهي:

(الف) مواصلاتي (ب) علاماتي

(ج) ڳالھ ٻولھ وارو (د) لکت وارو

4. چهري جي تاثر ۽ ڪنڌ توڙي آڱرين ذريعي پيغام ڏيڻ سڏجي ٿو:

(الف) جسماني اشارن جي ذريعو (ب) مواصلاتي ذريعو

(ج) زباني ذريعو (د) علامتن ۽ نشانين وارو ذريعو

5. پاڪستان ۾ مواصلاتي رابطي جي نگراني ڪندڙ ادارو آهي:

(الف) واپڊا (ب) پيمرا

(ج) نيپرا (د) نمرا

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

ڪلاس ۾ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هڪ ڏينهن مواصلاتي ۽ ان جي پنجن قسمن بابت عملي نمونو مظاهرو ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڪميونيڪيشن ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن جي فائدن ۽ نقصانن کان آگاهه ڪيو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| مؤثر | اثرائتو | ڪتب آڻڻ | ڪم ۾ لڳائڻ |
| تعبير | ادا ڪرڻ، ڏيکارڻ | ترقي ۽ تعمير | سڌارو |
| مواصلات | سُڌ سماء | ناتو | تعلق |
| متن | لکت وارو مواد | مهارت | ڪاريگري، هنر |
| سامعين | ٻڌندڙ | | |

# مواصلاتي رابطو



راج کي اڳئين مهيني هڪ ڪمپيوٽر سافٽ ويئر ڪمپني (Computer Software Company) ۾ نوڪري ملي هئي. جڏهن ڪيس پگهار مليو ته هن هڪ موبائل ورتي، موبائل وٺي هو گهر پهچي، سيني گهر وارن کي سلام ڪندي، پنهنجي ڏاڏي وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين ته ڏاڏا ! هي ننڍو تحفو قبول ڪجو. ڏاڏي کي تحفو ڏئي، هو پنهنجي ماءُ وٽ آيو ۽ هن کي پگهار جو لفافو ڏيندي چيائين:

”امان! مون هن لفافي مان رڳو موبائل لاءِ پئسا ڪنيا آهن“.

راج جي ڏاڏي، سيني گهر وارن کي سڏ ڪيو ۽ خوش ٿيندي ٻڌايائين ته راج ڪيس هڪ سٺي موبائل وٺي ڏني آهي. جيئن ئي ڏاڏي گهر وارن کي موبائل ڏيکاري ته اهي چوڻ لڳا:

”ڏاڏا سائين! ٻڌايو ته ڀلا، هن پيري اوهان موبائل استعمال ڪندا يا اڳي وانگر واپس ڪري ڇڏيندا“.

ڪجهه دير جي خاموشيءَ کان پوءِ ڏاڏا سائين مُرڪي چوڻ لڳو:

” جيئن ته هيءُ تحفو مون کي پياري پوٽي ڏنو آهي، ڀلا آءٌ ان کي استعمال چو نه ڪندس. هاڻي ته مون کي موبائل ضرور استعمال ڪرڻي پوندي“.

ڏاڏي جي انهيءَ ڳالهه تي سيئي گهر وارا خوش ٿيا. ڏاڏي، راج کي گهڻيون دعائون ڪيون ۽ ان سان گڏوگڏ بابا ۽ امان جو به شڪريو ادا ڪيو. راج ڏاڏي کي ٻڌايو ته:

”ڏاڏا سائين! هن موبائل جا اڻ ڳڻيا فائدا آهن. سڀ کان بنيادي ڳالهه هيءَ آهي ته توهان جڏهن به چاهيندا، پنهنجن ويجهن مائٽن سان يا جيڪي اوهان کي ياد اچن، انهن کي فون ڪري سگهو ٿا. ان لاءِ موبائل ۾ نمبر درج ٿيل هجڻ گهرجن. ان کان سواءِ موبائل جي ذريعي اوهان ٻين کي ضروري نياپا به موڪلي سگهو ٿا جن کي اسان ايس ايم ايس يعني short messaging service چوندا آهيون. اڄ هر هڪ ٻئي سان SMS ذريعي رابطي ۾ آهي“.

ڏاڏا سائينءَ راج کان پڇيو تہ ”پلا ان ۾ ڪيترن پئسن جي ضرورت آهي؟“ راج جواب ڏيندي چيو:

”اسان کي موبائل ۾ بئلنس (Balance) وجھڻو پوندو. جيڪڏھن توھان چاھيو تہ اسان ان کي Prepaid يعني اڳ ۾ پئسا وجھون، پوءِ فون يا پيغامن ذريعي ڳالھايون يا وري Post paid يعني فون ۽ پيغامن ذريعي ڳالھائڻ کان پوءِ اھو بل ادا ڪريون. اھي ٻئي اختيار اسان استعمال ڪري سگھون ٿا.“

ڏاڏا سائينءَ Prepaid کي وڌيڪ بھتر سمجھي، ان کي اختيار ڪيو. راج کيس وڌيڪ ٻڌائيندي چيو:

”ڏاڏا سائين! ھاڻي ھي فون اوھان ان وقت ڪري سگھندا، جڏھن ان ۾ بئلنس (Balance) ھوندو ۽ ٻيو شرط اھو آھي تہ اھا موبائل چارج بہ ٿيل ھجي. ڇاڪاڻ تہ ٻين ٽيڪنالاجي مصنوعات (Technological products) وانگر موبائل جي بيٽري بہ چارج ٿيندي آھي“.

موبائل جا وڌيڪ فائدا ٻڌائيندي راج چيو:

”موبائل ۾ بيشمار اختيار (Options) آھن. مثال طور توھان پنھنجي وڻندڙ ڌُن (Tune) رکي سگھو ٿا. توھان ڪنھن خاص وقت لاءِ گھنٽي (Alarm) بہ مقرر ڪري سگھو ٿا ۽ جڏھن توھان آرام ڪري رھيا ھجو تہ ان فون کي خاموش (silent mode) بہ ڪري سگھو ٿا، تہ جيئن اوھان کي ڪو پريشان نہ ڪري سگھي. راج ھڪ گيت ٻڌرائيندي چيو تہ توھان ھن موبائل ۾ پنھنجي پسند جا گيت بہ رڪارڊ ڪرائي سگھو ٿا ۽ جڏھن چاھيو تہ پنھنجو يا ڪنھن ٻئي جو فوٽو بہ ڪڍي سگھو ٿا ۽ ڪيميرا ذريعي ويڊيو فوٽو بہ ڪڍي سگھو ٿا ۽ ان کي ھلائي بہ سگھو ٿا“.

ڏاڏا سائينءَ کانئس پڇيو تہ ”جيئن ٽي وي تي اشتھارن ۾ ڏيکاريو ويندو آھي، ائين؟“ راج کيس چيو تہ ”ھا ڏاڏا سائين! اوھان بالڪل صحيح چيو“. ڏاڏا سائينءَ راج کي چيو:

”پُٽ! تنھنجيون اھي سيئي ڳالھيون نيڪ آھن، پر ھن عمر ۾ آءٌ ھڪ وقت ۾ سيئي ڳالھيون تہ ياد نہ رکي سگھندس. تون روزانو رات جي مانيءَ کان پوءِ مون کي موبائل جون ڪجھ ڳالھيون سيکاريندو رھجانءِ. انھن اختيارن (Options) بابت جيئن جيئن ڄاڻ ملندي رھندي، تہ آءٌ موبائل کي استعمال ڪرڻ سکي ويندس“.

راج موبائل بند ڪندي چيو تہ ”نيڪ آهي ڏاڏا سائين! آءٌ روزانو اوهان ڪي ڪجهہ وقت موبائل جو استعمال سيکاريندو رهندس“. ٻئي ڏينهن راج پنهنجي ڏاڏي لاءِ موبائل جي استعمال بابت ڪجهہ ڪتاب بہ وٺي آيو تہ جيئن ڏاڏا سائين انهن مان معلومات حاصل ڪري سگهي. جڏهن راج رات جي مانيءَ کان پوءِ ڏاڏي جي ڪمري ۾ پهتو تہ، هو موبائل جو هڪ ڪتاب پڙهي رهيو هو. راج سندس پرسان ويهي چيو:

”ڏاڏا سائين! هاڻي تہ اوهان ڪتابن ذريعي تمام جلد موبائل هلائڻ سکي ويندا ۽ مون کي بہ سيکاريندا“.

ڏاڏا سائين چوڻ لڳو:

”هائو پُٽ! دنيا ڏاڍي تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي. هاڻي اهو ضروري آهي تہ اسان بہ وقت سان گڏ هلڻ شروع ڪريون“.

راج، ڏاڏا سائينءَ کي ٻڌائڻ لڳو:

”ڏاڏا سائين! هاڻي اسان لاءِ ضروري آهي تہ اسين هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهون ۽ ايس ايم ايس (SMS)، چيَٽنگ (Chatting)، اي ميل (E-mail)، واٽس ايپ (Whats App) ، ٽويٽر (Twitter) ۽ فيس بوڪ (Facebook) جي ڄاڻ حاصل ڪريون. اڄ انهن ذريعن سان معلومات ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. تعليم جي ميدان کان سواءِ واپار، سياست ۽ سُڌ سماء (Media) بہ انهن ٽيڪنيڪل مددگارن جي مدد سان ماڻهن کي ڄاڻ ڏني پئي وڃي“.

ڏاڏا سائين چوڻ لڳو:

”تون ٺيڪ ٿو چوين پُٽ! اڄ دنيا سُسي، عالمي ڳوٺ (Global village) جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي، جنهن ۾ ٽيڪنالاجيءَ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انهيءَ ڪري اڄ جي دور کي ٽيڪنالاجي جو دؤر (Technological Era) چئجي ٿو. هن عالمي ڳوٺ جي ڪري نہ صرف زميني فاصلا گهٽيا آهن، پر هاڻي تہ منٽن ۾ پري پري وينل ماڻهن سان باآسانيءَ سان رابطو رکي سگهجي ٿو. اڄ مون کي پنهنجي ننڍپڻ وارو دؤر ۽ پنهنجا پراڻا دوست ياد پيا اچن، جيڪي ڪجهہ تہ ملڪ کان ٻاهر آهن، تڏهن کان وٺي اسان هڪ ٻئي سان رابطي ۾ نہ آهيون. شايد انهن مان ڪجهہ جرمني، آسٽريليا ۽ لنڊن ۾ رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن تہ دل گهرندي آهي تہ آءٌ ساڻن رابطو رکان، ڳالهايان، پر ائين ڪرڻ سولو نٿو لڳي“.

راج ڏاڏي کي سمجھائيندي چيو:

”ڏاڏا سائين! هن دؤر ۾ ائين ڪرڻ تمام سولو ٿي پيو آهي ته اسان انهن سان ڪچهري ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن توهان وٽ انهن جا نمبر (Contact numbers) موجود آهن ته توهان انهن سان موبائل فون جي ذريعي ڳالهائي سگهو ٿا يا وري سائٽ Skype ذريعي نه صرف ڳالهائي سگهو ٿا، پر انهن کي پنهنجي سامهون ڏسي به سگهو ٿا، جيئن پاڻ گڏجي هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا ڳالهايون. پر ڏاڏا! هاڻي ته اسين جديد پروگرامن ذريعي ويڊيو ڪانفرس ڪال، سيمينار، انٽرويو توڙي ميٽنگن ۾ به حاضر ٿي سگهون ٿا“.

ڏاڏا سائين راج جي ان ڳالهه تي ويتر خوش ٿيندي چيو:

”شاباس راج پُٽ! اڄ ته منهنجا گهڻا مونجهارا حل ٿي ويا آهن. ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڏاڏو ۽ پوٽو پاڻ ۾ دوست هجون، جو بنا ڪٽڪي جي هڪ ٻئي کي دل جي ڳالهه چئي سگهون ٿا“.

راج ڏاڏا سائينءَ جي ڳالهه تي کلي چيو ته ”ها ڏاڏا سائين! توهان نيڪ پيا چئو پر موبائل جي غلط استعمال جا نقصان به آهن جن سان بچڻ گهرجي.“

**هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:**

- موجوده زمانو ٽيڪنالاجيءَ جو زمانو آهي، انهيءَ ڪري ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته اهم ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو حاصل ڪجي ۽ نقصان کان بچجي.
- سُٺ سماءَ جي ڪري دنيا جا مختلف ماڻهو ۽ سماج هڪ ٻئي جي ويجهو ٿي چڪا آهن.
- ٽيڪنيڪي اوزار سکڻ ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ سان مختلف ڪم سولا ٿي پون ٿا.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. راج پنهنجي ڏاڏي کي ڪهڙي سوکڙي ڏني؟
2. موبائل ۾ بيلنس وجهڻ جا ڪهڙا طريقا آهن؟
3. موبائل سان رابطي جو ڪهڙيون سهولتون حاصل ٿين ٿيون؟
4. ڪانفرنس يا ويڊيو ڪال جو مطلب ڇا آهي؟
5. رابطي جا جديد طريقا ڪهڙا آهن؟

(ب) صحيح جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو

1. راڄ پنهنجي ڏاڏي کي سوکڙي طور ڏني:

(الف) موبائل فون (ب) موٽر ڪار
(ج) گھڙي (د) سائيڪل

2. موبائل فون استعمال ڪرڻ بعد بل ذريعي ادائيگي ڪرڻ جو نالو آهي:

(الف) پري پيڊ (ب) پوسٽ پيڊ
(ج) پوسٽ آفيس (د) ايزي لوڊ

3. ابتدائي دور جي موبائل ۾ صرف سهولت هئي:

(الف) ويڊيو ھلائڻ جي (ب) آڊيو ھلائڻ جي
(ج) ميسيج ۽ ڪال ڪرڻ جي (د) ويڊيو ڪال ڪرڻ جي

4. سامهون واري سان ويڊيو ڪال ھلائڻ لاءِ ضروري آهي تہ موبائل ۾ ان جو:

(الف) نالو هجي (ب) نمبر هجي
(ج) بيلنس هجي (د) وقت هجي

5. موبائل جو سڀ کان اهم تعليمي ڪردار آهي:

(الف) ويڊيو ھلائڻ (ب) ميسيج ڪرڻ
(ج) ڪال ڪرڻ (د) آن لائين تعليم ڏيڻ

(ج) هيٺين مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. موجوده دور ٽيڪنالاجي جو دور سڏجي ٿو. | | |
| 2. دنيا هڪ عالمي ڳوٺ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. | | |
| 3. موبائل فون جو تعليم، واپار، سياست ۽ سڌ سماءَ ۾ ڪو بہ قابل ذڪر ڪردار ناهي. | | |
| 4. SMS جو مطلب آهي شارٽ مشين سسٽم. | | |
| 5. راڄ پنهنجي ماءُ کي سموري پگهار ڏئي ڇڏي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

موجوده دور جي عام استعمال ۾ موبائل فون جي فائدن ۽ نقصانن تي هڪ مذاڪرو منعقد ڪري فائدن ۽ نقصانن جون فهرستون تيار ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

موبائل جي سهولتن کان شاگردن ۽ شاگردياڻين کي آگاهه ڪيو وڃي جن سان سندن تعليمي قابليت ۾ واڌارو اچي سگهي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| مُرڪي | کلندي، مسڪرائيندي | مونجهارو | ڏکيائي، مشڪل |
| مصنوعات | ڪارخاني جون ٺهيل شيون | ڪارگر | ڪم وارو، فائدي وارو |
| سولو | آسان، سهنجو | ڪٿڪو | شڪ شبهو |
| ويتر | اجاں وڌيڪ | سيمينار | گڏجاڻي |
| سُڌ سماءُ | ميڊيا، اطلاعات | ڪميونيڪيشن | رابطه ڪاري |
| ويب براؤزنگ | انٽرنيٽ تان معلومات حاصل ڪرڻ | | |

# زبان ذريعي رابطو

نرم ۽ مناسب انداز سان ڳالهائڻ جا وڏا فائدا آهن. مناسب انداز واري آواز ۾ ڳالهائيندڙ شخص اڳيئن شخص تائين پنهنجو مقصد تمام سولائيءَ سان پهچائي سگهي ٿو، جيڪو ٻڌڻ واري کي سٺو لڳي ٿو. ان سان گڏ اهڙي گفتگو ٻڌندڙ کي ويچار تي پڻ آماده ڪري ٿي. ان جي ابتڙ ڏاڍيان آواز ۾ ڳالهائڻ سان نه صرف ماحول ۾ گدلاڻ ٿئي ٿي، پر ڏاڍيان ڳالهائڻ ۽ تيز آواز ٻڌندڙن لاءِ پڻ ڏکيائي ٿئي ٿي. ان کان سواءِ آواز جذباتي ۽ نفسياتي لحاظ سان ماحول کي خراب ڪري ٿو. گهڻي ڀاڱي اهو ڏٺو ويو آهي ته تيز آواز ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه جو خاتمو لڙائي جهڳڙي جي صورت ۾ هوندو آهي. اهڙي طرح بلڪل آهستي ڳالهائڻ سان به ٻڌندڙ بور ٿئي ٿو ۽ ڳالهائيندڙ جو مقصد سمجهي نه ٿو سگهي.

دنيا جي بزرگ عظيم شخصيتن ۽ پيغمبرن، ماڻهن کي پيار، محبت، نرم لهجي ۽ مٺي زبان سان دين تي عمل ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي. توهان پنهنجي زندگيءَ ۾ اها ڳالهه ضرور ڏٺي هوندي ته وڏا وڏا مسئلا نرم زبان جي استعمال ڪرڻ سان حل ٿيندا آهن. جڏهن ته رڙيون ڪرڻ ۽ ڏاڍيان ڳالهائڻ سان غلط فهمي وڌڻ جهڳڙن ۾ تبديل ٿئي ٿي.

اسان کي گهرجي ته ڳالهائڻ دوران ڳالهه ٻولهه جي ادبن جو خيال ڪندي، نرم لهجي ۾ ڳالهايون. جنهن جي ڪري گفتگوءَ جو ماحول پڻ پرسڪون رهي ٿو ۽ ڪم به سولو ٿي پوي ٿو. ڏاهن ماڻهن نصيحت ڪئي آهي ته ”جيڪڏهن دلين کي کٽڻ چاهيو ٿا ته زبان کي مٺو رکو ته سڀئي ماڻهو توهان جا فرمانبردار ٿي پوندا“.

صحيح لهجي ۽ مٺي زبان استعمال ڪرڻ جا بيشمار فائدا آهن، جن مان سڀ کان اهم فائدو اهو آهي ته اسان کي ماڻهو پسند ڪندا ۽ اسان سان دوستي ڪرڻ چاهيندا، نه رڳو پنهنجن ۾، پر پراون ۾ به پنهنجي مٺي زبان ۽ نرم لهجي جي ڪري اسان کي عزت ملندي. گهر وارا به اسان سان پيار ۽ محبت سان پيش ايندا ۽ سماج ۾ به اسان کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو. اهي سڀئي خوبيون اسان جي شخصيت جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون.

اسان کي هن ڳالهه جو پڻ خيال رکڻ گهرجي ته عام طور تي اسين ماڻهن سان باوقار، باادب ۽ سهڻي انداز سان ڳالهايون. ڳالهائڻ وقت گفتگوءَ جي ادبن کي نظر ۾ رکون. ٻئي کي مخاطِب ٿيڻ وقت ”توهان“ يا ان جو نالو سٺي نموني سان وٺون. اسان کي ان ڳالهه جو پڻ اهتمام ڪرڻ گهرجي ته اسان پاڻ کان وڏن سان تميز ۽ ادب سان پيش اچون. پاڻ

ڪان ننڍن سان محبت سان ڳالهايون ۽ سڀ ڪان اهم ڳالهہ اسين پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ جي طريقي مان پاڻ مطمئن آهيون يا نہ. قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

ترجمو: ”۽ ماڻهن سان سهڻو ڳالهايو“. (سورة البقره: آيت 83)

ٻارؤ! نرم ۽ مٺي زبان اسان جي مجموعي ڪردار ۾ روشن مينار وانگر آهي. روشنيءَ جو مينار تمام پري ڪان واٽهڙن کي منزل جو ڏس ڏئي ٿو. ان سان اميد ۽ اڳتي وڌڻ جي خواهش کي وڌائي سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح نرم ۽ مٺي زبان اسان کي ٻين جي نظر ۾ اهم درجو ڏياري ٿي. انهيءَ زبان جي ڪري اسان ماڻهن ۽سماج ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏسبا آهيون ۽ اُهي خوشيءَ يا مصيبت جي وقت اسان ڏانهن رجوع ڪن ٿا.

ڪتاب مُقدّس ۾ آهي: ”بردباري ڪرڻ سان حاڪم راضي ٿئي ٿو ۽ نرم زبان هڏيءَ کي بہ ٽوڙي ڇڏي ٿي“. (امثال 15: 25)

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

- نرم زبان انسان کي ٻين جو وفادار دوست بڻائي ٿي ۽ اها خوبي سٺي اخلاق جي ضامن آهي.
- پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ سان اسان ٻين جي دل ڪٽي سگهون ٿا. مطلب تہ اسان کي پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ جي انداز جو خاص خيال رکڻ گهرجي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. گفتگو جي مناسب انداز مان ڇا مراد آهي؟
2. نرم گفتگو جا ڪهڙا فائدا آهن؟
3. ڳالهائڻ دوران اسان کي ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي؟
4. آهستي ڳالهائڻ سان ڇا نقصان ٿيندو؟
5. وڏي آواز سان ڳالهائڻ ڪڏهن نقصان ڪار هوندو آهي؟

(ب) هيٺيان خال پُريو:

1. ماڻهن سان ________ ڳالهايو.
2. بردباري ڪرڻ سان حاڪم ________ ٿئي ٿو.
3. نرم زبان ________ کي بہ ٽوڙي ڇڏي ٿي.

4. روشنيءَ جو مينار پري کان واٽهڙن کي ________ جو ڏس ڏئي ٿو.
5. عظيم هستيون بہ ________ ۽ ________ گفتگو جي سکيا ڏني آهي.

(ج) هيٺين مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. وڏو آواز ماحول جي گدلاڻ پيدا ڪري ٿو. | | |
| 2. جهيڻي آواز سان ماڻهو بور ٿين ٿا. | | |
| 3. مناسب انداز سان گفتگو ڪرڻ ماڻهو کي بي وقار بڻائي ٿو. | | |
| 4. سهڻي ڳالهائڻ سان ٻين جا دماغ ڪٽي سگهجن ٿا. | | |
| 5. گفتگو رابطي جو اهم ذريعو آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سهڻي ۽ خراب اندازِ گفتگو بابت پاڻ ۾ مذاڪرو ڪن ۽ سهڻي ۽ بري اندازن جي فهرست جوڙين.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سهڻي ۽ خراب گفتگو بابت سمجهاڻي ڏني وڃي ۽ ڪين سهڻي ۽ بري اندازِ گفتگو بابت فهرستن جوڙڻ ۾ مدد ڪئي وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنى

| لفظ | معنى | لفظ | معنى |
|---|---|---|---|
| ويچار | سوچڻ | اهتمام ڪرڻ | ڪوشش ڪرڻ |
| گدلاڻ | خرابي | واٽهڙو | مسافر، رستو لنگهيندڙ |
| بور ٿيڻ | سست ٿيڻ | ضامن | ضمانت ڏيندڙ |
| فرمانبردار | تابع دار، مڃيندڙ | ڪٽڻ | فتح ڪرڻ |

باب چوٿون

# اهم شخصيتون

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- قومي، سماجي ۽ اخلاقي ترقي ۾ مشهور شخصيتن جي مؤثر هجڻ بابت ڄاڻي سگهندا.
- اهم شخصيتن جي تعليمات ڏانهن ڀرپور انداز ۾ شوق رکندا.
- سندن مسئلي حل ڪرڻ ۽ فيصلا سازي جي مهارتن کي ڄاڻي سگهندا.
- سندن تجربن مان حاصل ٿيل ڄاڻ کي پنهنجي زندگي تي لاڳو ڪري سگهندا.

## تعارف:

زماني جي ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ ان کي مختلف انتظامي شعبن ۾ ورهايو ويو آهي. جن ۾ مختلف شخصيتون پنهنجي خدمتن ذريعي مڃتا ماڻين ٿيون. ڪي ماڻهو عام تعليمي شعبي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪن ٿا ته ڪي ميڊيڪل، انجنيئرنگ ۽ ڪمپيوٽر وغيره ۾ نالو ڪمائين ٿا. ساڳي نموني مذهبي ۽ اخلاقي شعبن ۾ غير معمولي خدمتون سر انجام ڏيندڙ اهم شخصيتون به پنهنجي سيرت، ڪردار، تعليم، تربيت توڙي تجربن ۽ مشاهدن جي اعتبار سان عوام ۾ مقبول ٿي وينديون آهن.

اهڙين اهم شخصيتن جي زندگي جا حالات پڙهڻ سان ماڻهن ۾ سندن لاءِ عقيدت ۽ احترام سان گڏوگڏ انهن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي.

هن باب ۾ ”حضرت رابعه بصري“، ”زرتشت“ ۽ ”مقدس توما حواري (St. Thomas the apostle)“ جي حالات زندگي بابت سبق ڏنا ويا آهن.

# حضرت رابعہ بصري

(زندگي ۽ ڪردار)

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- حضرت رابعہ بصري جي زندگي جو مختصر جائزو وٺي سگهندا.
- سندس زندگي جي اخلاقي گڻن ۽ سهپ وارن پهلوئن ڪي وضاحت سان بيان ڪري سگهندا.
- مالڪِ حقيقي سان سندس غيرمعمولي محبت جي وضاحت ڪري سگهندا.
- وضاحت ڪري سگهندا ته حضرت رابعہ بصري ڪرداري وصف مثلاً: برداشت/سهپ، عدم تشدد ۽ تشدد کان بچڻ بين تي ڪيئڻ اثر انداز ٿيا.

## حالاتِ زندگي:

حضرت رابعہ بصري هڪ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿي، جتي سندس گهر وارن جي زندگي ڏکي گذرندي هئي. حضرت رابعہ جي پيدائش بابت مختلف رايا آهن. ڪجهه چون ٿا ته هوءَ 98هه ۾ پيدا ٿي، جڏهن ته ڪجهه مورخن جي قول مطابق هوءَ 99هه ۾ عراق جي شهر بصره ۾ پيدا ٿي. حضرت رابعہ جي پيدائش کان اڳ سندن والدين کي ٽي ڌيئرون هيون ۽ ان جو والد اسماعيل هڪ پٽ جي خواهش رکندو هو. جڏهن سندس گهر حضرت رابعہ پيدا ٿي ته والدين ان کي مالڪِ حقيقيءَ جو تحفو سمجهي قبول ڪيو. حضرت رابعہ ننڍپڻ ۾ ئي ڏاڍي ذهين ۽ سمجهدار هئي. هوءَ عام ڇوڪرين وانگر شين جي فرمائش نہ ڪندي هئي. جڏهن ڪاڏو ايندو هو تہ ٿورو کائيندي هئي. فُرصت جي وقت هوءَ مالڪِ حقيقيءَ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪندي هئي.

جڏهن رابعہ بصري پنجن سالن جي ٿي تہ ڪيس پنهنجي والدين جو وِڇوڙو ڏسڻو پيو ۽ والدين جي شَفقت کان محروم ٿي وئي. هوءَ پنهنجين ڀينرن سان گڏجي مزدوري ڪري پنهنجي زندگي گذاريندي هئي. 105هه ۾ جڏهن شهر بصري ۾ ڏڪار آيو تہ فاقا ڪاٽڻ جي صورتحال پيدا ٿي. سيئي ماڻهو ڪاڏي جي تلاش ۾ هوندا هئا. هر طرف غربت ۽ بدحاليءَ جو دؤر هو. ان ماحول ۾ جڏهن بک ئي بُک هئي تہ چورين ۽ قر لٽ ٿيڻ لڳيون. هي چارئي ڀينرون چورن جي هٿ لڳيون، جن انهن کي هڪ واپاريءَ جي هٿ وڪرو ڪري

کين ٻانهيون ٻڌائي ڇڏيون.

ننڍيءَ عمر ۾ ٻانهيءَ هجڻ جو بار برداشت ڪرڻ رابعہ بصريءَ لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو. هن مٿان ڏينهون ڏينهن پنهنجي مالڪ جو ظلم وڌندو ويو. هڪ ڏينهن رابعہ بصريءَ جي مالڪ هن کي مالڪِ حقيقيءَ جي سامهون دعا گهرندي ٻُڌو:

”اي پروردگار! توکي خبر آهي تہ منهنجي دل تنهنجي فرمانبرداري ڪرڻ گهري ٿي. منهنجون اکيون تنهنجي بندگي ۾ ٿڌيون هونديون آهن. جيڪڏهن معاملو منهنجي هٿن ۾ هجي ها تہ هڪ گهڙي بہ تنهنجي عبادت کان منهن نہ موڙيان ها، پر تو مون کي هڪ ظالم انسان جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي“.

رابعہ بصريءَ جو مالڪ سندس انهيءَ آهہ ۽ پڪار واري ڪيفيت کان ڏکي ويو ۽ کيس چوڻ لڳو:

” رابعہ! آءٌ پنهنجن ڏوهن جي معافي گهران ٿو. تون آزاد آهين، وڃئي تہ تون مون وٽ رهہ ۽ جيڪڏهن چاهين تہ تون ڪنهن اهڙي هنڌ وڃي سگهين ٿي، جتي توکي سڪون ملي“.

رابعہ بصري اهو ٻڌي ٻئي هٿ کڻي مالڪِ حقيقيءَ جو شڪر ادا ڪيو جنهن کيس اهڙي ظلم مان نجات ڏياري، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي والدين جي وفات کان پوءِ هر وقت مبتلا رهندي هئي. ڪجهہ وقت بصره ۾ رهڻ کان پوءِ هوءَ ”ڪُوفي“ ۾ رهڻ لڳي ۽ وري شام ملڪ مان گذرندي، بيت خانہ ڪعبه جي زيارت جو ڏگهو سفر شروع ڪري ڏنو.

## حضرت رابعہ بصريءَ جو ڪردار:

رابعہ بصري ڏاڍي ذهين، هوشيار ۽ عقلمند هئي. ننڍپڻ کان ئي عبادت ۽ رياضت ۽ مالڪِ حقيقيءَ جي محبت واري جذبي سان ڀريل هئي. سندس پرهيزگاريءَ جي اها حالت هئي تہ دنياوي ڪم ڪار مان واندڪائي ملندي ئي مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويندي هئي ۽ سڄي رات مالڪِ حقيقيءَ جي ياد ۾ روئندي گذاريندي هئي. هوءَ چوندي هئي تہ ”اي نفس! تون ڪيستائين ستل پيو هوندين ۽ ڪيستائين ڪونگهرا هڻندو رهندين“.

رابعہ بصريءَ جو دنيا مان منهن موڙڻ ۽ مالڪِ حقيقيءَ ڏانهن متوجه رهڻ ان زماني جي روايت مطابق هو، ڇو تہ ان دور جا گهڻا ئي بزرگ ائين ئي ڪندا هئا. اهڙن بزرگن لاءِ زُهد جو هنڌ هڪ پُرسڪون غار هوندو هو. حضرت رابعہ بصريءَ جي دؤر ۾ زهد هڪ

مستقل رواج بڻجي چڪو هو، جنهن جي باقاعدي تربيت ڏني ويندي هئي. جنهن جو باني حضرت حسن بصري هو.

رابعہ بصري پنهنجي زماني جي سيني زاهدن کان وڌيڪ اصول پرست هئي. هڪ ڏينهن ماڻهن هن کان پڇيو تہ ”مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت ڪيئن ڪرڻ گهرجي“؟ رابعہ بصريءَ جواب ڏنو:

”آءٌ چاهيان ٿي تہ ماڻهو جنت جي لالچ ۽ دوزخ جي ڊپ کان مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت نہ ڪن، پر هن کي عبادت جو لائق مجيندي، سندس عبادت ڪن“.

صبر جي موضوع تي حضرت رابعہ بصري جي زندگيءَ ۾ ئي سادگيءَ واري تعليم موجود آهي سندس سوانح عمري جا ڪيترائي واقعا شاهد آهن تہ پاڻ صبر جو دامن سڄي حياتي مضبوطي سان پڪڙي رکيو. پاڻ صبر کي نيڪي سمجهندي هئي، اسان ڏسنداسين تہ سندس اوائلي زندگيءَ ۾ ننڍپڻ ۾ ئي سندس والدين وفات ڪري ويا ۽ پاڻ سموري دنيا ۾ اڪيلي رهجي وئي. پوءِ ڪين غلاميءَ جي مصيبت سان منهن ڏيڻو پيو. غربت، زندگي جا رنج و غم، بي آرامي، جسماني تڪليفون انهن سڀنن جو پاڻ صبر، جرئت ۽ ثابت قدمي سان منهن ڏنو. پاڻ انهن تمام رنج و غمن کي مالڪِ حقيقي جي مرضي جي طور تي صبر سان قبول ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ سندس ڪردار جي اعلىٰ تربيت ٿي.

رابعہ بصري جي مالڪِ حقيقيءَ سان بي انتها محبت اسان لاءِ هڪ مثال آهي. هن عبادت ۽ روحانيت جي ذريعي اعلىٰ درجي تي پهچي مالڪِ حقيقيءَ جو عشق حاصل ڪري ورتو. انهيءَ مناسبت سان هوءَ تاريخ ۾ ”اُمُّ الخير“ (خير جي ماءُ) جي نالي سان مشهور آهي. تاريخي ڪتابن موجب سندس وفات 180 ھ يا 185ھ ۾ ٿي.

### هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

- حضرت رابعہ بصري اسلامي دؤر جي عظيم شخصيتن مان هڪ آهي، جيڪا زهد ۽ تقوىٰ جي ڪري مشهور آهي. سندس عاجزي، انڪساري، مالڪِ حقيقيءَ لاءِ محبت ۽ ماڻهن جي اصلاح جي ڪري ڪيس تاريخ ۾ هڪ اهم درجو ڏنو ويو آهي.
- حضرت رابعہ بصري ماڻهن جي دلين ۾ مالڪِ حقيقيءَ جي محبت پيدا ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. خاص طور تي جڏهن هوءَ جنت جي محبت ۽ دوزخ جي ڊپ کان پري ٿي، پنهنجو پاڻ کي مالڪِ حقيقيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. ڇورن حضرت رابعہ بصري ۽ ان جي ڀينرن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟
2. تاريخ ۾ حضرت رابعہ بصري ڪهڙي نالي سان مشهور آهي؟
3. حضرت رابعہ بصريءَ جي شخصيت تي نوٽ لکو.
4. مالڪِ حقيقيءَ جي بندگي لاءِ حضرت رابعہ بصري ڇا فرمايو؟

(ب) هيٺين مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. حضرت رابعہ بصري سعودي جي شهر بصري ۾ پيدا ٿي. | | |
| 2. سندس والد جو نالو محمد اسماعيل هو. | | |
| 3. لفظ رابعہ جي معنىٰ آهي ٽيون نمبر. | | |
| 4. رابعہ بصري هڪ هوشيار ۽ ذهين عورت هئي. | | |
| 5. سندس خيال ۾ مالڪِ حقيقي کي معبودِ برحق سمجهي ان جي عبادت ڪجي. | | |

(ج) صحيح جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:

1. حضرت رابعہ بصري تاريخ ۾ مشهور آهي:

(الف) ام الخير جي نالي سان (ب) ام المساڪين جي نالي سان

(ج) ام المومنين جي نالي سان (د) ام الڪبائر جي نالي سان

2. حضرت رابعہ بصري جي ڀينرن جو تعداد هو:

(الف) ٻہ (ب) ٽي

(ج) چار (د) پنج

3. لفظ ”رابعہ“ جي معنىٰ آهي:

(الف) پرهيزگار (ب) سچار

(ج) نيڪوڪار (د) چوٿون نمبر

4. حضرت رابعہ ۽ ان جي ڀينرن کي واقعي جي ڪري ڳوٺ ڇڏڻو پيو:

(الف) غلامي واري (ب) غريبي واري

(ج) ڏڪار واري (د) چوري واري

5. ”زُهد“ جي معنىٰ آهي:

(الف) شاهوڪار ٿيڻ (ب) اڪيلو ٿيڻ

(ج) دنيا ڇڏڻ (د) مالڪِ حقيقي سان ملڻ

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون هينين نڪتن تي ڳالهه ٻولهه ڪن:

- حضرت رابعہ بصري پنهنجي عبادت ۽ رياضت جي معاملي ۾ تمام سخت هئي.
- مالڪِ حقيقيءَ جي محبت ۾ حضرت رابعہ بصري جا چيل لفظ.

## استادن لاءِ هدايتون

- شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي تہ اهي حضرت رابعہ بصريءَ جي سوانح عمريءَ تي معلومات گڏ ڪري مضمون جي صورت ۾ تيار ڪن.
- حضرت رابعہ بصريءَ جي اهم پيغامن کي چارٽ تي لکي ڪلاس ۾ ٽنگيو وڃي.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ

| لفظ | معنىٰ | لفظ | معنىٰ |
|---|---|---|---|
| تهذيب | سڌارو، پاڪيزگي | وڇوڙو | جُدائي، دُوري |
| تمدّن | سماجي زندگي | شَفقت | مهرباني، ٻاجھ |
| فُرصت | واندڪائي، فراغت | لَنگهڻ | بُک، فاقو بنا ڪاڌي |
| روايت | ڪنهن جي ڳالهه جو نقل ڪرڻ | رياضت | نفس ڪشي، محنت |
| مستقل | مضبوط | | |

# زرتشت

(زندگي ۽ تعليمات)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:
- زرتشت جي زندگي جو جائزو وٺي سگهندا.
- سندس زندگي جي اخلاقي قدرن ۽ سهپ وارن گڻن کي جاڃي سگهندا.
- سندس تعليمات بيان ڪري سگهندا.
- اخلاقي قدرن جي واڌاري ۾ سندس ڪردار کي بيان ڪري سگهندا.

## حالاتِ زندگي:



قديم اوستي ٻوليءَ ۾ زرتشت لفظ جي معنىٰ آهي ”سونهري اُٺن جو مالڪ يا سنهري اُٺن وارو“. هيءَ معنىٰ ڪنهن جي امير هئڻ کي ظاهر ڪري ٿي. زرتشت قديم ايران جو مذهبي اڳواڻ هو، جنهن انسانيت کي هڪ مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت ڪرڻ ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. مذهب زرتشت سندس نالي جي پٺيان سڃاتو وڃي ٿو. زرتشت جي پيدائش بابت مختلف روايتون آهن. گهڻو ڪري هو ايران جي صوبي ”آزربائيجان“ ۾ 660 ق.م ۾ پيدا ٿيو. سندس پيدائش جو هنڌ شهر ”رَيّ“ آهي. زرتشت پنهنجي دؤر جي مشهور استاد حڪيم بزاڪرزا (Bazakarza) کان شروعاتي تعليم حاصل ڪئي. ڏهن سالن جي گهٽ وقت ۾ بيشمار مذهبن جي علمن، پوکي راهپ، جانورن جي سار سنڀال ۽ جرّاحيءَ جو ماهر ٿي ويو. زرتشت جوانيءَ ۾ پير پائيندي پنهنجو پاڻ کي مخلوق جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. ڏکايل ماڻهن جي مدد سندس پسنديده ڪم هو. سندس والدين جي مرضي اها هئي ته هو اباڻو ڌنڌو يعني پوکي راهپ ۽ جانورن جي سنڀال جو ڪم ڪري، پر زرتشت گذرسفر جي جاکوڙ بدران مخلوق جي خدمت ڪرڻ کي پنهنجو نصب العين بڻايو. جوانيءَ جي زماني کان ئي زرتشت پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب کان مطمئن نه هو. ان جي بدران هو مشاهدي ۽ تجربي تي

يقين رکندو هو. تقريبًا ٽيهن سالن جي عمر ۾ کيس مالڪِ حقيقيءَ جي معرفت نصيب ٿي ۽ هن سڌو سنئون ”آهورا مزدا“ کان اهي لفظ حاصل ڪيا، جيڪي سندس تعليمات ۽ ”گاٿا“ جو بنياد آهن. ”گاٿا“ اُهي مُقدّس نظمَ آهن، جيڪي زرتشتي روايت موجب پاڻ زرتشت لکيا هئا.

پنهنجي زماني ۾ موجود مظاهر پرستي ۽ شرڪ جي مخالفت ڪندي، زرتشت ماڻهن تائين توحيد جو پيغام پهچايو. هو پاڻ وحدانيت تي يقين رکندو هو. وٽس مالڪِ حقيقيءَ جو نالو ”آهورا مزدا“ هو. ”آهور“ جي معنىٰ آهي ”مالڪ ۽ ”مزدا“ جي معنىٰ ”ڏاهو“ يعني ڏاهو مالڪ.

ڏهن سالن جي لڳاتار ڪوشش کان پوءِ صرف سندس سؤٽ ان جي مٿان ايمان آندو. ان جو سبب هي هو تہ ايران ۾ ان وقت ماڻهو اهڙي معبود کي پسند ڪندا هئا، جن کي هو اکين سان ڏسي ۽ هٿن سان ڇهي سگهن، پر زرتشت جنهن مالڪِ حقيقيءَ جي دعوت ڏني هئي، هو انهن صفتن کان مٿانهون هو.

جڏهن عوام انهن جي ڳالهين تي توجه نہ ڏنو، تہ هو توحيد جو پيغام کڻي، بلخ جي بادشاهہ گشتاب سان مِلڻ ويو ۽ لڳاتار ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين تائين بادشاهہ جي دربار ۾ شاهي عالمن سان مناظرو ۽ بحث مباحثو جاري رهيو. زرتشت ”آهورا مزدا“ يعني ڏاهي مالڪِ حقيقيءَ بابت وحدانيت جي دعوت ڏني ۽ اخلاقي اصول سمجهايا، جنهن جي نتيجي ۾ بادشاهہ گشتاب، سندس زال ۽ پٽ ۽ ٻن وزيرن مٿس ايمان آندو. ان کان پوءِ زرتشت مذهب تيزيءَ سان ايران ۽ ان جي چوطرف پکڙجڻ لڳو. زرتشت ايران جي بادشاهہ جي مدد سان پنهنجو مذهب توران (Toran) ۾ پکيڙڻ چاهيو. توران قديم دؤر ۾ وچ ايشيا (Central Asia) جي علائقن کي چئبو هو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ جنگ لڳي ۽ هڪ تُوراني سپاهيءَ زرتشت کي پٺيءَ ۾ خنجر هڻي شهيد ڪري ڇڏيو. نيٺ 77 سالن جي عمر ۾ هو 583 ق.م ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

## زرتشت جي تعليمات:

- زرتشت جي تعليمات ۾ سڀ کان اڳ وحدانيت تي يقين رکڻ ضروري آهي يعني هڪ مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت ڪرڻ آهي.
- زرتشت خيالن جي پاڪيزگيءَ تي زور ڏنو آهي، جيئن تہ انساني اعمال، خيالن جي تابع هوندا آهن. جيڪڏهن انسان جي خيالن ۾ پاڪيزگي اچي وئي تہ اعمال پاڻ ئي درست ٿيندا آهن.

- زرتشت سچ ڳالهائڻ، صفائي ۽ پاڪيزگيءَ کي تمام گهڻي اهميت ڏني آهي. هن مالي مدد تي بہ زور ڏنو آهي. سندس قول آهي تہ جيڪو شخص مالدار هجي، ان کي گهرجي تہ هو پنهنجي واڌو مال جي ذريعي ٻين جي مدد ڪري ۽ غيرمذهب جي مستحق ماڻهن جي مدد بہ ڪري.
- زرتشت اهڙي شخص تي افسوس ڪيو آهي، جيڪو خيرات تہ ڏئي، پر خيرات ڏيڻ وقت سندس دل خوش نہ هجي.
- زرتشت محنت ۽ ڪوشش کي وڏي اهميت ڏني آهي. هن پاڻ آخري عمر تائين پوکي راهيءَ جي ڪمن ۾ دلچسپي ورتي ۽ پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان لاءِ روزگار ڪمايائين.
- زرتشت رهبانيت جي خلاف هو، انهيءَ ڪري هن دنياوي ذميدارين کي پورو ڪرڻ ۽ شاديءَ کي ضروري قرار ڏنو آهي، تہ جيئن ان جا پوئلڳ دنيا جي ڪمن ڪارن سان گڏوگڏ مذهب تي بہ عمل ڪن.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

- زرتشت پنهنجي زماني ۾ رائج مظاهرِ فطرت کي مڃڻ جو انڪار ڪندي، حق جي تلاش ۾ رهيو ۽ پنهنجي قوم کي مالڪِ حقيقيءَ کان آگاهہ ڪيائين ۽ انهن کي هڪ مالڪِ حقيقيءَ کي مڃڻ ۽ نيڪيءَ ڏانهن اچڻ جي دعوت ڏنائين.
- زرتشت عرفاني علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن گهروارن ۽ ويجهن ماڻهن کي دعوت ڏني، پر سيئي سندس مخالف ٿي ويا. پوءِ هو بلخ جي بادشاهہ سان مليو ۽ کيس مالڪِ حقيقيءَ جي سڃاڻپ ڪرائي. زرتشت جي زندگيءَ جومقصد ماڻهن سان نيڪي ۽ هڪ مالڪِ حقيقيءَ جي سڃاڻپ ڪرائڻ هو، جنهن جي ڪري سندس موت واقع ٿيو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. زرتشت ڪٿي پيدا ٿيو؟
2. زرتشت جي والدين جو تعلق ڪهڙي خاندان سان هو؟
3. زرتشت ننڍپڻ ۾ ڪهڙي استاد کان تعليم حاصل ڪئي؟
4. ڪهڙي عمر ۾ زرتشت کي مالڪِ حقيقيءَ جي معرفت حاصل ٿي؟
5. زرتشت جي وفات ڪيئن ٿي؟

(ب) هيٺيان خال پريو:

1. زرتشت جي معنیٰ __________ آهي.
2. زرتشت جي پيدائش جو هنڌ __________ آهي.
3. زرتشت شروعاتي تعليم __________ کان حاصل ڪئي.
4. آهورا مزدا جو مطلب __________ آهي.
5. زرتشت کي هڪ سپاهي __________ ذريعي شهيد ڪري ڇڏيو.

(ج) هيٺين مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. زرتشت مٿان بادشاهه زال، پاءُ ۽ وزيرن ايمان آندو. | | |
| 2. زرتشت ترڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي. | | |
| 3. گاٿا نظم جي صورت ۾ لکيل آهي. | | |
| 4. زرتشت مظاهر پرستي ۽ شرڪ جي مخالفت ڪئي. | | |
| 5. زرتشت جو اباڻو ڌنڌو زراعت ۽ جانور پالڻ هو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون هيٺين نڪتن تي ڳالهه ٻولهه ڪن:

- انسان پنهنجي قول ۽ فعل جو نتيجو ڏسندو آهي.
- افسوس آهي اهڙي شخص تي، جيڪو خيرات ته ڏئي، پر سندس دل خوش نه هجي.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي ته اهي زرتشت جي حالاتِ زندگيءَ تي هڪ نمائش مذاڪرو ڪن، جنهن ۾ زرتشت مذهب جا اهم نُڪتا، عقيدا ۽ اخلاقي تعليمات پيش ڪن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| حَذف ڪرڻ | ڪَٽي ڇڏڻ | گوشہ نشيني | اڪيلو ٿي ويهڻ |
| نصب العين | مدنظر | قادرِ مُطلق | پوري طاقت وارو |
| ڏنڌو | پيشو، ڪاروبار | اَبدي | هميشہ واري |
| سرچشمو | هنڌ، بنياد | تابع | پوئلڳ، فرمانبردار |
| رهبانيت | عبادت، بندگي | | |

# مقدس توما حواري (St. Thomas the apostle)

(زندگي، ڪردار ۽ خدمتون)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ ڪان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- لفظ ”حواري“ جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي ٻارهن حوارين جا نالا ٻڌائي سگهندا.
- مقدس توما جي حالات زندگي بابت ٻڌائي سگهندا.
- جنهن خاص ڳالھ سبب ڪيس ياد رکيو وڃي ٿو ان کي بيان ڪري سگهندا.
- اخلاقي قدرن جي واڌاري لاءِ سندس ڪيل خدمتن کي ساراهي سگهندا.
- سندس اهم دستاويز بابت مختصر بيان ڪري سگهندا.

## حواري:



حواري جي معنیٰ ساٿي، مددگار ۽ تائيد ڪندڙ آهي. ان مان مراد حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جا اهي خاص شاگرد ۽ ساٿي آهن جيڪي ساڻس هميشہ گڏ هوندا هئا. جن جو تعداد ٻارهن آهي جن جا نالا هن ريت آهن.

1. شمعون پطرس 2. اندرياس 3. يعقوب بن زبدي 4. يوحنا 5. فلپ 6. برتل مائي 7. متي 8. توما 9. يعقوب بن حلفئي 10. تدائي 11. شمعون بن حلفئي ۽ 12. يهودا اسڪريوتي

## حالاتِ زندگي:

مقدس توما جي شروعاتي زندگي، پيدائش، خاندان ۽تعليم بابت تاريخ خاموش آهي، پر ان بابت چند اهم حقيقتون هيٺ بيان ڪجن ٿيون:

## حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي شاگردي:

مقدس توما کي جڏهن حضرت يسوع مسيح عليہ السلام پنهنجي حوارين جي جماعت ۾ شامل ڪيو تہ ان وقت هو يهودي هو. حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي

شاگردي قبول ڪرڻ کان پوءِ هن دل ۾ جان سان پنهنجي مرشد جي پيروي ڪئي. هڪ رات جڏهن هو عبادت ۾ مشغول هو، تڏهن حضرت يسوع مسيح عليہ السلام پنهنجي ٻارهن شاگردن کي گهرايو ۽ ڪين حڪم ڏنو تہ هو يهوديہ هليا وڃن، ڇاڪاڻ تہ ان وقت گهڻا ماڻهو حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي خلاف ٿي پيا هئا ۽ ماڻهن جو حضرت يسوع مسيح عليہ السلام ۽ سندن شاگردن تي ظلم انتها تائين پهچي چڪو هو. تڏهن پنهنجي يسوع مسيح جو فرمان ٻڌندي، هن پنهنجن ٻارهن ساٿين کي يسوع مسيح جي حڪم مڃڻ لاءِ همٿايو ۽ يهوديہ هليا ويا.

## مقدس توما جو ڪردار:

ڪردار ۽ شخصيت جي حوالي سان مقدس توما نهايت سنجيده ۽ خاموش طبيعت جو مالڪ هو، ڪافي سوچ ويچار ڪرڻ ۽ حقيقتن جي ڄاڪوڙ ۾ هر وقت تيار رهندو هو. مقدس توما حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي ٻيهر زندهہ ٿيڻ جي شاهديءَ جي حوالي سان پڻ سڃاتو ويندو آهي.

هڪ ڀيري حضرت يسوع مسيح عليہ السلام مُردن مان زندهہ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن پهريون ڀيرو شاگردن تي ظاهر ٿيو تہ هيءُ اتي موجود نہ هو، انهيءَ ڪري هن ان واقعي کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ ”جيستائين آءٌ پاڻ تصديق جي طور تي حضرت يسوع مسيح عليہ السلام کي نہ ڏسان، يقين نہ ڪندس“.

## حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جو ديدار:

ان کان پوءِ پاڻ حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي هٿن، پيرن ۽ پاسريءَ جي زخمن کي ڏسي، ڪيس سجدو ڪيو ۽ ”اي منهنجا خداوند، اي منهنجا خدا“ چئي نہ صرف پاڻ ايمان ۽ اقرار ڪيو، پر ٻين کي بہ ان بابت دعوت ڏنائين. انهيءَ واقعي جي ڪري ئي هن کي ”ٿامس شڪي“ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

## مقدس توما جون خدمتون:

پاڻ حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي حڪم سان رسالت جي دعوت جي سلسلي ۾ ننڍي کنڊ آيا. روايت آهي تہ پاڻ هندستان ۽ موجوده پاڪستان جي علائقن ٽئي ۽ ٽيڪسيلا تائين تبليغ ڪرڻ لاءِ آيا هئا. اهوئي سبب آهي جو کين ”رسولِ پاڪ و هند“ جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي. پاڻ جتي جتي ويا، اتي ڪليسائون ۽ گرجاگهر تعمير ڪرايائون. ننڍي کنڊ ۾ سندن خدمتن جي حوالي سان هتان جا ماڻهو ان ڳالهہ تي فخر ٿا ڪن تہ سندن جي ڪري کين حضرت يسوع مسيح عليہ السلام بابت ڄاڻ حاصل ٿي آهي.

پاڻ پنهنجي پوري زندگي معرفتِ مسيح ۽ ايمان جي تعليم ۾ مصروف رهيا ۽ ننڍي کنڊ ۾ حق جو پيغام پهچايائون.

## اهم دستاويز:

مقدس توما سان تعلق رکندڙ مکيہ دستاويز جو نالو آهي ”ايڪٽا تومائي Acta Thomae“، جيڪو ڪجهہ تبديلين سان يونان ۽ شام ۾ محفوظ آهي. ناقابل ترديد اهڃاڻ مان چئي سگهجي ٿو سندس اهليت باطني/ روحاني ڳالهين سان ٿي سگهي ٿو.

## وفات:

کين جولاءِ 72ع ۾ مائيلاپور (مدراس) جي هنڌ ان وقت نيزو هڻي قتل ڪيو ويو، جڏهن پاڻ دعوت جي ڪم ۾ مصروف هئا. کين ان هنڌ دفن ڪيو ويو، جتي پوءِ هڪ گرجاگهر تعمير ڪرايو ويو، جنهن کي ”مقدس توما ڪٿيڊرل (St. Thoma Cathedaral) جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. پاپاءِ اعظم پولوش ڇهين کين ننڍي کنڊ جو مُربّي قرار ڏنو آهي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

- مقدس توما کي ننڍي کنڊ ۾ ”پاڪ ۽ هِند جي رسول“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.
- پاڻ حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي ٻيهر زندهہ ٿيڻ جو ايستائين اقرار نہ ڪيو، جيستائين سندن پاڻ ديدار نہ ڪيو. انهيءَ ڪري کين ”ٿامس شڪي“ بہ چئجي ٿو.
- سندس مکيہ دستاويز ”ايڪٽا تومائي Acta Thomae“ يونان ۽ شام ۾ موجود آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جو شاگرد ڪنهن کي چئبو آهي؟
2. مقدس توما کي ”رسول“ جو لقب ڪنهن ڏنو؟
3. مقدس توما جي وفات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي؟
4. جتي مقدس توما جي جاءِ وفات تي ڪهڙي نالي سان گرجاگهر آهي؟
5. مقدس توما بابت نوٽ لکو.

(ب) صحيح جواب تي "✓" جو نشان لڳايو

1. ساٿي، مددگار ۽ تائيد ڪندڙ لفظن جون معنائون آهن:

(الف) حواري جون (ب) رسول جون

(ج) ناصري جون (د) مسيحي جون

2. حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي حوارين جو تعداد آهي:

(الف) 11 (ب) 12

(ج) 13 (د) 14

3. حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي شاگردي کان اڳ مقدس توما هو:

(الف) مقدس (ب) پوپ

(ج) يهودي (د) مسيحي

4. ٿامس شڪي سڏجي ٿو:

(الف) مقدس توما کي (ب) مقدس البرٽ کي

(ج) مقدس توما کي (د) مقدس پطرس کي

5. مقدس توما پنهنجي يارهن ساٿين سميت هليو ويو:

(الف) يروشلم (ب) جليل

(ج) يهوديہ (د) هيبرون

(ج) هيٺين مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مقدس توما کي پاڪ و چين جو رسول بہ سڏجي ٿو. | | |
| 2. پاڻ جتي ويو اتي ڪليسائون تعمير ڪرايائون. | | |
| 3. جڏهن حضرت يسوع مسيح عليہ السلام پاڻ کي شاگردن تي ظاهر ڪيو تہ مقدس توما اتي هو. | | |
| 4. مقدس توما حواري حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جوشاگرد هو. | | |
| 5. پاپاء اعظم مقدس توما کي ننڍي کنڊ جو مربي مقرر ڪيو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگرياڻيون هيٺين نڪتن تي ڳالهه ٻولهه ڪن:

- مقدس توما کي ”تامس شڪي“ ڇو چئبو آهي؟
- دعوت جي ڪم ۾ جان ڏيڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي ته اهي مقدس توما رسول جي زندگيءَ جي حالات بابت مختلف مذهبي ڪتابن مان معلومات حاصل ڪري چارٽ ناهي، ڪلاس ۾ ٽنگين ۽ نمائش جو پڻ بندوبست ڪن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| مُقدّس | پاڪ، سڳورو | تصديق | ثابتي، سچائيءَ جي تائيد |
| مُرشد | هدايت ڪندڙ | اقرار | وعدو، وچن، قول |
| پيروي | تابعداري | مَعرفت | خدا شناسي |
| انتها | پڄاڻي، پڇاڙي | مُربّي | تربيت ڪندڙ نپائيندڙ |

باب پنجون

# مذهبي ڏڻ

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- جاڻي سگهندا ته مکيہ مذهبن جا مذهبي ڏڻ سال ۾ ڪڏهن ملهايا ويندا آهن.
- انهن ڏڻن ملهائڻ جو سماجي ۽ مذهبي پس منظر ٻڌائي سگهندا.
- انهن ڏڻن ملهائڻ جي مختلف طريقن ذريعي پيدا ٿيندڙ اتحاد جو احساس ڪري سگهندا.
- هڪ ٻئي جي تهوارن جو احترام ڪري سگهندا.
- قومي يڪجهتي، مذهبي هم آهنگي ۽ باهمي نيڪ نيتي جهڙين خوبين کي ساراهي سگهندا.

## تعارف:

خوشي ۽ غمي انسان جون فطري ڪيفيتون آهن. فائدو، چڱائي ۽ ڀلائي ملڻ سان انسان کي خوشي ۽ سرور ملندو آهي. جڏهن ته نقصان ۽ برائي جي منهن پوڻ سان ماڻهو غمگين ۽ پريشان ٿي پوندو آهي.

هر مذهب خوشي چڱي نموني ملهائڻ ۽ غمي کي خوش اسلوبي سان نباهڻ سيکاري ٿو. خوشي ملهائڻ جا هر مذهب ۾ مختلف ڏهاڙا ۽ تاريخون ٿين ٿيون، جن تي عوامي دلچسپي جو لحاظ رکي ماڻهو مذهبي ريتن رسمن، پوڄا پاٺ ۽ ٻين سرگرمين ذريعي لطف اندوز ٿيندا آهن. جنهن جو مقصد قومي سطح تي سيني ماڻهن کي هم آهنگ ڪرڻ، انهن ۾ سهپ ۽ رواداري کي فروغ ڏيڻ آهي.

هن باب ۾ "عيدالاضحىٰ"، "ايسٽر"، "هولي" ۽ "نوروز" جي نالن سان مشهور ڏڻن بابت سبق ڏنا ويا آهن.

# عيدالاضحيٰ

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- عيدالاضحيٰ جي باري ۾ بيان ڪري سگهندا.
- ڄاڻي سگهندا ته عيدالاضحيٰ اسلامي سال جي ذوالحج مهيني ۾ ڏهين تاريخ ملهائي ويندي آهي.
- ڄاڻي سگهندا ته اهو ڏينهن حضرت ابراهيم عليه السلام جي ”سنت“ طور ملهايو ويندو آهي.
- ان موقعي تي ”جانورن جي قرباني ڪرڻ“ جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهندا.



عيدالاضحيٰ کي ”قربانيءَ واري عيد“ به چئبو آهي. هيءَ ذوالحج جي ڏهين تاريخ تي ملهائي ويندي آهي. هيءَ عيد اصل ۾ اُن قربانيءَ جي ياد ڏياريندي آهي، جنهن ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام مالڪِ حقيقي جي حڪم سان پنهنجي پياري پٽ حضرت اسماعيل عليه السلام کي مالڪِ حقيقيءَ جي نالي تي قربان ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ٻئي پيءُ ۽ پٽ مالڪِ حقيقيءَ جي دربار ۾ هن قربانيءَ لاءِ تيار ٿيا ۽ مالڪِ حقيقيءَ حضرت ابراهيم عليه السلام جي قربانيءَ کي قبول فرمائيندي حضرت اسماعيل عليه السلام جي جاءِ تي دنبي کي موڪليو. قرآن مجيد ۾ ان واقعي جو ذڪر هن طرح ڪيو ويو آهي:

”پوءِ جڏهن ساڻس گڏجي ڪم ڪار ڪرڻ (واريءَ عمر) کي پهتو (تڏهن ابراهيم) چيو ته اي منهنجا پُٽڙا! بيشڪ آءٌ ننڊ ۾ ڏسان ٿو ته آءٌ توکي ڪُهان ٿو پوءِ تنهنجو ڇا خيال آهي؟ چيائين ته اي مُنهنجا ابا! جنهن ڪم جو توکي حُڪم ڏنو وڃي ٿو سو ڪر، جيڪڏهن الله گهريو ته مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين. پوءِ جڏهن ٻنهي حُڪم مڃيو ۽ ابراهيم (پنهنجي) پُٽ کي پيشانيءَ ڀر ليٽايو ته کيس سڏيوسون: اي ابراهيم! بيشڪ تو خواب کي سچو ڪيو، بيشڪ اسين ڀلارن کي

اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون . بيشڪ اِها پڌري پَرکَ آهي. ۽ وڏي قربانيءَ جانور سان اُن جو عِوَض ڏنوسون. ۽ پوين ۾ (چڱي ساراهه) اُن لاءِ ڇڏي سون .

(الصّافّات: 102 کان 108)

عيدالاضحىٰ جو ڏڻ هن عظيم قربانيءَ جي ياد ۾ هر سال ملهايو ويندو آهي ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي سنت کي تازو ڪيو ويندو آهي. اهو ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ توڙي جو قربانيءَ جو گوشت ۽ رت مالڪِ حقيقيءَ تائين نٿو پهچي، پر انسان جي نيت ۽ پرهيزگاري ضرور مالڪِ حقيقيءَ تائين پهچي ٿي. ان جو ذڪر قرآن مجيد ۾ هن طرح ٿيو آهي:

نڪي انهن (قربانين) جو گوشت ۽ نڪي انهن جو رتُ الله کي پهچندو آهي پر اوهان جي پرهيزگاري الله کي پهچندي آهي. اهڙي طرح اهي (جانور) اوهان کي تابع ڪري ڏنائين تہ جيئن اوهين الله جي وڏائي (سندس شڪراني سببان) بيان ڪريو جو اوهان کي هدايت ڪيائين ۽ ڀلارن کي خوشخبري ڏي”. (الحج: 37)

مقصد هيءُ تہ عيدالاضحىٰ جو هيءُ ڏڻ اسلامي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾ انساني نفس کي پاڪ ڪرڻ سان گڏوگڏ اسلامي ڀائيچاري ۽ ايڪي کي وڌائڻ ۽ دنيا سان انسان دوستيءَ جي احساس کي زنده رکڻ آهي. هن موقعي تي مسلمان عيد نماز ادا ڪن ٿا. پوءِ سنت ابراهيميءَ جي پيروي ڪندي، خاص جانور مثال طور: دنبو، ٻڪري، مينهن، ڳئون يا اُٺُ وغيره ذبح ڪن ٿا. انهن جو گوشت غريبن، مسڪينن، مٽن مائٽن ۽ دوستن ۾ ورهائين ٿا. قربانيءَ جو هيءُ ڏينهن اسان کي تيار ڪري ٿو تہ اسان ضرورتمندن جي مدد لاءِ پاڻ کي هميشہ لاءِ تيار رکون ۽ پنهنجي پياري کان پياري شيءِ مالڪِ حقيقي جي نالي تي قربان ڪريون.

## هن سبق مان معلوم ٿيو تہ:

- عيد خوشيءَ ۽ جشن جو ڏينهن آهي.
- عيدالاضحىٰ اسان کي حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل جي قربانيءَ جي ياد ڏياري ٿي.
- عيد جي ڏينهن اسان مالڪِ حقيقيءَ جا ٿورا مڃڻ سان گڏوگڏ پنهنجي پرهيزگاريءَ جو وعدو بہ ڪندا آهيون.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. عيدالاضحىٰ جو اصل مقصد ڪهڙو آهي؟
2. عيدالاضحىٰ کي ”قربانيءَ واري عيد“ چو چئبو آهي؟
3. نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ سان گڏ هيءُ ڏڻ ڪهڙن اهم پيغامن جي نشاندهي ڪري ٿو؟
4. عيدالاضحىٰ سان لاڳاپيل تاريخي واقعي بابت نوٽ لکو.
5. قربانيءَ وارو واقعو ڪٿي پيش آيو؟

**(ب) هيٺيان خال ڀريو:**

1. عيدالاضحىٰ کي ________ به سڏبو آهي.
2. مالڪِ حقيقيءَ جي حڪم سان حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي ________ کي ذبح ڪرڻ جو ارادو ڪيو.
3. حضرت اسماعيل جي جڳهه تي هڪ ________ قربان ٿي ويو.
4. عيدالاضحىٰ ________ جي يادگيري ۾ ملهائي ويندي آهي.
5. هيءَ عيد اسان کي پنهنجي ________ ۾ ________ شيءِ قربان ڪرڻ جو درس ڏئي ٿي.

**(ج) هيٺين مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:**

| جملا | صحيح | غلط |
| --- | --- | --- |
| 1. قربانيءَ جو گوشت صرف پنهنجي لاءِ هوندو آهي. | | |
| 2. حضرت ابراهيم عليہ السلام کي خط مليو تہ پنهنجي پٽ کي ذبح ڪر. | | |
| 3. سندس پٽ جي جاءِ تي هڪ ٻڪرو قربان ٿي ويو. | | |
| 4. هن ڏينهن تي مسلمان ڦٽاڪا ڇوڙيندا آهن. | | |
| 5. جانورن جو گوشت ۽ رت مالڪِ حقيقي وٽ پهچي ٿو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردي ۽ شاگردياڻيون هينين نڪتن تي ڳالهه ٻولهه ڪن:

- پرهيزگاري مالڪِ حقيقي جي هڪ پسنديده اعليٰ صفت آهي.
- عيدالاضحيٰ اسان کي ٻين جي لاءِ همدردي جو احساس ڏياري ٿي.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي ته اهي عيدالاضحيٰ جي مناسبت سان اخبارن ۽ رسالن مان مضمون ڳڌ ڪري، ڪلاس جي نوٽيس بورڊ تي لڳائين.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ايڪو | اتحاد، ٻڌي | پَرک | سجاڳپ، آزمائش |
| ڏنبو | گهيٽو | عِوَض | بدلو، اجورو |
| پڌري | ڪُلي، چٽي | ٿورا مڃڻ | ڳڻ ڳائڻ، احسان قبول ڪرڻ |
| ذوالحج | اسلامي ڪيلينڊر جو آخري مهينو | | |

# ايسٽر

(Easter، عيد قيام مسيح)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا تہ اهي:

- ايسٽر بابت ٻڌائي سگهندا.
- ايسٽر ملهائڻ جي اهميت بابت ڳالھ ٻولھ ڪري سگهندا.
- ڄاڻي سگهندا تہ سال جي ڪهڙي ڏينهن ايسٽر ملهايو ويندو آهي.
- ”ايسٽر ايگ“ جي اهميت بيان ڪري سگهندا.

مسيحي سال جي هڪ وڏي عيد ايسٽر آهي، جيڪا حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي مُردن مان زندهہ ٿيڻ جي ياد ۾ ملهائي ويندي آهي. هن عيد جي تاريخ ڄاڻڻ جو طريقو هيءُ آهي تہ 21 مارچ کان پوءِ جنهن تاريخ تي جڏهن چنڊ پورو هجي، ان کان پوءِ ايندڙ پهريون آچر ايسٽر هوندو. پر جيڪڏهن پورو چنڊ پهرئين آچر تي ٿئي تہ ان کان پوءِ اچڻ وارو آچر ايسٽر هوندو.

حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جو مُردن مان زندهہ ٿيڻ بائيبل مقدس جي گهڻين پيش گوئين جي تڪميل آهي. حضرت يسوع مسيح عليہ السلام پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان فرمايو:

”هن انهن کي چيو تہ ائين حيران نہ ٿيو. توهان يسوع ناصري کي، جيڪو ڦاهي تي چاڙهيو ويو هو، ان کي ڳوليو ٿيون. اهو تہ زندهہ ٿي چڪو آهي. هو هتي ناهي. ڏسو، هيءَ اها جاءِ آهي، جتي انهن کيس رکيو هو. پر توهان وڃي ان جي شاگردن ۽ پطرس کي چئو تہ هو توهان کان اڳ جليل ڏانهن ويندو. توهان هن کي اتي ڏسندؤ جيئن هن توهان کي چيو آهي“. (مرقس 16 :6-7)

پوءِ حضرت يسوع مسيح عليہ السلام سندن چوڻ موجب ٽئين ڏينهن تي زندهہ ٿي اٿيو.

حضرت يسوع مسيح عليہ السلام گهڻن ئي ثبوتن ذريعي پنهنجو پاڻ کي زندهہ ثابت بہ ڪيو. جيئن سندس يارهن شاگردن کين ڏٺو. مهاڻن بہ کين ڏٺو هو. (متي: باب 28 آيت 1-8)

مريم مگدليني پڻ ڪين ڏٺو هو. هڪ ڀيرو 500 ماڻهن گڏجي ڪين ڏٺو هو. (متي: باب 16 آيت 1 کان 11 تائين- مرقس، باب 27 آيت 53، باب 28: آيت 2 کان 15 تائين)

انجيل مقدس ۾ لکيل آهي تہ:

”جيڪڏهن يسوع مسيح مُردن مان زنده ناهي ٿيو تہ اسان جو ايمان آڻڻ بي فائدو آهي ۽ اسان اجا تائين گناهہ جي زندگي گذاري رهيا آهيون ۽ اسان جي بچڻ جي ڪابہ اميد ناهي“. (روميون باب 4 آيت 25، پطرس باب2 آيت: 13)

پوري دنيا جا مسيحي ان ڳالهہ تي ايمان رکندا آهن تہ حضرت يسوع مسيح عليہ السلام مرڻ بعد، ٽئين ڏينهن مُردن مان جيئرو ٿيو هو. ۽اهي انهيءَ خوشيءَ جي ياد ۾ ”ايسٽر“ يا ”عيدِ قيامِ مسيح“ ملهائيندا آهن. پوري دنيا جا مسيحي ۽ پاڪستاني مسيحي هن ڏڻ کي شان ۽ شوڪت سان ملهائيندا آهن ۽ پنهنجي نجات جي ايمان تي پختو ٿيڻ جو عزم ڪندا آهن. ان ڏينهن گرجاگهرن ۾ عبادتون ڪيون وينديون آهن، جن ۾ رواداري، پيار، محبت ۽ قربانيءَ جا سبق ڏنا ويندا آهن.

ايسٽر واري ڏينهن گهرن ۾ منايون ورهائبيون آهن. سُنا ڪاڏا پچائبا آهن ۽ سيئي گهروارا گڏجي کائيندا آهن. ٻين مذهبن جا ماڻهو بہ هن موقعي تي پنهنجن مسيحي ڀائرن کي مبارڪباد ڏيندا آهن ۽ انهن جي خوشين ۾ شامل ٿيندا آهن. مطلب تہ هي مذهبي ڏڻ، ثقافتي ڏڻ جي صورت ۾ ڀائيچاري، يڪجهتي ۽ پيار محبت جي جذبن جي عڪاسي ڪري ٿو.

هن ڏڻ تي ايسٽر بيضا ڪاڏا ويندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي سوکڙي طور بہ ڏنا ويندا آهن. اڄڪلهہ اصلي بيضن بجاءِ هٿرادو بيضا جن ۾ چاڪليٽ ڀريل هوندو آهي خاص طور تي ٻارن کي ڏنا ويندا آهن. ايسٽر بيضا حضرت يسوع مسيح عليہ السلام کي صليب ڏيڻ بعد وري جيئرو ٿيڻ جي ياد ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن ڇاڪاڻ تہ بيضو زرخيزي ۽ حياتي جي علامت هوندو آهي.

### هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

- مسيحيت ۾ ايسٽر هڪ نهايت ئي اهم عيد آهي، جيڪا حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي ٻيهر زنده ٿيڻ جي ياد ۾ ملهائي ويندي آهي.
- پوري دنيا جا مسيحي ان ڳالھ تي ايمان رکن ٿا تہ حضرت يسوع مسيح عليہ السلام انهن کي نجات ڏياريندڙ آهي ۽ هو پنهنجي رحمت سان سندن سيني مسئلن حل ڪرڻ ۾ انهن جي مدد ڪندڙ آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. ايسٽر جي تاريخ چاڻڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟
2. مسيحي ايسٽر ڇاڪاڻ ملهائيندا آهن؟
3. پوري دنيا جا مسيحي ايسٽر جو ڏڻ ڪيئن ملهائيندا آهن؟
4. ايسٽر بابت هڪ نوٽ لکو.
5. ايسٽر بيضن جو مطلب ڇا آهي؟

**(ب) صحيح جواب تي "✓" جو نشان لڳايو**

1. ايسٽر کي سنڌي ۽ اردو ۾ سڏجي ٿو:

(الف) عيد قيام مسيح (ب) ڪرسمس
(ج) ويساکي (د) عيد

2. ايسٽر حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جي ملهائبي آهي:

(الف) ولادت جي ڪري (ب) وفات جي ڪري
(ج) ٻيهر زنده ٿيڻ جي ڪري (د) الهام نازل ٿيڻ جي ڪري

3. مسيحين جو عقيدو آهي حضرت يسوع مسيح عليہ السلام وفات بعد زنده ٿيو:

(الف) ٻن ڏينهن کان پوءِ (ب) ٽن ڏينهن کان پوءِ
(ج) چئن ڏينهن کان پوءِ (د) پنجن ڏينهن کان پوءِ

4. هڪ پيرو حضرت يسوع مسيح عليہ السلام کي ڳڏجي ماڻهن ڏٺو:

(الف) 400 (ب) 500
(ج) 300 (د) 100

5. ايسٽر جو خاص طعام آهي:

(الف) ساڳ (ب) سيويون
(ج) گوشت (د) بيضا

(ج) هيٺين مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. حضرت يسوع مسيح عليہ السلام جو زنده ٿيڻ بائبل جي پيشن گوئي جي تڪميل آهي. | | |
| 2. حضرت يسوع مسيح عليہ السلام کي مهاڻن بہ ڏنو. | | |
| 3. ايسٽر پارسين جي اهم عيد آهي. | | |
| 4. ايسٽر بيضن ۾ ڪيرڙي پيل هوندي آهي. | | |
| 5. ايسٽر بيضا زرخيزي ۽ حياتي جي علامت آهن. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگرياڻيون مسيحيت جا مذهبي ڏينهن جا نالا ۽ انهن جي مختصر تعارف لکن ۽ ڪلاس ۾ انهن جو مذاڪرو منعقد ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي تہ اهي ايسٽر جي ڏڻ جي مناسبت سان مختلف گروپن ۾ ايسٽر جي ڪهاڻين کي ڪردار نگاري يا رول پلي (Role play) جي ذريعي پيش ڪن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| صليب | ڪرستانين جي خاص نشاني | فُصح | يهودين جي عيد جو نالو |
| تڪميل | پورائي | ثبوت | ثابتي، دليل |
| گوئي | اڳڪٿي | پختو | پَڪو، مضبوط |
| عَزم | ارادو، خواهش، نيت | نجات | معافي، بخشش |
| ثقافت | تهذيب | عڪاسي | نمائندگي |

# هولي (Holi)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- هولي بابت ٻڌائي سگهندا.
- ڄاڻي سگهندا ته هولي سال جي بهار ۽ سياري واري سنگم تي ملهائي ويندي آهي.
- هولي ملهائڻ جو پس منظر بيان ڪري سگهندا.
- هڪ ٻئي مٿان ”رنگ هارڻ“ واري رسم جي وضاحت ڪري سگهندا.
- چمڙي کي نقصان نه پهچائيندڙ رنگ جي استعمال جي اهميت ٻڌائي سگهندا.



هندو مذهب جي اهم ۽ وڏن ڏڻن مان هڪ هولي به آهي، جيڪا بسنت يعني بهار جي موسم ۾ ملهائي ويندي آهي. هن ڏڻ ۾ رات جو هوليءَ جي باهه ٻاري ويندي آهي، جنهن کي ”هولڪا دهن“ چئبو آهي، جنهن جو مقصد ان واقعي جي ياد کي تازو ڪرڻ هوندو آهي، جڏهن ڀڳت پرهلاد جي جان کي خطرو هو ته ڀڳوان، پرهلاد جي باهه ۾ حفاظت ڪئي هئي ۽ هندو ياتر پرهلاد جي فتح جي خوشيءَ ۾ هوليءَ جو ڏڻ ملهائيندا آهن. اصل ۾ پرهلاد جي فتح بدي ۽ شيطاني طاقتن تي نيڪي ۽ ديويءَ جي طاقتن جو غالب اچڻ آهي. ڪوڙ جي مقابلي ۾ سچ کي سوڀارو ٿيڻو آهي.

آڳاٽي ڳالهه آهي ته ڪنهن وقت ۾ هڪ راجا هرناڪشپ ڪشمير کان ملتان تائين راڄ ڪندو هو. جوانيءَ ۾ اهو راجا وڏو عبادت گذار هو ۽ سندس اها دعا قبول ٿي چڪي هئي ته ڪيس موت اهڙي وقت اچي، جڏهن نه ڏينهن هجي ۽ نه رات هجي، نه زمين تي مري، نه فضا ۾. انهيءَ ڪري ڪيس اهو وهم ٿيو هو ته هو ڪڏهن به نه مرندو. جڏهن ڪيس پنهنجي اَمر ٿيڻ جو يقين ٿيو ته هن خدائيءَ جي دعوىٰ ڪئي ۽ پنهنجي عوام کي مجبور ڪيائين ته هو ڪيس پنهنجو رب مڃين ۽ هن کي ئي سجدو ڪن. ڪجهه وقت کان پوءِ ڪيس اولاد پيدا ٿيو ۽ ڀڳوان ڪيس هڪ پٽ ڏنو، جنهن جو نالو ”پرهلاد“ رکيو ويو.

ان وقت جي دستور موجب جڏهن پرهلاد جي عمر چار سال، چار مهينا ۽ چار ڏينهن ٿي ته کيس هڪ آچاريه جي گروڪل ۾ موڪليو ويو. گروڪل اُن وقت اهڙو اسڪول هوندو هو، جنهن ۾ راجڪمارن کي شاهي آداب ۽ رسمن مطابق سکيا ڏني ويندي هئي. پرهلاد گروڪل ۾ هندومت جي مقدس ڪتابن، ويدن، اپنشدن ۽ پُرانن جي تعليم حاصل ڪئي. ٻارهن سال تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن پرهلاد گهر موٽيو، ڏٺائين ته مندرن ۾ روشني ٿي رهي هئي ۽ ماڻهو هرناڪشپ جي مُورت کي سجدو ڪري رهيا هئا. کيس اُتي خبر پئي ته سندس پيءُ خدائيءَ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ مندرن ۾ پنهنجون مورتيون نهرائي ماڻهن کان زبردستيءَ پاڻ کي سجدو ڪرائي ٿو.

پرهلاد مندر جي ماڻهن کي چيو ته منهنجو پيءُ ته فاني آهي. اسان کي ته ڀڳوان جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري هن هرناڪشپ کي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪيو. جيستائين پرهلاد پنهنجي ڳالهه تي قائم رهيو، تيستائين هرناڪشپ کيس مختلف تڪليفون ڏيندو رهيو. ايستائين جو هن پنهنجي پٽ کي درياهه ۾ اڇلايو. وري جبل کان هيٺ ڪيرايائينس، پر پرهلاد هر ڀيري بچي ويو. نيٺ هرناڪشپ کي شڪست نصيب ٿي ۽ هو پنهنجن درٻارين سميت هلاڪ ٿي ويو. جڏهن ته مالڪِ حقيقيءَ جي مرضيءَ سان سندس ڀڳت پرهلاد زنده رهيو. مالڪِ حقيقيءَ پرهلاد کي چيو:

ترجمو: اي پرهلاد! منهنجي مهربانيءَ سان تون سيني مشڪلاتن ۽ آزمائشن ۾ محفوظ رهيو آهين. جيڪڏهن تون نرواڻ (نجات) چاهين ٿو ته منهنجي هدايت تي عمل ڪندو رهه. (وشنو پران 1/20/28)

هوليءَ جو ڏڻ پرهلاد جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ڏينهن سچ سوڀارو ٿيو ۽ ڪوڙ کي شڪست ٿي. ان ڏينهن ڇتائون ناهي انهن ۾ هوليءَ جو پتلو ساڙي جڻ ته اهو عهد ڪيو ويندو آهي ته پرميشور جو نالو هميشه رهندو. اهڙيءَ طرح هوليءَ جو ڏڻ خوشيءَ ۽ رنگن جو ڏڻ بڻجي ٿو، جنهن ۾ ماڻهو هڪ ٻئي تي رنگن جو مينهن وسائيندا آهن، جنهن سان پيار ۽ محبت ظاهر ٿيندي آهي.

پاڪستان ۾ هندو برادريءَ گهڻو تڻو سنڌ ۾ رهي ٿي. اهي سڀ هوليءَ جي ان ڏڻ کي نهايت شان ۽ شوڪت سان ملهائيندا آهن. پوري دنيا جا سيئي هندو ڀائر هڪ ٻئي جي لاءِ خوشيءَ جو پيغام موڪليندا آهن.

”ڪنهن کان مالڪِ حقيقي پري ناهي ٿيندو ۽ ڪير مالڪِ حقيقيءَ کان پري ناهي هوندو؟“

شلوڪ 6/ 30: ”جيڪو يوگي مون کي هر هنڌ ڏسندو آهي ۽ سڀ ڪجهه مون ۾ ڏسندو آهي، آءٌ ڪڏهن به ان کان پري ناهيان ٿيندو ۽ نه ئي هو مون کان پري ٿيندو آهي“. (شريمد ڀڳود گيتا)

هولي ملهائڻ وقت رنگ اهڙا استعمال ڪرڻ گهرجن جيڪي اکين ۽ چمڙي لاءِ هاڃيڪار نه هجن.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:

- هندوئن ۾ هولي بسنت يعني بهار جي موسم جي آمد جي طور ملهائبي آهي. هوليءَ جو ڏڻ پرهلاد جي سوڀ جي خوشيءَ ۾ ملهائبو آهي.
- ان ڏينهن جو اهم مقصد پنهنجو پاڻ کي برائين کان پري ڪري، نيڪين کي اختيار ڪرڻ آهي ۽ هوليءَ جي رنگن سان پنهنجي دل ۽ روح کي روشن ڪرڻ آهي.
- هولي رنگن جو ڏڻ آهي، جنهن ۾ ماڻهو هڪ ٻئي تي رنگن جو مينهن وسائيندا آهن.
- هوليءَ جو اهو ڏڻ سچ جي سوڀ ۽ ڪوڙ جي شڪست جي ياد ۾ پتلو ساڙي ملهائبو آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. هوليءَ جو پيغام ڪهڙو آهي؟
2. هولي ڏڻ جو تاريخي پس منظر لکو.
3. هندو ڀائر هوليءَ جو ڏڻ ڪيئن ملهائيندا آهن؟
4. هوليءَ جي ڏڻ بابت نوٽ لکو.
5. پرهلاد مندر جي ماڻهن کي ڪهڙي ڳالهه چئي؟

(ب) هيٺيان خال ڀريو:

1. هولي ______ جو ڏڻ آهي.
2. هولي جو ڏڻ ______ جي سوڀ جي خوشيءَ ۾ ملهايو ويندو آهي.
3. هوليءَ جو مقصد پنهنجي پاڻ کي ______ کان پري ڪرڻ آهي.
4. رنگن هارڻ جو مقصد پنهنجي ______ ۽ ______ کي روشن ڪرڻ آهي.
5. هن موقعي تي ماڻهو هڪ ٻئي تي ______ وسائيندا آهن.

(ج) هيٺين مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. هولي ۾ اهڙا رنگ استعمال ڪجن جيڪي هاڃيڪار نہ هجن. | | |
| 2. پرهلاد خدائي جي دعويٰ ڪئي هئي. | | |
| 3. ماڻهو هرناڪشپ کي سجدو ڪري رهيا هئا. | | |
| 4. هوليءَ رات باهہ ٻارڻ کي ”هولڪا دهن“ سڏبو آهي. | | |
| 5. هولي سياري جي مند ۾ ملهائي ويندي آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون هيٺين نڪتن تي ڳالھ ٻولھ ڪن:

- حق ۽ باطل جي جنگ ۾ سوڀ هميشہ سچ يعني حق جي ٿيندي آهي.
- سچائي اسان جي زندگيءَ جو مقصد آهي، جيئن پرهلاد جي سوڀ ٿي.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي تہ اهي هوليءَ جي موقعي تي تقريب منعقد ڪن. استادن ۽ منتظمِ اعليٰ کي ان تقريب ۾ گهرائين.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بَسنت | بهار | اَڌرم | نا انصافي، ظلم، گناهہ |
| نهند | رَهڙ، رانبوتو | راڄُ | بادشاهي |
| يوگ | هندوئن جي خاص عبادت جو قسم | اَمر | لازوال، غيرفاني، اَمٽُ |
| سوڀارو | ڪامياب | نِشچل | قائم |
| ڪِرپا | مهرباني، ٻاجهہ | است | ڪوڙ، بي انصافي |
| پُراڻ | مقدس ڌرمي ڪتاب | هولڪا دهن | هولڪا کي ٻارڻ |
| گُروڪل | سڪول | | |

# نوروز (Nauroz)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن قابل ٿيندا ته اهي:

- نو روز جي اهميت بيان ڪري سگهندا.
- ان ڳالهه کي ساراهي سگهندا ته اهو ڏهاڙو مختلف عقيدا رکندڙ ماڻهن پاران ملهايو ويندو آهي.
- ان ڏڻ کي بطور انساني ثقافتي ورثي جي اهميت بابت ڄاڻي سگهندا.
- ان ڏڻ اچڻ تي پاڻ کي پرجوش محسوس ڪندا.

”نو روز“ فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنىٰ آهي ”نئون ڏينهن“. زرتشت مذهب ۽ اسلام کي مڃيندڙن مان ڪجهه ماڻهو هيءُ ڏڻ هر سال 21 مارچ تي ملهائيندا آهن. ان ڏينهن زمين، سج جي چوڌاري پنهنجو ساليانو چڪر پورو ڪري، نئين ڦيري جي شروعات ڪندي آهي. انهيءَ مناسبت سان اهو ڏينهن گهڻي خوشي ۽ عَقيدت سان ملهايو ويندو آهي. 21 مارچ تي ڏينهن ۽ رات برابر هوندا آهن ۽ بهار جي موسم جي شروعات هوندي آهي.



تاريخي روايتن مطابق نوروز جي ڏڻ جي شروعات لڳ ڀڳ اڍائي هزار سال اڳ ايران جي بادشاهه جمشيد ڪئي هئي. هن نوروز کي قومي ڏڻ قرار ڏنو هو. ان موقعي تي شاهه جمشيد درٻارين ۾ انعام ورهائيندو هو ۽ ضرورت موجب عهديدارن ۾ تبديليون ۽ نيون مقرريون ڪندو هو. نوروز جي موقعي تي ملڪ جي ڏورانهن علائقن مان ماڻهو پنهنجي شهنشاهه وٽ تحفا کڻي ايندا هئا، جن ۾ سايون (green) شيون ۽ سبزيون وغيره به هونديون هيون. ان کان سواءِ ماڻهو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي تحفا به ڏيندا رهندا هئا. نو روز جو جشن زرتشت مذهب جي مڃيندڙن لاءِ اهم آهي. مطلب ته ان

وقت کان ونئي، اڄ ڏينهن تائين نو روز زرتشت مذهب جي مڃيندڙن جو اهم ڏڻ، جڏهن تہ ايران جو قومي ڏڻ هلندو پيو اچي. اهو هر سال وڏي شان ۽ شوڪت سان ملهايو ويندو آهي. نو روز جون تقريبون بهار جي آمد کان ڪيترن ئي ڏينهن تائين جاري رهنديون آهن.

نو روز جي ڏينهن زرتشت مذهب جا ماڻهو وڏا روايتي دسترخوان وڇائيندا آهن. سندن خيال موجب دسترخوان زندگي، صحت، دولت جي واڌاري، محبت، صبر ۽ خلوص کي ظاهر ڪري ٿو. نو روز جي موقعي تي ستن خاص شين جي استعمال جو خيال رکيو آهي، جيڪي هن ريت آهن:

| شمار | شيون | معنيٰ | تصوّر يا عقيدو |
|---|---|---|---|
| .1 | سبزي | ڪڻڪ، جَو، مهري | روحاني پختگيءَ لاءِ |
| .2 | ساماڻو | هڪ مٺي ڊِش | دولتمنديءَ جي نشاني |
| .3 | صوف | ميوو | صحت ۽ سونهن جي نشاني |
| .4 | سنجيد | جهنگلي زيتون، سُڪل ميوو | محنت کي ظاهر ڪري ٿو |
| .5 | سير | ٿوم | صحت کي ظاهر ڪري ٿو |
| .6 | سماق | هڪ وڻ جو نالو | نيڪيءَ جي بديءَ تي فتح کي ظاهر ڪري ٿو |
| .7 | سِرڪو | سرڪو | صبر کي ظاهر ڪري ٿو |

مٿين ستن خاص شين جي مدد سان دسترخوان کي خوبصورت ۽ موهيندڙ انداز ۾ سجايو ويندو آهي ۽ خاندان جا سيئي فردَ دسترخوان کي سينگارڻ ۾ شريڪ هوندا آهن.

مطلب تہ نو روز جو ڏينهن مالڪِ حقيقيءَ جي ڏنل اڻ کٽ رحمتن ۽ برڪتن جو احساس ڏياريندو آهي. سيئي ماڻهو پنهنجي مالڪِ حقيقيءَ سان وعدو ڪندا آهن تہ هو ان سان محبت کي جاري رکندا ۽ سندس حڪم موجب عمل ڪندا ۽ ان سان گڏ سندس مخلوق سان سهڻو سلوڪ ڪندا ۽ رواداريءَ سان پيش ايندا.

نو روز جو ڏڻ مالڪِ حقيقيءَ جي رحمتن ۾ واڌاري سان گڏوگڏ شڪرانو ادا ڪرڻ جو ڏينهن پڻ آهي ۽ اهو ڏينهن انسان دوستيءَ جي جذبي جي پرچار پڻ ڪري ٿو.

هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

- ايرانين وٽ نو روز عيد جو جشن آهي، جيڪو اڍائي هزار سال اڳ ايران جي بادشاهہ جمشيد شروع ڪيو هو.
- نو روز هر سال 21 مارچ تي ملهائبو آهي، جنهن ڏينهن زمين سج جي چوڌاري پنهنجو چڪر پورو ڪري، نئين سفر جي شروعات ڪندي آهي.
- نو روز جو جشن زرتشت مذهب کان سواءِ ايران ۽ وچ ايشيا جا مسلمان بہ ملهائيندا آهن.
- نو روز جو ڏڻ نئين اميد جو پيغام آڻيندو آهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. ”نو روز“ ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي؟
2. هن سبق ۾ 21 مارچ بابت ڪهڙي اهم ڳالهہ جو ذڪر آهي؟
3. ايران ۾ نوروز جي ڏڻ جي شروعات ڪڏهن تي ۽ ڪنهن ڪئي؟
4. ”نو روز“ جي ڏينهن ڪهڙيون تقريبون ٿينديون آهن؟
5. ”نو روز“ بابت هڪ نوٽ لکو.

(ب) صحيح جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو

1. لفظ ”نو روز“ ٻوليءَ مان ورتل آهي:

(الف) فارسي مان — (ب) عربي مان
(ج) اردو مان — (د) سنڌي مان

2. لفظ ”نو روز“ جي معنيٰ آهي:

(الف) نائون ڏينهن — (ب) نئون ڏينهن
(ج) پهريون ڏينهن — (د) وڏو ڏينهن

3. نو روز ڪي بادشاهہ قومي ڏڻ قرار ڏنو هو:

(الف) خسرو — (ب) خميني
(ج) جمشيد — (د) احمد نژاد

4. نو روز ڏڻ مذهب جا پوئلڳ ملهائيندا آهن:

(الف) اسلام جا (ب) يهوديت جا

(ج) مسيحيت جا (د) زرتشت مذهب جا

5. نو روز ۾ دسترخوان جي شين جو تعداد آهي:

(الف) 4 (ب) 5

(ج) 6 (د) 7

(ج) هيٺين مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. نو روز پاڪستانين جو قومي ڏينهن آهي. | | |
| 2. نو روز اڍائي هزار سالن کان ملهايو وڃي ٿو. | | |
| 3. نو روز هر سال 25 ڊسمبر تي ملهايو ويندو آهي. | | |
| 4. 21 مارچ تي ڏينهن وڏو ۽ رات ننڍي هوندي آهي. | | |
| 5. نو روز مالڪِ حقيقي جي نعمتن جي شڪراني جو ڏينهن آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون هيٺين نُڪتن تي ڳالهه ٻولهه ڪن:

- نو روز جو ڏڻ هن ڪائنات ۽ فطرت سان بالڪل ويجهو آهي.
- نو روز ڏڻ تي مذهبي ۽ ثقافتي پهلوئن تي ڳالهه ٻولهه.
- عملي زندگيءَ ۾ نو روز جو اميد ۽ امن جو پيغام.

## استادن لاءِ هدايتون

- شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي ته اهي نو روز جي روايتي دسترخوان جون تصويرون گڏ ڪن ۽ استاد ان جي حقيقت ۽ معنويت تي ڳالهه ٻولهه ڪن.
- شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو وڃي ته اهي هن ڳالهه جو عهد ڪن ته نو روز جي ڏڻ جي مناسبت سان پنهنجين براين کي ڇڏيندا ۽ نيڪين کي اختيار ڪندا.
- شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سٺين عادتن جي فهرست ٺاهڻ لاءِ همٿايو وڃي.



## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| عَقيدت | دل جو ڀروسو، يقين | سونهن | خوبصورتي |
| لِڳ ڀڳ | اَٽڪل، اندازًا | موهيندڙ | دل کي وڻندڙ |
| ڏورانهن | پري پنڌ وارو | پرچار | تبليغ |
| شان ۽ شوڪت | دٻدٻو، رُعب | | |